ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 27 نومبر 2025ع 05 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (104)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۽ بحرين جو واپار هڪ ارب ڊالر تائين وڌائڻ ۽ ويزا جي شرطن ۾ نرمي تي اتفاق

وزيراعظم شهباز شريف جي بحرين جي بادشاهه حمد بن عيسيٰ الخليفه سان ملاقات، مختلف شعبن سميت ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق، مضبوط ۽ تاريخي حصيداري تي ڳالهه ٻولهه

بحرين کي اهو اعزاز حاصل آهي ته قائداعظم محمد علي جناح بحرين جي قانوني نمائندگي ڪئي، بحرين جي بادشاهه ٻڌايو ته سندس رڪارڊ ۾ موجود دستاويز موجب محمد علي جناح بحرين جو وڪيل رهيو: بحرين جو بادشاهه

پراڻي دفاعي حصيداري جي اهميت جو ورجاءُ، وزيراعظم، شاندار استقبال تي حمد بن عيسيٰ الخليفه جا ٿورا مڃيا ۽ پاڪستان سان بحرين جي پراڻي خيرسگالي کي ساراهيو، ٻطرفي واپار وڌائڻ لاءِ تيار آهيون: شهباز شريف

سياسي، اقتصادي، دفاعي ۽ ثقافتي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو، وزيراعظم، گڏيل ايمان ۽ گڏيل احترام تي ٻڌل ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

غزه جي عوام، جيڪا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مصيبتن جو شڪار آهي، ان جي لاءِ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ انتهائي خوش آئنده آهي: وزيراعظم شهباز شريف ۽ بحرين جي بادشاهه حمد بن عيسيٰ ۾ اتفاق

بحرين جو هي دورو پاڪستان ۽ بحرين وچ ۾ پائيدار دوستي ۽ تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪندو، بحرين جي بادشاهه، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پاڪستاني وفدن جي اعزاز ۾ مانجهاندو پڻ ڏنو

مناما (اي پي پي) پاڪستان ۽ بحرين سياسي،اقتصادي، دفاعي ۽ ثقافتي شعبن سميت ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪندي پراڻي دفاعي حصيداري جي اهميت جو ورجاءُ ڪيو آهي جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف بحرين سان بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

مناما،بحرين: بحرين جي بادشاهه حمد بن عيسيٰ الخليفا وزيراعظم محمد شهباز شريف کي بحرين جو آرڊر (فرسٽ ڪلاس) ڏئي رهيو آهي

ورلڊ بينڪ پاران سنڌ حڪومت جي شفاف حڪمت عملي بهتر انتظامي قدمن تي اعتماد جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر حسين شاهه سان ورلڊ بينڪ مشن جي وفد جي اهم ملاقات ۾ ڪراچي ۾ جاري ڪلڪ (CLICK) پروجيڪٽ سميت بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

وزيراعظم شهباز شريف ٻن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي بحرين جي گادي واري شهر مناما پهچي ويو

مناما (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ٻن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي بحرين جي گادي واري شهر مناما پهچي ويو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

ملڪي سلامتي سيڪيورٽي ۽ شهرين جي تحفظ تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي نه ڪئي ويندي: فيلڊ مارشل

27هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن جي ايچ ڪيو جو دورو ڪيو، پڙهيهي حمايت يافته دهشتگردي ۽ ڏکين چئلينجز باوجود هٿياربند فوجون قومي سلامتي لاءِ پُرعزم آهن: پاڪ فوج جو سربراهه

انٽيليجنس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به قومي سلامتي لاءِ پيشيورانه مهارت ۽ عزم جو مظاهرو ڪري رهيا آهن، علائقائي صورتحال تيزي سان بدلجي رهي آهي، جيڪو پوليٽيڪل مقابلو وڌي رهيو آهي

سرحد پار دهشتگردي ۽ هائبرڊ حربن جا اثر واضح آهن. پاڪستان هڪ اهم ملڪ آهي ۽ پنهنجي حيثيت موجب ذميوارين کي پوري ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي، اسان جي سڀ کان وڏي طاقت قومي ايڪو آهي

اسان پنهنجي دشمنن جا سمورا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائينداسين، پائيدار امن، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ گڏيل قومي ڪوششون ۽ ادارتي هم آهنگي انتهائي ضروري آهي: فيلڊ مارشل عاصم منير جو ڪانفرنس ۾ خطاب

شرڪت ڪندڙن کي منشيات جي سمگلنگ ۽ منظم ڏوهاري نيٽ ورڪن خلاف آپريشنز، بهتر بارڊر ڪنٽرول ۽ غير قانوني پرڏيهي شهرين جي واپسي واري معاملي تي تازي اڀرائي بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فيلڊ مارشل عاصم منير چيو آهي ته پرڏيهي حمايت يافتا دهشتگردي ۽ ڏکين چئلينجز باوجود هٿياربند فوجون قومي سلامتي لاءِ پُرعزم آهن. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، 27هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن جي ايڇ ڪيو جو دورو ڪيو واضح رهي ته نيشنل سيڪيورٽي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير 27 هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ کي خطاب ڪندي

مضبوط قومي دفاع، قومي سلامتيءَ جو بنيادي ٿنڀ آهي: جنرل ساحر شمشاد

جنرل ساحر جي اعزاز ۾ جوائنٽ اسٽاف هيڊ ڪوارٽرز ۾ خاص تقريب منعقد ڪئي وئي

چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي کي عسڪري خدمتن جي اعتراف ۾ خراج تحسين پيش

جوائنٽ اسٽاف هيڊ ڪوارٽرز پهتو ته ٽنهي هٿياربند فوجن جي هڪ چست جٿي ڪيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو

راولپنڊي (اي پي پي) عهدو ڇڏيندڙ چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته موجوده جيو اسٽريٽجڪ ماحول ۾ مضبوط قومي دفاع، قومي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

عمران خان اڪيلو ڏوهاري ناهي، ڪيس آئينده به وڏا ڏوهاري آهن، سڀني جو حساب ٿيڻ گهرجي: نواز شريف

موجوده حڪومت طرفان جرڳا قدم کڻڻ سبب مهانگائي جي شرح ۾ گهٽتائي آئي آهي، اسان نه آءِ ايم ايف کان ڇوٽڪارو وٺي رهيا هئاسين

اڄ هڪ ڀيرو وري ن ليگ جي حڪومت جي درست رخ ۽ بهترين معاشي پاليسي سبب ملڪ ترقي جي راهه تي آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

فيلڊ مارشل عاصم منير سان ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري جي ملاقات

سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري علي ارڊشير لاريجاني جنرل هيڊڪوارٽرز راولپنڊي ۾ فيلڊ مارشل سان ملاقات ڪئي

علي لاريجاني خطي ۾ امن ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ ۾ پاڪستان جو ڪردار ساراهيو، ايران - پاڪستان لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير علائقائي امن ۽ استحڪام جي عزم کي ورجائيندي دهشتگردي خلاف ايران سان ويجهي سهڪار جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. آءِ ايس پي آر مان جاري بيان مطابق چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ايران جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير سان ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو سيڪريٽري جي ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران بحريني سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ مُختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

ٻطرفي واپار جو ڪاٿو 550 ملين آمريڪي ڊالر کان وڌائي ٽن سالن جي اندر هڪ ارب آمريڪي ڊالر تائين وڌايو ويندو: وزيراعظم

ٽرين ٽريننگ، سائبر سيڪيورٽي، دفاعي پيداوار ۽ معلومات جي مٽاسٽا ۾ تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ تي اتفاق ڪيو

وزيراعظم محمد شهباز شريف ملاقات جي لاءِ مناما ۾ قصر القضيبيه پهتو ته ڪيس شاندار گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

مناما (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بحريني سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ غذائي تحفظ، آءِ ٽي، آئوٽ ڪاٿين جي ڪوڪائي ۽ معدنيات، صحت، قابل تجديد توانائي ۽ سياحت سميت مختلف شعبن ۾ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

شيخ حسينه واجد جي ٻئنڪ لاڪرز مان 13 لک آمريڪي ڊالر ۽ 10 ڪلو سون هٿ

ٻن بينڪ لاڪرز مان 13 لک آمريڪي ڊالر ۽ 10 ڪلو سون هٿ ڪري ضبط ڪيو ويو

ڍاڪا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بنگلاديش جي بورڊ آف روينيو ۽ سينٽرل انٽيليجنس سيل اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد جي نالي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين رانا مشهود احمد خان ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

نواز شريف جي سياست کي ختم ڪرڻ وارا پاڻ ئي ختم ٿي ويا: مريم نواز

پي ٽي آءِ جو روئڻ ڪم نه ايندو، جيلن ۾ وڃڻ جي روايت ڏهاڻ ئي قائم ڪئي هئي

اسان وراثت ۾ بدتميزي ڪرڻ ۽ گار گند ڏيڻ ناهي سکيون ۾ عوام جي خدمت ڪرڻ سکيا آهيون

هور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي ته پي ٽي آءِ جو روئڻ ڪم نه ايندو جيلن ۾ وڃڻ جي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سان وزيراعليٰ بلوچستان جي ملاقات

بلوچستان جي سياسي، سماجي ۽ ترقياتي صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون

بلوچستان جي ترقي پاڪستان جي مجموعي ترقي آهي: اسپيڪر اياز صادق

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز احمد بگٽي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

اسرائيلي حملن ۾ غزه جي اسڪولن جون اڌڪل سمورين عمارتون ڊهي پٽ

غزه ۾ 97 سيڪڙو اسڪولن جون عمارتون جنگ جي نتيجي ۾ مڪمل تباهه ٿي ويون: يونيسيف جو نمائندو

2023ع کان اسرائيلي اختيارين تعليمي عمل بابت ڪنهن به قسم جي مدد جي غزه ۾ فراهمي تي پابندي لڳائي ڇڏي

غزه (اي پي پي) گڏيل قومن جي ٻارن بابت اداري (يونيسيف) چيو آهي ته غزه ۾ آڪٽوبر 2023ع کان اسرائيلي حملن جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران چار الڳ الڳ تعزيتي قراردادون پيش ڪيون ويون

اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج دراني، آفتاب شعبان ميراڻي جي لاڏاڻي تي تعزيتي قرار داد پيش

اڳوڻي ايم پي ايز لال بخش ڀٽو ۽ علي مراد راڄڙ جي وفات تي پڻ تعزيتي قراردادون منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مطابق سنڌ اسيمبلي جو اجلاس گذريل ڏهاڙي اسپيڪر اويس قادر شاهه جي صدارت ۾ شروع ٿيو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

مضبوط معيشت لاءِ نجي شعبي کي سهولتن جي فراهمي ضروري آهي: ناڻي وزير

سرڪاري ملڪيتي ادارن ۾ گورننس جي بهتري ۽ نجڪاري جو عمل مرحليوار انداز ۾ اڳتي وڌايو پيو وڃي

وزيراعظم مختلف شعبن جي ترقي لاءِ نجي شعبي جي قيادت ۾ گروپس جوڙيا آهن، سفارشن تي عملدرآمد ٿي رهيو آهي

پاڪستان معاشي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، اندروني مسئلن ۽ پرڏيهي معاشي لوڏن کان بچڻ لاءِ اسان کي بفرز کي مستحڪم بڻائڻو پوندو: شجاع

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته مضبوط ۽ مستحڪم معيشت لاءِ نجي شعبي کي سهولتن جي فراهمي ضروري آهي، بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت ڪراچي کان سکر تائين هاءِ اسپيڊ ٽرين منصوبي ۾ عالمي بئنڪ کي سهڪار گهري ورتو

عالمي بينڪ جي هڪ اعليٰ سطحي وفد سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪئي

ڪراچي سرڪلر ريلوي ۽ سکر هاءِ اسپيڊ ٽرين منصوبا سنڌ لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندا: صوبائي وزير

عالمي بينڪ جي وفد ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ سنڌ حڪومت جي قدمن جي تعريف ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي سرڪلر ريلوي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ورلڊ بئنڪ مشن جي وفد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

صدر پاران قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا اجلاس 27 نومبر خميس ڏينهن طلب

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

پاڪستان ڪيميائي هٿيارن جي پابندي جي تنظيم او پي سي ڊبليو جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل لاءِ ٻيهر چونڊيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان کي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

پي ٽي وي روايتن جي امين آهي جنهن پنهنجي روايتن ۽ قدرن کي مٽائڻ نه ڏنو آهي: عطاءُ الله تارڙ

پي ٽي وي جو ماضي به شاندار هو تعميري تنقيد کي خوش آئنده سمجهندي پي ٽي وي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ٿو

پاڪستان هڪ گهر وانگر آهي جنهن کي عزت ۽ وقار سان محفوظ رکڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي، دشمن اسان مان حيران آهي

هاڻي جنريشن زي جو وقت آهي ته ادا اڳتي وڌي ملڪ جي خدمت ڪري ۽ پاڪستان جي شاندار ورثي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪندي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاڪستان ٽيليويزن جي 61هين سالگرهه تي پي ٽي وي کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته پي ٽي وي روايتن جي امين آهي جنهن بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

ايف بي آر جون ماتحت سمورين ايل ٽي اوز، ايم ٽي اوز، سي ٽي اوز ۽ آر ٽي اوز آفيسون ڇنڇر ڏينهن کليل رهنديون

اسلام آباد (اي پي پي) سمورين وڏيون ٽيڪس وصول ڪندڙ آفيسون (ايل ٽي اوز) ، وچولا ٽيڪس وصول ڪندڙ آفيسون (ايم بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

آصفه ڀٽو زرداري سان جرمني قونصل جنرل جي ملاقات، مختلف شعبن ۾ سهڪار تي اتفاق

خاتون اول سان جرمني جي قونصل جنرل ٿامس شولٽز ۽ سندس زال ڪئيا هوزل ملاقات ڪئي

صحت، تعليم ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ کي هٿي ڏيارڻ سهڪار تي زور ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي خاتون اول ۽ قومي اسيمبلي ميمبر بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

ڪراچي: جرمني جي قونصل جنرل مسٽر ٿامس شولٽز، پنهنجي زال مسز ڪيٽجا سان گڏ بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان آمريڪي قونصل جنرل جي ملاقات

ملاقات ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي، صحت عامه ۽ فلاح و بهبود جي شعبن ۾ تعاون تي

صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو سينيٽر شيري رحمان ۽ سينيٽر قرت العين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسلامي جمهوريه پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان آمريڪا جي قونصل جنرل چارلس گذمين جي بلاول هائوس ۾ ملاقات قومي اسيمبلي جي رڪن بي بي آصفه ڀٽو زرداري ۽ آمريڪا جي قونصل جنرل چارلس بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

صدر آصف زرداري ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ جو ماهر آهي، بلاول ڀٽو چونڊون کٽي وزيراعظم ٿيندو: ناصر شاهه

ملڪ ۾ صدر آصف زرداري جهڙو ڪو پائيدار سياستدان ناهي، جيڪو ملڪ کي مونجهارن ۽ مسئلن مان ڪڍي سگهي

پ پ چونڊن لاءِ هر وقت تيار آهي، بلاول ڀٽو اليڪشن کٽي وزيراعظم ٿيندو ۽ حڪومت جي فارمولا هيٺ ڪابه اهڙي شئي نبوڻ نه ڪندو

پنجاب حڪومت سنڌ حڪومت جو موراڻ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي: صوبائي وزير بلديات جون عبرت سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي بلديات واري ڪاتي جي وزير ناصر حسين شاهه چيو آهي ته صدر مملڪت آصف علي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

اسلام آباد ۾ حسن قرائت جو ٽيهرون عالمي مقابلو ٽئين ڏينهن به جاري رهيو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جو حسن قرائت جو ٽيهرون عالمي مقابلو ٽئين ڏينهن به جاري رهيو جنهن جو سيمي فائنل ۽ فائنل اڄ (خميس) 27 نومبر تي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه ڪليل ڪچهري دوران عبرت جي بيورو چيف مجيد عباسي کي انٽرويو ڏئي رهيو آهي

مبينا تشدد ڪيس ۾ اي پي پي جا 10 ملازم ۽ آفيسر باعزت بري

سول جج، جوڊيشل مئجسٽريٽ شائسته خان ڪنڊي جي عدالت اهڙو حڪم ڏنو

ڪيس ۾ نه ڪو ثبوت موجود آهي ۽ نه ئي ڪا اهڙي ثابتي، جنهن سان ڏوهه ملي: عدالت

اسلام آباد (اي پي پي) سول جج جوڊيشل بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيلن جي گهرو وزير سان ملاقات، مطالبا پيش

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيلن جي وفد گهرو وزير ضياءُ لنجار سان ملاقات ڪئي

اڳواڻن پاران ڪاروانجهر جي تحفظ، بقا ۽ سنڌوان لاءِ فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

پاڪستان جي والاريل ڪشمير ۾ ڀارت جي غيرقانوني قدمن بابت گڏيل قومن جي رپورٽ تي ڳڻتي

غيرملڪي قبضي خلاف ڪشميرين جي منصفاڻي جدوجهد ۾ سندن اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري

رپورٽ هڪ ڀيرو ڀارتي قبضي تحت ڪشميري عوام پاران انساني حقن جي سنگين ۽ منظم خلاف ورزين جي نشاندهي ڪري ٿي

سچي ڀارت ۾ اقليتن سان امتيازي سلوڪ جي حوالي سان پاڪستان جي پراڻي خدشن جي تصديق ڪن ٿا: پرڏيهي ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ڀارت جي غيرقانوني طور تي قبضي هيٺ جمون بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

وفاقي حڪومت جو سنڌ جي گورنر کي هٽائڻ جو فيصلو ٽيسوري عهدو بچائڻ لاءِ اسلام آباد پهچي ويو

ڪامران ٽيسوري کي استعيفيٰ ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي، ٻي صورت ۾ ڪيس ڊي نوٽيفاءِ ڪيو ويندو

ڪامران ٽيسوري اسلام آباد ديرا ڄمائي ورتا، سنڌ هائوس ۾ موجود گورنر سنڌ پنهنجي گورنرشپ بچائڻ لاءِ اهم گڏجاڻيون ڪندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

وفاقي آئيني عدالت جي سمورن ڪيسن جي فائلنگ اسلام آباد ۾ ڪئي ويندي: سرڪيولر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

وفاقي آئيني عدالت ۾ ٻل بوريز لڳائڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻمپر ايسوسيئيشن جي صدر جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڊمپر ايسوسيئيشن جي صدر لياقت بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: يو اي اي جي سفير سليم محمد سليم الزابي پارليامينٽ هائوس ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان ملاقات ڪندي

سنڌ ۾ هوا ۽ پاڻي جي معيار جي نگراني وارو نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ تي اتفاق

صوبائي سيڪريٽري زبير چنه سان نيدرلينڊ جي ڊپٽي سفير هاجو پرووو ڪلاڪ

ارلي وارننگ سسٽم سان قدرتي آفتن ۽ ممڪن نقصانن جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ماحوليات موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي جي سيڪريٽري زبير چنه سان نيدرلينڊ جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

عمر ايوب اشتهاري قرار، پاسپورٽ ۽ سجاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد جي دهشتگردي ڌرڙ عدالت 4 جي آڪٽوبر احتجاج واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دهشتگردي جي انت واري عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب کي 4 آڪٽوبر احتجاج ڪيس ۾ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2



اَلْحَمْدُلِلّٰہِ
MEEZAN BANK
میزان بینک
پریمیئر اسلامی بینک
پانچویں مرتبہ، پاکستان کے بہترین بینک کا اعزاز!
2023، 2024 اور 2025 میں مسلسل تین بار
اور 2018 اور 2020 میں بھی بہترین بینک قرار
ہم اسلامک بینکنگ کو بینکنگ کی اولین ترجیح بنانے کے عزم کے ساتھ اپنی خدمات اور کارکردگی کے معیار کو مزید بہتر کرنے کے اس سفر کو جاری رکھیں گے، انشاءاللہ۔
PAKISTAN BANKING AWARDS BEST BANK 2025
BEST BANK 2018 · BEST BANK 2020 · BEST BANK 2024 · BEST BANK 2023
Awarded by NATIONAL INSTITUTE OF BANKING AND FINANCE, PAKISTAN
DAWN | A·F·FERGUSON&Co. | A member firm of the PwC network
Follow us on 111-331-331 & 111-331-332 www.meezanbank.com

بقايا 1 فيلڊ مارشل

ورڪشاپ نيشنل ڊفينس يونيورسٽي جو اهم پروگرام آهي جيڪو پارليامينٽيرين اعليٰ سول ۽ عسڪري آفيسرن ۽ تعليمي ۽ سماجي شعبن سان واڳيل نمائندن کي گڏ ڪري ٿو آءِ ايس پي آر موجب شرڪت ڪندڙن کي غير قانوني سرگرمين خلاف جاري قومي قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي ان ڪانسواءِ شرڪت ڪندڙن کي منشيات جي سمگلنگ ۽ منظم ڏوهاري نيٽ ورڪن خلاف آپريشن بهتر بارڊر ڪنٽرول ۽ غير قانوني پرڏيهي شهرين جي واپسي واري معاملي تي تازي اڳڀرائي بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو ورڪشاپ جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي فيلڊ مارشل عاصم منير چيو ته انٽيليجنس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به قومي سلامتي لاءِ پيشيوارانه مهارت ۽ عزم جو مظاهرو ڪري رهيا آهن هن چيو ته علائقائي صورتحال تيزي سان بدلجي رهي آهي، جيو پوليٽيڪل مقابلو وڌي رهيو آهي ۽ سرحد پار دهشتگردي ۽ هائبرڊ حربن جا اثر واضح آهن فيلڊ مارشل عاصم منير چيو ته پاڪستان هڪ اهم ملڪ آهي ۽ پنهنجي حيثيت موجب دنيا ۾ مقام حاصل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته پاڪ فوج جي صلاحيت، جذبو ۽ عزم عالمي سطح تي پاڪستان جي وقار ۾ واڌارو ڪيو ۽ اسان جي سڀ کان وڏي طاقت قومي ايڪو آهي سنڌس چوڻ هو ته پاڪ فوج لاءِ ملڪ جي سرحدي سالميت، سلامتي ۽ هر شهري جو تحفظ پهرين ترجيح آهي ملڪ جي سالميت ۽ هر شهري جي تحفظ ۾ ڪنهن به قسم جو سوديبازي نه ڪئي ويندي ۽ اسان پنهنجي دشمنن جا سمورا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائينداسين فيلڊ مارشل عاصم منير وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن سان مڪمل سهڪار جاري رکڻ جو عزم ورجايو ۽ چيو ته پائيدار امن استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ گڏيل قومي ڪوششون ۽ ادارتي هم آهنگي انتهائي ضروري آهي

بقايا 2 جنرل ساحر شمشاد

سلامتيءَ جو بنيادي ٿنڀ آهي گذريل ڏينهن آءِ ايس پي آر مان جاري بيان مطابق جوائنٽ اسٽاف هيڊ ڪوارٽرز ۾ هڪ خاص تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ عهدو ڇڏيندڙ چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا کي سنڌس 40 سالن جي شاندار عسڪري خدمتن جي اعتراف ۾ خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب ۾ اڳوڻي چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي ۽ ٽنهي هٿياربند فوجن جي سينيئر عسڪري آفيسرن شرڪت ڪئي. پنهنجي خطاب ۾ عهدو ڇڏيندڙ چيئرمين الله تعاليٰ جو شڪر ڪيو ته ڪيس پنهنجن فرضن کي ڀرپور محنت، پيشيوراڻي مهارت ۽ بي لوث جذبي سان ادا ڪرڻ جي توفيق ڏني هن مادر وطن جي دفاع ۾ هٿياربند فوج جي لازوال قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ هٿياربند فوج جي شهيدن ۽ سنڌن ڪٽنبن کي خراج عقيدت پيش ڪيو هن خاطري ڪرائي ته قوم جو دفاع ناقابل تسخير آهي ۽ اسان جا بهادر آفيسر ۽ جوان ان کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ هميشه تيار بيٺل آهن ان کان اڳ جڏهن هو جوائنٽ اسٽاف هيڊ ڪوارٽرز پهتو ته ٽنهي هٿياربند فوجن جي هڪ چست جتي ڪيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو.

بقايا 3 نواز شريف

نواز شريف چيو آهي ته عمران خان اڪيلو ڏوهاري ناهي ڪيس آڻيندڙ هن کان به وڏا ڏوهاري آهن نون چونڊيل اسيمبلي ميمبرن کي خطاب ڪندي چيو ته عمران خان اڪيلو ڏوهاري نه آهي ڪيس آڻيندڙ هن کان به وڏا ڏوهاري آهن سڀني جو برابر حساب ٿيڻ گهرجي نواز شريف وڌيڪ چيو ته موجودا حڪومت طرفان جوڳا قدم قدم کڻڻ سبب مهانگائي جي شرح ۾ گهٽتائي آئي آهي اسان پنهنجي گذريل دور ۾ آءِ ايم ايف کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو هو پر هنن(پي ٽي آءِ) جي حڪومتي دور ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر آءِ ايم ايف جو بوجهه اسان جي مٿان وڌو ويو سنڌس چوڻ هو ته اڄ هڪ ڀيرو وري ن ليگ جي حڪومت جي درست رخ ۽ بهترين معاشي پاليسي سبب ملڪ ترقي جي راهه تي آهي غريب کي مفت طبي سهولتون ملي رهيون آهن اجهو ملي رهيو آهي اڳوڻي وزيراعظم وڌيڪ چيو ته اسان جي حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ ملڪ ۾ وڏي تباهي آئي معيشت، امن امان، اخلاقيات ملڪ ۽ قوم جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو هاڻي نئين چونڊين ۾ ماڻهن ڪارڪردگي تي ووٽ ڏنو آهي

بقايا 4 ملاقات ڪئي

سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري علي اردشير لاريجاني جنرل هيڊ ڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) راولپنڊي ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ٻه طرفي سهڪار علائقائي سيڪيورٽي جي معاملن پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي زور ڀريو ويو ملاقات ۾ خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون فيلڊ مارشل پاڪستان جي علائقائي امن ۽ استحڪام جي عزم کي ورجائيندي دهشتگردي خلاف ايران جي ويجهي سهڪار جي ضرورت تي زور ڀريو هن بدلجندڙ جاگرافيائي سياسي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اسٽريٽجڪ سهڪار جي وڌندڙ اهميت کي به اجاگر ڪيو علي لاريجاني خطي ۾ امن ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ ۾ پاڪستان جي اهم ڪردار کي ساراهيو ۽ ايران - پاڪستان لاڳاپن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو هن علائقائي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ ڊگهي استحڪام لاءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ پائيداري جي اهميت تي زور ڀريو.

بقايا 5 عطاءُ الله تارڙ

سدائين پنهنجي روايتن ۽ قدرن کي معاشهون رکيون معرڪ حق دوران پي ٽي وي نيوز بهترين بيانيي کي فروغ ڏنو پي ٽي وي جو ماضي به شاندار هو ۽ مستقبل به شاندار هوندو ڪالهه اربع ڏينهن پاڪستان ٽيليويزن جي 61هين سالگرهه جي موقعي تي پي ٽي وي نيوز جي مارننگ شو ۾ خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير پي ٽي وي جي شاندار ماضي جي بحالي ۽ اداري جي مستقبل جي لاءِ قومي يڪجهتي ڊيجيٽل جدت ۽ پائيدار سڌارن جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته سڌاراجاتي عمل ۾ نجي شعبي ۽ پاڪستان جي جنريشن زي جي شموليت لازمي آهي جڏهن ته تعميري تنقيد کي خوش آئنده سمجهندي پي ٽي وي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته پاڪستان هڪ گهر وانگر آهي جنهن کي عزت ۽ وقار سان محفوظ رکڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي تنقيد کي کليل دل سان قبول ڪرڻ ۽ گڏيل اتحاد برقرار رکڻ قومي ترقي ۽ قدرن جي تحفظ جي لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿي هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته معرڪ حق دوران پاڪستان جي جنريشن زي ڀرپور ۽ سرگرم ڪردار ادا ڪيو دشمن حيران هو ته جنگ جي ماحول ۾ پاڪستاني عوام مطمئن ڪيئن آهي هن نوجوان نسل جي حب الوطني جي جذبي کي ساراهيندي چيو ته اها ئي نسل ملڪ جي مستقبل جو رخ تعين ڪرڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندي هن چيو ته هاڻي جنريشن زي جو وقت آهي ته اها اڳتي وڌي ملڪ جي خدمت ڪري ۽ پاڪستان جي شاندار ورثي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪندي ترقي جون نيون راهون متعين ڪري اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پي ٽي وي جي تاريخي ورثي جي مستقبل جي ضرورتن موجب جديد رخن تي قائم ڪرڻ لازمي آهي ته جيئن قومي نشرياتي ادارو تيزي سان بدلجندڙ ميڊيا ماحول ۾ موثر انداز ۾ اڳتي وڌي سگهي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نجي شعبي سان حصيداري سان اداري ۾ سڌارن جي عمل کي تيز ۽ وڌيڪ موثر بڻائي سگهجي ٿو جنهن سان پي ٽي وي نه رڳو ناظرين سان بهتر رابطو قائم ڪندي پر پائيدار ۽ دورانديش نشرياتي مستقبل پڻ يقيني بڻائيندي عطاءُ الله تارڙ پي ٽي وي جي ناظرين ۽ اطلاعات واري وزارت جي ٽيم کي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ اداري کي جديد رخن تي قائم ڪرڻ ۾ انهن جي خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيو هن خصوصي طور تي پاڪستان جي جنريشن زي کي ساراهيندي چيو ته اها نسل ملڪ جي روشن ماضي کي بهتر مستقبل سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير اطلاعات واري وزارت جي جاري منصوبن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته انگريزي زبان جي نشرياتي چينلز جي فروغ ۽ تعارف تي ڪم جاري آهي جڏهن ته الجزيره جهڙن عالمي ميڊيا پليٽ فارمز جي تجربن سان رهنمائي وٺندي پاڪستان جي موقف کي عالمي سطح تي موثر انداز ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن مستقبل کي نظر ۾ رکندي اسان صحيح رخ تي گامزن آهيون هن چيو ته پي ٽي وي نئين گهرجن سان هم آهنگ انگلش چينل "پاڪستان کي

ري" لانچ ڪيو آهي پي ٽي وي کي اهڙو ڏاهڻو آهي جنهن سان هر پاڪستاني چئي سگهي ته اهو منهنجو ٽي وي آهي هن چيو ته براڊ ڪاسٽ ميڊيا ۾ نيوز انٽرٽينمنٽ ۽ اسپورٽس جي شعبن ۾ پي ٽي وي باني آهي وفاقي وزير چيو ته پي ٽي وي جا ڊراما اڄ به ذهنن تي نقش آهن هن چيو ته پاڪستان آئيڊل جي ذريعي نوجوانن کي ٽيلنٽ جو موقعو فراهم ڪيو وفاقي وزير چيو ته پاڪستان آهي ته اسان سڀ آهيون، ملڪي وقار ۽ قومي مفاد کان وڌيڪ ڪجهه نه آهي عطاءُ الله تارڙ ڳالهه ٻولهه جي پڄاڻي تي چيو ته سڌارن جو تسلسل پاڪستان جي ڊگهي مدي واري ترقي جي لاءِ انتهائي اهم آهي هن چيو ته سمورين ڌرين کي گهرجي ته آهي ديانتداري ۽ جذبي سان گڏجي ڪم ڪن ته جيئن ڊيجيٽلائيزيشن ميڊيا جي جدت ڪاري ۽ قومي ترقي جا منصوبا ايندڙ نسلن جي لاءِ پائيدار فائدن کي يقيني بڻائي سگهن بعد ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پي ٽي وي جي 61هين سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ان موقعي تي اطلاعات وارو سيڪريٽري اشفاق احمد خليل ۽ پي ٽي وي جا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 6 سهڪار تي اتفاق

جرمني جي قونصل جنرل ٿامس شولٽز ۽ سنڌس ڏال ڪتيا هويزل ملاقات ڪئي. ملاقات دوران باهمي دلچسپي وارن معاملن ۽ ٻه طرفن سهڪار جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. صحت، تعليم ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ کي هٿي ڏيارڻ سهڪار تي زور ڏنو ويو ملاقات ۾ صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو سردار علي شاهه سينيٽر شيري رحمان ۽ سينيٽر قرت العين مري به موجود هئا

بقايا 7 کليل رهنديون

ٽي اوز)، ڪارپوريٽ ٽيڪس آفيسون (سي ٽي اوز) ۽ علائقائي ٽيڪس آفيسون (آر ٽي اوز) ڇنڇر 29 نومبر تي کليل رهنديون ايف بي آر طرفان اربع ڏينهن جاري بيان مطابق ٽيڪس وصول ادا ڪندڙن جي سهولت لاءِ ايف بي آر سمورين ايل ٽي اوز ايم ٽي اوز سي ٽي اوز ۽ آر ٽي اوز کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته 29 نومبر 2025ع تي ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسن جي وصولي لاءِ معمول مطابق ڪم ڪن.

بقايا 8 ملاقات

گڏمين ۾ پاڪستان آمريڪا لاڳاپن ۾ وڌيڪ فروغ بابت ڳالهه ٻولهه بي بي آصفه ڀٽو زرداري ۽ آمريڪا جي قونصل جنرل چارلس گڏمين ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي، صحت عام ۽ فلاح و بهبود جي شعبن ۾ تعاون تي پڻ خيالن جو ڏي وٺ ملاقات دوران بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، سينيٽر شيري رحمان ۽ سينيٽر قرة العين مري پڻ موجود هيون

بقايا 9 جاري رهيو

ٿيندو ۽ پڇائي واري تقريب ڇنڇر ڏينهن 29 نومبر تي ٿيندي اربع ڏينهن ڪنوينشن سينٽر ۾ ٽئين ڏينهن مقابلن جي شروعات ٿي. حسن قرائت جي عالمي مقابلن ۾ دنيا جي 37 اسلامي ملڪن جا 25 کان 35 سال جي عمر جا قرائت پڙهندڙ حصو وٺي رهيا آهن قادري سيد صداقت علي مقابلي جي چيف ڪوآرڊينيٽر ۽ چيف جج جا فرض انجام ڏنا آهن جڏهن ته ٻين ججن ۾ ڪويت جو قاري الشيخ حمد اصنامي جامع الاظهر مصر جو قاري حمد الله محمد ابراهيم ايران جو قاري غلام رضا اصفهاني پاڪستان جو قاري فياض علوي، قاري احمد ميان ٿانوي، ڊاڪٽر اڪرام الله محسن قاري محمد ابراهيم ڪاسي ۽ قاري وجاهت رضا فرض انجام ڏنا. ٽئين ڏينهن حسن قرائت جي مقابلي ۾ سراڪش، ترڪيه، ڪيمرون، گني بسائو ماريطانيه، بنگلاديش، انڊونيشيا، يوگنڊا، ايران افغانستان، بينن، ٽوگو ۽ ملائشيا جا 13 قرائت پڙهندڙن حصو ورتو

بقايا 10 ناصر شاهه

زرداري نه صرف ملڪ جو صدر آهي پر هو وڏو سياستدان پڻ آهي، ملڪ ۾ اهڙو ڪو پائيدار سياستدان ناهي جيڪو ملڪ کي مونجهارن ۽ مسئلن مان ڪڍي سگهي پ پ چونڊن لاءِ هر وقت تيار آهي بلاول ڀٽو اليڪشن کٽي وزيراعظم ٿيندو ۽ حڪومت جي فارمولا هيٺ ڪابه اهڙي شئي قبول نه ڪندي جيڪا عوام کي قابل قبول نه هجي اهڙو اظهار هن خيابان رومي ڊفينس سوسائٽي ۾ شاهه هائوس ۾ روزانو صبح جو ڪلي ڪچهري ۾ عبرت جي بيورو چيف مجيد عباسي سان ڳالهائيندي ڪيو جتي سڄي سنڌ مان صبح 7 وڳي کان 12 وڳي تائين ماڻهو اچي پنهنجا مسئلا حل ڪرائيندا آهن. صوبائي وزير ناصر شاهه سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ به عوام سان ملاقاتون ڪري عوام جا مسئلا حل ڪري رهيو آهي. سنڌس گهر ۾ عبرت جي بيورو چيف پهتو ته هو ماڻهن سان ملي سنڌن مسئلا حل ڪرائي رهيو هو سيڪريٽري فياض ۽ جي اين مهر ۽ ان سان آفيس ۽ گهر ۾ ساڻ هوندا آهن عبرت جي بيورو چيف مجيد عباسي کي ڏسي صوبائي وزير ناصر شاهه ٽيبل تي رکيل ڪيڪ ڏسي هن کان ڪيڪ ڪٽرايو ۽ چيو ته مجيد عباسي سنڌ جو سينئر ۽ بزرگ صحافي آهي هن چيو ته ايندڙ هفتو سياسي اعتبار سان اهم آهي آصف علي زرداري ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ جو ماهر آهي، انشاءَ الله هو جيڪي به بحران آهن انهن کي حل ڪندو پ پ عوام جي خدمت جي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. جلد صوبائي ٽائون ڪميٽين ۽ بلدياتي ادارن کي فنڊ جاري ڪيا ويندا ۽ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ پڻ اهم فيصلا ڪيا ويندا.

بقايا 11 آفيسر باعزت بري

مئجسٽريٽ شائسته خان ڪندي آبپاره ٿاڻي جي مبينا تشدد ڪيس ۾ نامزد اي پي پي (قومي خابرو ايجنسي) جي 10 ملازمن ۽ آفيسرن کي شق 249 تحت درخواست تي باعزت بري ڪري ڇڏيو عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته ڪيس ۾ نه ڪو ثبوت موجود آهي ۽ نه ئي ڪا اهڙي شاهدي آهي جنهن سان جوابدارن تي الزام ثابت ٿي سگهي. ڪالهه اربع ڏينهن ٻڌڻي جي شروعات ٿي ته عدالت کي ٻڌايو ويو ته ڪيس جي فريادي فرقان راڻو جو وڪيل پيش ناهي ٿيو جنهن تي معزز جج سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ريمارڪس ڏنا ته ڪيس جو مدعي يا ان جو وڪيل مستقل طور تي غيرحاضر رهن ٿا. ساڍا 11 وڳي ٻيهر ٻڌڻي ٿيندي ۽ جوابدارن جي بريت جي درخواست تي دليل مڪمل ڪيا ويندا. وقفي کانپوءِ ٻيهر ٻڌڻي شروع ٿي ته فريادي فرقان راڻو جو وڪيل ٻيهر به عدالت ۾ پيش نه ٿيو وڪيل جي اسسٽنٽ گذارش ڪئي ته سنڌس وڪيل مصروف آهي جڏهن ته عدالت سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته هي پهريون ڪيس آهي جنهن ۾ مدعي ۽ ان جو وڪيل عدالت کان فراريت اختيار ڪري رهيا آهن جڏهن ته 10 جوابدار صبح کان عدالت ۾ موجود آهن انهن سان ناانصافي ٿي رهي آهي ۽ ڪين سزا کان اڳ سزا ڏني پئي وڃي ٻڌڻي دوران جوابدار سميع الله جي وڪيل نالبواري قانوندان راڻا روحيل ايڊووڪيٽ ايف آءِ آر پڙهي ٻڌائي ان موقعي تي معزز جج پڇائو ڪيو ته "غيرلاڳاپيل غندا ڇا هوندا آهن؟" جنهن تي وڪيل ٻڌايو ته هي سمورا جوابدار سرڪاري آفيسر آهن جڏهن ته فريادي فرقان راڻو پاڻ هڪ ارب رپين کان وڌيڪ ڪرپشن ڪيس ۾ نامزد آهي ۽ اسپيشل جج سينٽرل کان ضمانت تي آهي، هن بدنيتي تي اهو ڪيس داخل ڪرايو

بقايا 12 مطالبا پيش

ايسوسي ايشن جي وڪيلن جي وفد جي وزيراعليٰ هائوس ۾ گهرو کاتي ۽ وزيرقانون ضياءُ الحسن لنجار سان ملاقات ڪري باضابطه ميمورينڊم ۽ مطالبن جي لکت پيش ڪيو وفدجي قيادت بار ايسوسي ايشن جي صدر بيرسٽر محمد سرفراز علي ميتلو ڪئي سرفراز منيس عامر سليم رزاق مهر قادر مهر ۽ ٻيا به ساڻس گڏ هئا. وڪيلن ڪارونجهر جبل سلسلي کي درپيش خطرن تي بار ايسوسي ايشن جا تحفظات پيش ڪندي چيو ته ڪارونجهر سنڌ جي قدرتي ثقافتي ۽ تاريخي ورثي مان آهي وڪيلن حڪومت کان ڪارونجهر جي تحفظ، بقا ۽ سنڀال لاءِ فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو، ضياءُ الحسن النجار چيو ته سنڌ حڪومت هميشه قدرتي ثقافتي ۽ تاريخي ورثي جي حفاظت لاءِ پرعزم آهي

بقايا 13 رپورٽ تي ڳڻتي

۽ ڪشمير ۾ ڀارت جي غيرقانوني قدمن بابت گڏيل قومن جي خصوصي ماهرن جي تازه ترين رپورٽ تي شديد ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پاڪستان غيرملڪي قبضي جي خلاف ڪشميرين جي منصفاڻي جدوجهد ۾ انهن جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب 24 نومبر 2025ع تي جاري ٿيندڙ اها رپورٽ هڪ ڀيرو ٻيهر ڀارتي قبضي تحت ڪشميري عوام پاران انساني حقن جي سنگين ۽ منظم خلاف ورزين جي نشاندهي ڪري ٿي بيان موجب پاڪستان ماهرن جي مشاهدن کي خطري جي گهنٽي سان نوٽ ڪري ٿو ته ڀارتي قدمن جي نتيجي ۾ صحافين، شاگردن ۽ انساني حقن جي علمبردارن سميت اٽڪل 2800 ماڻهن جي وڏي پيماني تي هٿ ٺوڪيون گرفتاريون ڪري انهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي، سخت قانونسازي بشمول پبلڪ سيفٽي ايڪٽ ۽ غيرقانوني سرگرمين (روڪٿام) ايڪٽ جي مسلسل لاڳو اڻجاڻل مدي تائين ۽ بنا جواز حراستن کي سهولت فراهم ڪئي آهي ترجمان پنهنجي بيان ۾ چيو ته تشدد، حراستي فوتگين، غيرقانوني حراست، قانوني عمل ۽ خاندان سان رابطي کان انڪان تعزيري انهدام ۽ جبري بيدخلي، بار بار مواصلاتي بليڪ آئوٽ ۽ 8 هزار سوشل ميڊيا اڪائونٽس کي بلاڪ ڪرڻ سميت پريس جي آزادي کي دٻائڻ جي واقعن، ڪشميرين ۽ سڄي ڀارت ۾ مسلمان ڪميونٽي جي خلاف نفرت انگيز تقريرن زندهه سازڻ ۽ هراسان ڪرڻ جي واقعن ۾ اضافو ٿيو آهي جيڪو قابل مذمت ۽ افسوسناڪ آهي

بقايا 14 پهچي ويو

سرڪار سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري کي هٽائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيس حڪومتي شخصيتن ذريعي اهڙو پيغام به موڪليو ويو آهي ذريعن موجب، ڪامران ٽيسوري کي استعيفيٰ ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ٻي صورت ۾ ڪيس ڊي نوٽيفاءِ ڪيو ويندو ٻئي پاسي ڪامران ٽيسوري اڄ اسلام آباد ڏيرا ڄمائي ويٺا آهن هو هن وقت سنڌ هائوس ۾ موجود آهي جتي هو پنهنجي گورنرشپ بچائڻ لاءِ اهم گڏجاڻيون ڪندو

بقايا 15 سرڪيولر جاري

عدالت نئون سرڪيولر جاري ڪيو آهي، جنهن موجب عدالت جي سمورن ڪيسن جي فائلنگ هاڻي رڳو اسلام آباد ۾ ئي ڪئي ويندي سرڪيولر موجب ڪنهن به قسم جي درخواست، اپيل پٽيشن يا ٻيا قانوني معاملا آئينده صرف اسلام آباد ۾ ئي جمع ٿيندا. سرڪيولر چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جي منظوري سان جاري ڪيو ويو جنهن ۾ وڪيلن ۽ اصيلن کي واضح هدايت ڪئي وئي آهي ته آئينده سمورا ڪيس اسلام آباد ۾ ئي فائيل ڪيا وڃن. سرڪيولر ۾ چيو ويو آهي ته ايندڙ حڪم تائين فائلنگ لاءِ ڪا بي اسٽيشن قبول نه ڪئي ويندي عدالت سمورن لاڳاپيل ماڻهن کي پابندي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته فيصلي جو مقصد عدالتي معاملن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ انتظامي معاملن کي اثرائتو بڻائڻ آهي.

بقايا 16 ملتوي

عدالت ۾ بل بورڊز لڳائڻ جي اجازت سان لاڳاپيل ڪيس جي ٻڌڻي گذريل ڏينهن ڪئي وئي ٻڌڻي دوران عدالت پارڪس اينڊ هينڊي ڪرافٽ اٿارٽي تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪيو. عدالت ريمارڪس ڏنا ته بل بورڊز شهرين جي جان ۽ مال لاءِ سخت خطرو بڻجن ٿا ۽ فيس جي مد ۾ رقم ڪمائڻ لاءِ عوام جي زندگين سان نٿو ڪيڏي سگهجي ٻڌڻي دوران جسٽس حسن اظهر رضوي چيو ته بل بورڊ وڏا خطرناڪ هوندا آهن

بقايا 17 منظور

محسود کي عبوري ضمانت منظورڪري ورتي آهي جنهن کي راماسوامي ۾ هڪ نوجوان جي ڊمپر سان ٽڪرائجڻ کان پوءِ فساد ۽ تشدد جي ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو هو عدالت جوابدار کي 50 هزار رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ ۽ جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ته پراسيڪيوشن ۽ مدعي کي نوٽيس جاري ڪندي 17 ڊسمبر تائين جواب طلب ڪيو ياد رهي ته لياقت محسود تي الزام آهي ته هو حادثي کان پوءِ هٿياربند محافظن سان گڏ واقعي واري هنڌ پهتو ۽ مشتعل شهرين تي تشدد ڪيو

بقايا 18 اتفاق

ڊپٽي سفير هاجو پرورو ڪلاٽ جي اهم ملاقات ٿي جنهن ۾ صوبي جي ماحولياتي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي تي مشورو ڪيو ويو ملاقات ۾ ڪاربن ڪريڊٽ، ڪاربن فنانسنگ ۽ صوبي جي ڪاربن رجسٽري قائم ڪرڻ بابت تفصيلي ڳالهيون ٿيون گڏوگڏ، صوبي لاءِ هوا ۽ پاڻي جي معيار جي مڪمل نگراني واري نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو ويو سيڪريٽري ماحوليات زبير چنه چيو ته ماحول کي بهتر بڻائڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي گذريل سالن ۾ ماحولياتي شعبن ۾ ٿيندڙ اصلاحات سبب نمايان بهتري آئي آهي هن ٻڌايو ته سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي کي مڪمل طور ڊجيٽل ڪرڻ جي تياري ۾ آهي جنهن سان آپريشن انسپيڪشن اين او سين ليبارٽري رپورٽون ۽ اخراج (ايميشن) ڪنٽرول سسٽم مڪمل طور شفاف ٿيندا ۽ عالمي معيار جي ماحولياتي گورننس ممڪن ٿيندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته صوبي ۾ پلاسٽڪ بيگز تي مڪمل پابندي اڳ ٿي لاڳو ڪئي وئي آهي جڏهن ته ڪائر سازڻ ۽ پائرو لائسز پلانٽس تي به مڪمل پابندي لڳائي وئي آهي سنڌ کي هوا جي آلودگي جي صورتحال جاچڻ لاءِ جديد ايئر ڪواليٽي مانيٽرنگ نيٽ ورڪ جي سخت ضرورت آهي ۽ حڪومت چاهي ٿي ته عالمي معيار موجب نگراني واريون سهولتون لڳن جيئن ٽريفڪ جنڪشنن ساحلي علائقا ۽ صنعتي هنڌ اسپاٽس تي صحيح، فوري ۽ قابل اعتماد ڊيٽا ملي سگهي.

بقايا 19 حڪم

اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو اسلام آباد جي دهشتگردي جي انٽي واري عدالت جي جج طاهر عباس سپرا عمر ايوب جي خلاف 4 آڪٽوبر احتجاج ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي عدالت مسلسل طلبي جي باوجود پيش نه ٿيڻ تي عمر ايوب کي ڪيس ۾ اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو اي ٽي سي عدالت عمر ايوب جو پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جو به حڪم ڏنو ۽ انهي جي ملڪيت جا تفصيل به طلب ڪري ورتا. ياد رهي ته عمر ايوب جي خلاف دهشتگردي جي قلمن تحت ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل آهي

بقايا 20 ناڻي وزير

حڪومتي قدمن جي نتيجي ۾ معيشت مستحڪم ٿي وئي آهي ۽ اهم اقتصادي اهڃاڻن سان ان جي عڪاسي به ٿي رهي آهي ٽيڪس کي بنياد ۾ وسعت، ٽيڪيجز جو خاتمو ۽ ٽيڪس نظام ۾ اسان جو واضح موقف آهي سرڪاري ملڪيتي ادارن ۾ گورننس جي بهتري ۽ نجڪاري جو عمل سرحليوار انداز ۾ اڳتي وڌايو پيو وڃي گذريل ڏينهن پاڪستان بزنس ڪائونسل جي اهتمام هيٺ منعقد تقريب ۾ پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ منظرنامي جي موضوع تي خطاب ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت نجي شعبي جي قيادت ۾ روانگي واپار تي ٻڌل پائيدار اقتصادي ترقي ۽ اوسر لاءِ ٺوس قدم کڻي رهي آهي وزيراعظم مختلف شعبن جي ترقي لاءِ نجي شعبي جي قيادت ۾ گروپس جوڙيا آهن. جن جي تجويزن ۽ سفارشن تي موثر انداز ۾ عملدرآمد ٿي رهيو آهي، پاڪستان بزنس ڪائونسل طرفان ايڪسپورٽ ترقياتي سرچارج ۾ گهٽتائي جي تجويز سامهون آئي هئي جنهن جنهن تي وزيراعظم ان کي ختم ڪري ڇڏيو آهي نجي شعبو ملڪ کي اڳتي وٺي وڃي رهيو آهي عالمي منظرنامي ۾ به نجي شعبي جو اهم ڪردار رهيو آهي اپرنڊ معيشتن ۾ نجي شعبي جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي ان جي نتيجي ۾ انهن ملڪن ۾ اقتصادي لوڏن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ملي آهي، مضبوط ۽ مستحڪم معيشت لاءِ نجي شعبي کي سهولتن جي فراهمي ضروري آهي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت طرفان معيشت جي بهتري لاءِ قدمن جو سلسلو جاري آهي حڪومتي قدمن جي نتيجي ۾ اسان جي معيشت مستحڪم ٿي وئي آهي ۽ اهم اقتصادي اهڃاڻ سان ان جي عڪاسي به ٿي رهي آهي ناڻي واري وزير چيو ته اندروني مسئلن ۽ پرڏيهي معاشي لوڏن کان بچڻ لاءِ اسان کي ٻفرز کي مستحڪم بڻائڻو پوندو پاڪستان ڪلي معيشت جي محاذ تي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن جاري مالي سال جي پهرين چئن مهينن ۾ سيمنٽ جي شعبي ۾ 16 سيڪڙو، پاڻ 9 سيڪڙو پيٽروليم 4 سيڪڙو آٽو موبائيل 31 سيڪڙو موبائيل فونز 26 سيڪڙو ۽ وڏين صنعتن جي پيداوار جي شعبي ۾ 4 سيڪڙو کان وڌيڪ اوسر ٿي آهي آوورسيز انويسٽمينٽ چيمبرز آف ڪامرس جي تازي سروي ۾ 73 سيڪڙو راءِ ڏيندڙن پاڪستان کي سٺي ريٽ پرڏيهي سيڙپڪاري لاءِ موزون ملڪ قرار ڏئي ڇڏيو آهي ۽ سال اڳ اها شرح 61 سيڪڙو هئي، سعودي عرب، يو اي اي ۽ ترڪيه سميت ڪيترن ئي ملڪن جا سيڙپڪار ۽ ڪمپنيون ملڪ ۾ سيڙپڪاري لاءِ اچي رهيون آهن گوگل جي سينئر انتظاميه پاڪستان ۾ نه رڳو پنهنجي آفيس کولڻ جو اعلان ڪيو آهي پر گوگل کي اميد آهي ته پاڪستان گوگل لاءِ فني ۽ روانگي واپار جو مرڪز هوندو اها اهم اڳڀرائي آهي ناڻي واري وزير چيو ته ايف بي آر ۾ ماڻهن پراسيس ۽ ٽيڪنالاجي جي بنياد تي سڌارن جو عمل جاري آهي عالمي بئنڪ ۽ عالمي مالياتي فنڊ جي سالياتي اجلاس جي موقعي تي واشنگٽن ۾ اسان عالمي بئنڪ آڏو ايف بي آر ۾ سڌارن جي ايجنڊا پيش ڪئي

بقايا 21 قراردادون پيش

قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ فاتحه خواني کان پوءِ قائد ايوان سيد مراد علي شاهه اسپيڪر جو ڌيان ان حقيقت ڏانهن ڇڪايو ته سنڌ اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر آغا سراج دراني اڳوڻو وڏو وزير آفتاب شعبان ميراڻي ۽ سنڌ اسيمبلي جا ٻه ميمبر لال بخش ڀٽو ۽ علي مراد راجڙ تازو ئي لاڏاڻو ڪري ويا آهن. هن چيو ته سنڌ اسيمبلي جي روايت رهي آهي ته جڏهن اسيمبلي جو ڪو موجوده ميمبر فوت ٿئي ٿو ته ان جي اعزاز ۾ ايوان جي ٻهرين ڏينهن جي ڪارروائي ملتوي ڪئي ويندي آهي ان موقعي تي وڏي وزير اسپيڪر جي اجازت سان ايوان ۾ ميمبرن جي وفات تي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ تعزيتي قراردادون پڙهيون ويون بعد ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن پڻ انهن قراردادن تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ان کان پوءِ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس خميس ڏينهن 12 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو تعزيتي قرارداد پيش ڪندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته آغا سراج دراني 1988 کان ڪيترائي ڀيرا صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو سنڌس والد سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر پڻ رهيو آغا سراج دراني ٻارهن سالن تائين اسيمبلي جو اسپيڪر رهيو مرحوم پنهنجي خوش مزاج طبيعت سان سڀني سان بهتر نموني سان پيش ايندو هو مراد علي شاهه چيو ته جڏهن مان ڀهرين ڀيرو وزير بڻيو هوس ته آغا سراج سان گڏ ويهندو هوس، مون ان کان گهڻو ڪجهه سکيو هن چيو ته هاڻي به جيڪڏهن اسيمبلي ۾ گرما گرم بحث ٿيندو هو ته آغا صاحب اٿي بيهندا هئا ۽ ماحول بدلجي ويندو هو هن چيو ته آفتاب شعبان ميراڻي لاءِ ڳالهائڻ تمام ڏکيو آهي، ان حوالي سان مان هڪ ننڍڙو ماڻهو آهيان آفتاب شعبان ميراڻي جو والد ۽ امڙ به سنڌ اسيمبلي جا ميمبر هئا. مراد علي شاهه چيو ته آفتاب شعبان ميراڻي پهريون ڀيرو 1977ع ۾ اسيمبلي جو ميمبر بڻيو آمريت واري ڏکئي دور ۾ به ميراڻي صاحب محترمه بينظير ڀٽو سان گڏ هو 90 جي ڏهاڪي کان مسلسل قومي اسيمبلي جو ميمبر رهيو آهي سنڌس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون وڏي وزير چيو ته لال بخش ڀٽو پارٽي جو پراڻو ڪارڪن هو لال بخش ڀٽو پنهنجي وفات تائين پارٽي لاءِ ڪم ڪيو الله تعاليٰ لال بخش ڀٽو کي جنت ۾ جاءِ ڏئي. هن چيو ته علي مراد راجڙ منهنجو به ساٿي هو هن هميشه پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي آواز کي بلند ڪيو هو علي مراد راجڙ هميشه پنهنجي ماڻهن جي حوالي سان تمام گهڻو پريشان رهندو هو ان موقعي تي ايم ڪيو ايم جي راشد خان چيو ته آغا سراج دراني تمام سلو ماڻهو هو آغا صاحب اپوزيشن کي به چڱي طرح هلائيندو هواسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته مان به سنڌس نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ايم ڪيو ايم ميمبر صابر قائمخاني چيو ته آغا صاحب هڪ خوش مزاج ۽ خوش لباس ماڻهو هو اسيمبلي ۾ ڀهرين ميلاد آغا سراج دراني منعقد ڪيو هو مان دعا ڪيان ٿو ته الله تعاليٰ آغا سراج کي ثواب دارين عطا فرمائي هن چيو ته هو قومي اسيمبلي ۾ آفتاب شعبان ميراڻي سان گڏ رهيو آهي ۽ هو هڪ تمام نفيس انسان پڻ هو انهن ماڻهن جو ڪردار اهڙو هو جو سنڌن مخالف به ڪين سٺن لفظن ۾ ياد ڪندا آهن

بقايا 22 ڊهي پٽ

نتيجي ۾ اسڪولن جون اٽڪل سمورين عمارتون ڊهي پٽ ٿي ويون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه فلسطين ۾ يونيسيف جي نمائندي گذريل ڏينهن چئي آهي هن چيو ته غزه ۾ 97 سيڪڙو اسڪولن جون عمارتون جنگ جي نتيجي ۾ مڪمل تباهه ٿي ويون آهن. گذريل ٻن سالن ۾ 6 لک 70 هزار کان وڌيڪ شاگرد تعليم جي حق کان محروم ٿي ويا آهن . هن ٻڌايو ته 2023ع کان اسرائيلي اختيارين تعليمي عمل بابت ڪنهن به قسم جي مواد جي غزه ۾ فراهمي تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي.

بقايا 23 ملاقات

اربع ڏينهن پارليامينٽ هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ بلوچستان جي سياسي، سماجي ۽ ترقياتي صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون قومي اسيمبلي جي سيڪريٽريٽ مطابق ان موقعي تي سردار اياز صادق بلوچستان جي وڏي وزير جي تبديليءَ بابت گردش ڪندڙ خبرن کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو ته بلوچستان جي اتحادي حڪومت صوبي جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي اسپيڪر ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته بلوچستان جي ترقي پاڪستان جي مجموعي ترقي آهي هن چيو ته بلوچستان ۾ جاري وڏا ترقياتي منصوبا سلو سنوڻ آهن ۽ وفاق هر سطح تي صوبائي حڪومت سان مڪمل سهڪار جاري رکندو هن چيو ته صوبي جي عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ اولين ترجيح آهي ۽ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ مضبوط رابطن سان عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ بهتري ايندي ملاقات دوران عوامي ڀلائيءَ جي جاري منصوبن، وفاقي معاونت ۽ سيڪيورٽي انتظامن تي به ڳالهيون ٿيون بنهي اڳواڻن بلوچستان جي خوشحالي ۽ پائيدار ترقيءَ لاءِ گڏيل سهڪار وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڀريو وڏي وزير اسپيڪر جي پارلياماني خدمتن، ايوان جي ڪارروائي کي سٺي طريقي هلائڻ ۽ بلوچستان اسيمبليءَ ۾ قانونسازيءَ جي سلسلي ۾ قومي اسيمبليءَ جي سهڪار کي ساراهيو هن چيو ته بلوچستان جي عوام ۽ سيڪيورٽي فورسز دهشتگرديءَ خلاف جنگ فرنٽ لائن تي آهن هن چيو ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ عوام دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون آهن هن چيو ته پارليامينٽ صوبن جو مضبوط آواز آهي جيڪو هر سطح تي رهنمائي فراهم ڪري ٿو

بقايا 24 اتفاق

واپار ۽ سيڙپڪاري کي سگهه ڏيڻ جي پاڪستان جي خواهش کي اجاگر ڪندي چيو آهي ته پاڪستان — جي سي سي آزاد واپاري معاهدي جيڪو پنهنجي حتمي مرحلن ۾ داخل ٿي چڪو آهي سان ٻطرفي واپار کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪالهه اربع ڏينهن بحرين جي بادشاهه حمد بن عيسيٰ الخليفه سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ پائيدار ملڪن جي وچ ۾ مضبوط ۽ تاريخي حصيداري تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شاندار استقبال تي حمد بن عيسيٰ الخليفه جا ٿورا مڃيا ۽ پاڪستان سان بحرين جي پراڻي خيرسگالي کي ساراهيو هن امن پائيجاري ۽ گڏيل بقاءَ کي فروغ ڏيڻ ۾ بحرين جي قيادت کي ساراهيو ملاقات دوران بحرين جي بادشاهه وزيراعظم محمد شهباز شريف کي آرڊر آف بحرين (فرسٽ ڪلاس) پيش ڪيو جيڪو بحرين پاران عالمي سربراهن کي پيش ڪيو ويندڙ سڀ کان وڏو اعزاز آهي ملاقات ۾ بحرين جي بادشاهه ٻڌايو ته بحرين کي اهو اعزاز حاصل آهي ته قائداعظم محمد علي جناح بحرين جي قانوني نمائندگي ڪئي بحرين جي بادشاهه ٻڌايو ته سنڌس رڪارڊ ۾ موجود دستاويز موجب محمد علي جناح بحرين جو وڪيل رهيو.

بقايا 25 اعتماد جو اظهار

مختلف شهري ترقياتي منصوبا تفصيل سان زير بحث آيا. ورلڊ بئنڪ وفد سنڌ حڪومت جي شفاف حڪمت عملي بروقت عملدرآمد ۽ بهتر انتظامي قدمن تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ملاقات دوران ناصر حسين شاهه بريفنگ ڏيندي چيو ته ڪلڪ پروجيڪٽ تحت شهر جون اهم شاهراهون بيهتر تعمير ٿي رهيون آهن پلن ۽ انڊر پاسز جي بحالي، لنڪ روڊن جي بهترائي اسٽريٽ لائيٽ سسٽم جي اپ گريڊيشن ۽ نالن جي مستقل صفائي واري نظام تي تيزيءَ سان ڪم هلي رهيو آهي هن ٻڌايو ته منصوبي جي معيار ۽ رفتار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڊيجيٽل مانيٽرنگ ۽ ٽريڪنگ سسٽم به لاڳو ڪيو ويو آهي.سيد ناصر شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ورلڊ بئنڪ جي تعاون سان شهري سهولتن کي جديد معيارن مطابق بڻائي رهي آهي، جنهن سان ٽريفڪ مينيجمينٽ، شهري خدمتن ۽ عوامي سهولتن ۾ نمايان بهتري اچي رهي آهي

بقايا 26 پهچي ويو

ڪالهه اربع ڏينهن جاري بيان موجب مناما ايئرپورٽ تي بحرين جي ولي عهد، بحريني فوج جي نائب سپريم ڪمانڊر ۽ وزيراعظم شهزاده سلمان بن حمد الخليفه، بحريني نائب وزيراعظم خالد بن عبدالله الخليفه، بحريني پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن رشيد الزاياني ۽ بحريني قيادت جي سينيئر ميمبرن وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پاڪستاني وفد جو شاندار استقبال ڪيو بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف 26 کان 27 نومبر تائين بحرين جو سرڪاري دورو ڪندو

بقايا 27 دعوت

سيڙپڪاري جي دعوت ڏيندي چيو آهي ته ٻطرفي واپار جو ڪاٿو 550 ملين آمريڪي ڊالر کان وڌائي ٽن سالن جي اندر هڪ ارب آمريڪي ڊالر تائين وڌايو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه اربع ڏينهن بحرين جي ولي عهد، بحريني فوج جي نائب سپريم ڪمانڊر ۽ وزيراعظم شهزاده سلمان بن حمد الخليفه سان ملاقات ۾ ڳالهائيندي ڪيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف ملاقات جي لاءِ مناما ۾ قصر القضيبيه پهتو ته ڪيس شاندار گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو وزيراعظم شاندار استقبال تي شهزاده سلمان بن حمد الخليفه جا ٿورا مڃيا ۽ ٻطرفي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۾ بحرين جي قيادت جي ڪردار کي ساراهيو وزيراعظم بحرين کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي سالن جي مدي (2027 – 2026ع) جي لاءِ غيرمستقل ميمبرشپ حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ ان عرصي ۾ گڏيل تعاون وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو اظهار ڪيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ اقتصادي تعاون ڳالهه ٻولهه جو مرڪز رهيو وزيراعظم ٻطرفي واپار کي وڌائڻ جي امڪانن کي اجاگر ڪيو جيڪو هن وقت 550 ملين آمريڪي ڊالر کان وڌيڪ آهي وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ ٻطرفي واپار کي ٽن سالن جي اندر 1 ملين آمريڪي ڊالر تائين وڌايو ويندو ان هدف کي حاصل ڪرڻ پاڪستان — جي سي سي فري ٽريڊ ايگريمينٽ جيڪو پنهنجي حتمي مرحلن ۾ آهي ۽ تازو ئي ويزا جي شرطن ۾ نرمي جهڙن قدمن جي ذريعي ڪيو ويندو هن بحريني سيڙپڪارن کي فود سيڪيورٽي آءِ ٽي تعميرات، کاڻين جي کوٽائي ۽ معدنيات، صحت، قابل تجديد توانائي ۽ سياحت ۾ موقعا ڳولڻ جي دعوت ڏني. هن ڪراچي/گوادر ۽ خليفه بن سلمان پورٽ جي وچ ۾ بندرگاهه کان بندرگاهه تائين رابطو وڌائڻ جي تجويز پڻ ڏني وزيراعظم 150000 کان وڌيڪ پاڪستاني ڪميونٽي جي لاءِ بحرين جي حمايت کي تسليم ڪيو ۽ وڌيڪ هنرمند افرادي قوت فراهم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جي تصديق ڪئي

بقايا 28 سون هٽ

سان رحسترڊ بن بينڪ لاڪرز مان 13 لک آمريڪي ڊالر ۽ 10 ڪلو سون هٽ ڪري ضبط ڪيو ويو آهي نيشنل بورڊ آف روينيو جي عملدارن موجب، اهي لاڪرز عدالتي حڪم تي کوليا ويا، جن مان وڏي مقدار ۾ رقم ۽ سونا زيور هٽ آيا. ياد رهي ته گذريل سال بنگلاديش ۾ پرتشدد مظاهرن کانپوءِ وزيراعظم حسينه واجد عهدي تان استعيفيٰ ڏئي پارت فرار ٿي وئي هئي.

بقايا 29 مريم نواز

روايت توهان ئي قائم ڪئي هئي لاهور ۾ هڪ تقريب دوران نون چونڊجي آيل اسيمبلي ميمبرن کي خطاب ڪندي هن چيو ته پي ٽي آءِ پنجاب ۾ تازين ضمني چونڊن دوران وڏي منافقت ڪئي ته جيڪڏهن هارايوسين ته چونڊاسين ته بائيڪاٽ ڪيو ۽ جيڪڏهن کٽي وياسين ته چونڊاسين بائيڪاٽ جي باوجود به کٽي وياسين. مريم نواز چيو ته اسان تي موروثي سياست جو الزام لڳائيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻن جا پنهنجا مٽ مائٽ به چونڊن ۾ حصو وٺندا رهيا پي ٽي آءِ جي بيانيي سان هاڻي ماڻهو بيوقوف نه بڻجندا ۽ ماڻهو سمجهي ويا آهن تنهنڪري هاڻي پي ٽي آءِ جي جلسن ۾ به ماڻهو ناهن ايندا هن چيو ته پي ٽي آءِ جا چار سال تاريخ جا بدترين سال آهن جيڪي هميشه ياد رهندا. سنڌن چور ۽ لٽيرن وارو بيانيو ڪيستائين هلي ها؟ چئن ورهين دوران سياست کي داغدار ڪيو ويو سياست کي ذاتي دشمني ۾ تبديل ڪيو ويو سنڌس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ جي چار سالا حڪومت دوران مخالفن کي جيلن ۾ وڌو ويو ڪجهه سال اڳ جيڪو توهان ڪيو ۽ روايت قائم ڪئي جيڪڏهن اڄ توهان ان جو پلٽو ڀائيندا ته ڪو به نه ٻڌندو

بقايا 30 گهري ورتو

۽ ڪراچي-سکر هاءِ اسپيڊ ٽرين کي سنڌ حڪومت جا اهم هدف قرار ڏيندي عالمي بينڪ کان ڪراچي سرڪلر ريلوي ۽ ڪراچي-سکر هاءِ اسپيڊ ٽرين لاءِ سهڪار جي اپيل ڪري ڇڏي آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي سرڪلر ريلوي ۽ ڪراچي سکر هاءِ اسپيڊ ٽرين منصوبا سنڌ لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندا سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته عالمي بينڪ انهن رٿائن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. عالمي بينڪ جي هڪ اعليٰ سطح جي وفد ڪراچي ۾ سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ صوبي ۾ شهري نقل و حمل جي بهتري، ٽرانسپورٽ سسٽم کي مضبوط ڪرڻ ۽ مختلف ماڊلز تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات جي موقعي تي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وفد کي عالمي بينڪ جي سهڪار سان تيار ٿيندڙ يلو لائن بي آر ٽي رٿا ۾ اڳڀرائي بابت آگاهي ڏني.

بقايا 31 طلب

زرداري قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا اجلاس 27 نومبر سڀاڻي خميس ڏينهن طلب ڪري ورتا آهن قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب صدر قومي اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي خميس ڏينهن طلب ڪري ورتو آهي اجلاس خميس ڏينهن شام 5 وڳي ٿيندو سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب صدر صدر جو اجلاس سڀاڻي خميس ڏينهن طلب ڪري ورتو آهي اهو اجلاس ٽيپهر 4 وڳي ٿيندو. ٻنهي ايوانن جا اجلاس پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندا.

بقايا 32 چونڊيو ويو

ڪيميائي هٿيارن جي پابندي جي تنظيم (او پي سي ڊبليو) جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي لاءِ 2026ع کان 2028ع جي عرصي لاءِ ٻيهر چونڊيو ويو آهي اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب چونڊ هيگ ۾ منعقد ٿيندڙ رياستي ڌرين جي ڪانفرنس جي 30هين اجلاس دوران ٿي ڪيميائي هٿيارن جي تياري، پيداوار، ذخيره اندوزي ۽ ان جي تباهي تي ڪنوينشن (سي ڊبليو سي) 193 ملڪن سان هٿيارن جي خاتمي جو سڀ کان ڪامياب معاهدو آهي جنهن وڏي پيماني تي تباهي آڻيندڙ هٿيارن جي هڪ پوري ڪلاس جو خاتمو آڻي ڇڏيو آهي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل او پي سي ڊبليو جو بنيادي پاليسي ساز ادارو آهي ۽ ڪنوينشن جي اثرائتي عمل درآمد ۽ ان جي تعميل جي نگراني جو ذميوار آهي

اطلاع عام

پاران منقوله سميرا اشفاق /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سڪندر خان شناختي ڪارڊ نمبر 4230118531409 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. جن زيب (پٽ) 2. سفينه شفيق (ڌيءَ) 3. محمد جاويد (پٽ) 4. سميرا اشفاق (ڌيءَ) 5. نگينه ساجد (ڌيءَ) 6. روبينه ارشد (ڌيءَ) 7. شمائله بي بي (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله امين الدين شيخ /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم امينه بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4220139598522 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نسيم الدين (پٽ) 2. امين الدين شيخ (پٽ) 3. روبينه قمر (ڌيءَ) 4. معين الدين (پٽ) 5. وسيم الدين (پٽ) 6. سليم الدين (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله امينه بيگم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حاجي امان الله خان شناختي ڪارڊ نمبر 4210118024237 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سائره (ڌيءَ) 2. امينه بيگم (زوج) 3. سعد الله خان (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله ماه نور شاهه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيد محمد ڪاظم شناختي ڪارڊ نمبر 4210118349617 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيد محمد موسيٰ (پٽ) 2. ماه نور شاهه (ڌيءَ) 3. مريم شاهه (ڌيءَ) 4. نرگس جهان (زوج) 5. ماه ماشاء (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد فيصل /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد ولايت شناختي ڪارڊ نمبر 4210146471537 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نبيله ولايت (ڌيءَ) 2. نعيم المصطفيٰ (پٽ) 3. قرة العين (ڌيءَ) 4. محمد فيصل (پٽ) 5. شمائله (ڌيءَ) 6. تابنده (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
MEGA CENTER SIEMENS
CHOWRANGI KARACHI-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد صادق /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمديعقوب شناختي ڪارڊ نمبر 4230110202573 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد صادق (پٽ) 2. محمد عارف يعقوب (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد حسان نعيم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نعيم ميان شناختي ڪارڊ نمبر 4220103520669 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. روبينه بيگم (زوج) 2. محمد حسان نعيم (پٽ) 3. محمدبربان نعيم (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله حاڪم علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محرم بروهي شناختي ڪارڊ نمبر 4420454933835 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شازيه (ڌيءَ) 2. عزيزان (ڌيءَ) 3. سهڻو (پاءُ) 4. نور زادي (زوج) 5. حاڪم علي (پاءُ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
SHAHDADPUR-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله غلام محي الدين ميمن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم زرين اخترميمن شناختي ڪارڊ نمبر 4200004582876 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فراز ميمن (پٽ) 2. غلام محي الدين ميمن (زوج) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد رحمان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حاجي اقبال محمد صبا شناختي ڪارڊ نمبر 4230111069231 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. افشين عبدالباسط (ڌيءَ) 2. محمد امان (پٽ) 3. بشريٰ اقبال (ڌيءَ) 4. شميم بيگم (زوج) 5. نوشين محمد صبا (ڌيءَ) 6. رخسارمحمد علي (ڌيءَ) 7. محمد شهزاده سليم (پٽ) 8. محمد بربان (پٽ) 9. محمد رحمان (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله امرين الياس /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم الياس مسيح شناختي ڪارڊ نمبر 4230175616343 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. اسماء (ڌيءَ) 2. شيزاد الياس (پٽ) 3. امرين الياس (ڌيءَ) 4. خرم الياس (پٽ) 5. مختار بي بي (زوج) 6. سحرش (ڌيءَ) 7. بنيش (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله جاويد احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم غلام فاروق گادارو شناختي ڪارڊ نمبر 4320243233539 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. علي احمد (پٽ) 2. صفوران خاتون (ڌيءَ) 3. جاويد احمد (پٽ) 4. غلام ياسين (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
QAMBAR ALI KHAN-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله گلاني بي بي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم بشير محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4230156574751 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. گلاني بي بي (زوج) 2. وحيده بي بي (ڌيءَ) 3. سعيد احمد (پٽ) 4. سعيده بي بي (ڌيءَ) 5. نذيرمحمد (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
MEGA CENTER SIEMENS
CHOWRANGI KARACHI-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله مظفر علي لغاري /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم غلام حيدر لغاري شناختي ڪارڊ نمبر 4130624479227 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. دلشاد رضا ٿالپر (ڌيءَ) 2. اظهر علي لغاري (پٽ) 3. ذوالفقار علي لغاري (پٽ) 4. فريحه ٿالپر (ڌيءَ) 5. سدره لغاري (ڌيءَ) 6. مديحه لغاري (ڌيءَ) 7. غضنفر علي (پٽ) 8. صدف (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
STATE LIFE BUILDING
HYDERABAD-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله عبدالوحيد وياني /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شير بانو سريا شناختي ڪارڊ نمبر 4210108369178 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عبدالوحيد وياني (پٽ) 2. نوشين عبد الستار وياني (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
MEGA EAST KHI-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله سرتاج بيگم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ساجده شناختي ڪارڊ نمبر 4550406598780 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سرتاج بيگم (ماءُ) 2. محمد عثمان بلوچ (پيءُ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله گل زرين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم خان محمد بلوچ شناختي ڪارڊ نمبر 4130317955651 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. گل زرين (ڌيءَ) 2. گل شير (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
STATE LIFE BUILDING
HYDERABAD-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله رضوان بيگ /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم قراة العين شناختي ڪارڊ نمبر 4240161254550 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عمران بيگ (ڀاءُ) 2. رضوان بيگ (ڀاءُ) 3. عدنان بيگ (ڀاءُ) 4. افضال بيگ (ڀاءُ) 5. انيلا بانو (ڀيڻ) 6 عرفان بيگ (ڀاءُ) 7. افتخار بيگ (ڀاءُ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله شهزين نديم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نديم ميمن شناختي ڪارڊ نمبر 4130423178057 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شهزين نديم (زوج) 2. أنزله نديم (ڌيءَ) 3. سليم نديم (پٽ) 4. عريبه نديم (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
STATE LIFE BUILDING
HYDERABAD-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله الطاف حسين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم غلام حسين شناختي ڪارڊ نمبر 4210162274641 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. الطاف حسين (پٽ) 2. فاطمه بانو (ڌيءَ) 3. رضيه بانو (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله اقبال احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نصيب احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4220106951251 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شاه جهان (ڌيءَ) 2. مشتاق احمد (پٽ) 3. اقبال احمد (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
LANDHI-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله روزينه بانو /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم زرينه بانو شناختي ڪارڊ نمبر 4240116924330 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شڪيل احمد خان (ڀاءُ) 2. سليم خان (ڀاءُ) 3. روزينه بانو (ڀيڻ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله فهد غني /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حاجي محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4250158889243 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. رضوانه يحيٰ (ڌيءَ) 2. رخسانه (زوج) 3. عارفه (ڌيءَ) 4. سعديه يحيٰ (ڌيءَ) 5. ندا يحيٰ (ڌيءَ) 6. صوبيه (ڌيءَ) 7. ثمينه (ڌيءَ) 8. فواد محسن (پٽ) 9. فهد غني (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
HALA-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله وقاص باري /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سلامت باري شناختي ڪارڊ نمبر 4230193452711 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ماريه ڪاشف (ڌيءَ) 2. نمره منصور (ڌيءَ) 3. وقاص باري (پٽ) 4. نزهت اقبال (زوج) 5. جويريا اعجاز (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد شبريار صديقي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد اقبال صديقي شناختي ڪارڊ نمبر 4220104312765 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فرحانه اقبال (زوج) 2. محمد شبريار صديقي (پٽ) 3. محمد عمير صديقي (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله اسدالرحمان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عزيز الرحمٰن شناختي ڪارڊ نمبر 4220102493479 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عليشاه رحمٰن (ڌيءَ) 2. اريبه رحمٰن (ڌيءَ) 3. اسدالرحمان (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله اعجاز احمد ڀٽي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سرور احمد ڀٽي شناختي ڪارڊ نمبر 4220179987340 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. اعجاز احمد ڀٽي (پيءُ) 2. سلميٰ (ماءُ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
STATE LIFE BUILDING
HYDERABAD-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله مسليم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فاطمه شناختي ڪارڊ نمبر 4220191901470 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نسرين (ڌيءَ) 2. محمد يوسف (پٽ) 3. عبدالرزاق (پٽ) 4. سليم (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله نصرالله ميمن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مسمات زينب بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4200002782176 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ثمينه ثمل ميمن (ڌيءَ) 2. ظفر الله (پٽ) 3. عدنان عديل (پٽ) 4. نصرالله ميمن (پٽ) 5. راحيله رحمت عرفان (ڌيءَ) 6. عذرا اعجاز (ڌيءَ) 7. تنزيله (ڌيءَ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله اريبه الياس /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد الياس شناختي ڪارڊ نمبر 4220117884827 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. اريبه الياس (ڌيءَ) 2. ياسر بن الياس (پٽ) 3. سحر الياس (ڌيءَ) 4. شازيه الياس (زوج) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله عاقب ضمير /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ضمير حسين شناختي ڪارڊ نمبر 4200005109459 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عاقب ضمير (پٽ) 2. فاطمه ضمير (ڌيءَ) 3. بلال حسين (پٽ) 4. سائره اظهار (ڌيءَ) 5. علي حسين (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله اعجاز علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فقير محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4530319481111 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. اياز علي (پٽ) 2. رياض حسين عالماني (پٽ) 3. جعفر علي (پٽ) 4. اعجازعلي (پٽ) 5. رضيه (ڌيءَ) 6. حاجاڻي (زوج) 7. فياض علي (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
HOSPITAL CHORANGI-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله شير زمان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد اسلم شناختي ڪارڊ نمبر 4240132127613 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. جندن (زوج) 2. حميرا بي بي (ڌيءَ) 3. عمر فاروق (پٽ) 4. شابده بي بي (ڌيءَ) 5. شائله بي بي (ڌيءَ) 6. شير زمان (پٽ) جنين ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AYESHA MANZIL-DSFU

URAAN PAKISTAN
PID(I)4410/25

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڪستان اندر بيروزگاريءَ ۾ اضافو!

صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار

صفحو 4

شري راج ناٿ سنگهه، وزير دفاع مودي سرڪار جي نالي خط..!

ڪرپشن ۽ آءِ ايم ايف جون سفارشون!

مجيد اصغر

صفحو 4

حافظ ظهور احمد

صفحو 4

هڪ مردِ مجاهد جيڪو حق جي ڳالهه ڪرڻ تي شهيد ٿيو!

شهرين جي شڪايتن تي اڳوڻي ايڊيشنل آئي جي ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جي ملاقات

ڪنهن به شهري کي پوليس بابت شڪايت هجي ته ايس ايس پي آفيس اچي: ايس ايس پي

گذريل سال جي رائلٽي واري رقم ايم اين ڪي ملي چڪي آهي گڏجاڻي پڻ ڪئي آهي:ڊي سي

ڪوشش آهي ته اها رقم عوام جي بنيادي مسئلن تي خرچ ڪئي ويندي ۽ شرعات ڏاسوڙي کان ڪئي ويندي

عثمان شاهه هڙي(ت ر) عثمان شاهه هڙي پرسان ڏاسوڙي جي ٿيبا هائوس تي اڳوڻي ايڊيشنل آئي جي غلام قادر ٿيبو سان ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه، ڊي سي ٽنڊوالهيار مصطفيٰ لغاري جي ملاقات اڳوڻي ايڊيشنل آئي جي غلام قادر ٿيبو جي طبيعت معلوم ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهه ٻول پڻ ڪئي ۽ شهرين جون شڪايتون پڻ ٻڌيون ويون انهي موقعي تي شهرين پاران ڏاسوڙي ٿاڻي جي ايس ايڇ او جون ايس ايس پي آڏو شڪايتون ڪيون ۽ لکت ۾ درخواستون ڏنيون ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڏاسوڙي ٿاڻي جي حد ۾ ٿاڻي پرسان دوڪان تان چوري ٿي شڪايت لاءِ وياسين ايس ايڇ او ملڻ کان انڪار ڪيو جنهن بابت ايس ايس پي موقعي تي ئي درخواست تي شهرين کي خاطري ڪرائي ته اوهان آفيس ۾ اچي مونسان ملو ۽ چوري جو ڪيس داخل ڪرايو ته جلد ئي ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي ۽ ايس ايڇ او خلاف پڻ انڪوائري ڪئي ويندي ايس پي جو چوڻ هو ته ڪنهن به شهري کي پوليس بابت شڪايت هجي ته ۽ سندن سان ناجائزي ٿئي ته ايس ايس پي آفيس ۾ شڪايت ڪئي اچي اميد ته ساڻن انصاف ڪيو ويندو ٻي پاسي ايڊيشنل آئي جي غلام قادر ٿيبو سميت شهرين پاران ڊي سي ٽنڊوالهيار کي پڻ شڪايتون ڏنيون ته ڏاسوڙي سميت تعلقي ۾ تيل جا ذخيرا موجود هجڻ باوجود علائقي جي عوام بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهي ۽ رائلٽي واري رقم خرچ ٿيندي نظر نه پئي اچي جنهن تي ڊي سي ٽنڊوالهيار شڪايتون ٻڌڻ بعد چيو ته گذريل سال جي رائلٽي واري رقم ايم اين ڪي ملي چڪي آهي جنهن تي گڏجاڻي پڻ ڪئي آهي ۽ ڪوشش آهي ته اها رقم عوام جي بنيادي مسئلن تي خرچ ڪئي ويندي ۽ شرعات ڏاسوڙي کان ڪئي ويندي آخر ۾ آيل شهرين ۽ مهمانن کي اڳوڻي ايڊيشنل آئي جي غلام قادر ٿيبو طرفان سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ۽ اميد ظاهر ڪندي چيو ته جلد ئي ڊي ايس ايس پي عوامي مسئلن کي حل ڪندا ان موقعي مولابخش ٿيبو . وڏيرو غلام ٿيبو، هاشم ٿيبو، ٿيبا برادري جا معززين موجود هئا

عثمان شاهه هڙي: اڳوڻي ايڊيشنل آئي جي ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ملاقات ڪري رهيا آهن

27 آئيني ترميم ڪري حڪمران سنڌ جو سودو ڪيو آهي:غلام نبي ڪوسو

ملڪ جي اندر مافيا جو راڄ لاڳو آهي ملڪ ۾ لاقانونيت ۽ بربريت آهي

موجوده حڪمران آئين کي هلڻ ئي نٿا ڏين ۽ انٽرنيشنل مافيا جا ڪمدار آهن

راڌڻ (ن ع) 27 آئيني ترميم ڪري حڪمرانن سنڌ جو سودو ڪيو آهي جيڪو سنڌ جي عوام کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي غلام نبي ڪوسو خبر موجب عوامي پورهيت تحريڪ جو مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ غلام نبي ڪوسو ايڊووڪيٽ اعظم خاصخيلي ايڊووڪيٽ معشوق چانڊيو مخدوم عدنان مهيسر سليم ڪوسو ۽ ٻين فريدآباد پهچي سنڌ جي شاعر اديب محقق 80 ڪتابن جو خالق عبدالقيوم جوهر بروهي جي لاڏاڻي بعد پونيرن نديم بروهي سان پهچي تعزيت ڪئي ان موقعي تي عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي صدر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل جي اين ڪوسو تي پهچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ جي اندر مافيا جو راڄ لاڳو آهي ملڪ ۾ لاقانونيت ۽ بربريت آهي هن چيو ته موجوده حڪمران آئين کي هلڻ ئي نٿا ڏين ۽ انٽرنيشنل مافيا جا ڪمدار آهن هن چيو ته انٽر نيشنل ڪارپوريشن جا حصيدار آهن . هي حڪمران پيسي جا پوڄاري آهن هنن جون اليڪشنون ڪوڙيون آهن . سڄو سسٽم ڍانچو ڪوڙ تي ٻڌل آهي پاڪستان جي سرڪار ڪمدار سرڪار آهي هنن مان ڪو به چونڊيل حڪمران ناهي هن وڌيڪ چيو ته پاپولر قيادت کي هلڻ ئي نٿا ڏين . ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي آندل ڪوڙا ڏاهيل هيروز هلائيندا . حقيقي جدوجهد ڪندڙن کي هلڻ ڪو نه ڏيندا هن وڌيڪ چيو ته موجوده حڪمرانن جي مظلومن سان محبت ناهي . هن چيو ته هنن کي وسيلن سان محبت آهي ٻهو عوام جا دشمن آهن . هي چاهن ئي نٿا ته ڪو قانون هجي ۽ آئين هجي . هن چيو ته سنڌ جي اندر جدوجهد جي ضرورت آهي هر عام ماڻهو کي سڄاڳ ٿيڻو پوندو . هن چيو ته سمورن سياسي پارٽين جو فرض آهي ته عوام سان گڏ هلون ۽ جدوجهد ڪريون هنن چيو ته 27 آئيني ترميم واپس وٺڻي پوندي انموقعي تي وڪيل اعظم خاصخيلي وڪيل معشوق چانڊيو مخدوم عدنان مهيسر محمدچانڊيو سليم ڪوسو پڻ ساڻن گڏ هيا

راڌڻ: غلام نبي ڪوسو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٿر سٽيزن فورم پاران عوامي آگاهيءَ جي سلسلي ۾ ڏيپلي کان اسلام ڪوٽ تائين ٿر ڪلائميٽ مارچ

حڪمران ڪمپني مافيا سان ملي ڪري ٿر جي ماحول کي تباهه ڪري رهيا آهن: اوپايو جوڻيجو

ڪول پروجيڪٽن ۾ مقامي ماڻهن کان زمين وٺي جر جو پاڻي خراب ڪيو ويو:حاجي مهراڻپوٽو ڪمپنين ٿر جي حُسن کي بگاڙي ڇڏيو آهي:الهڏاد هنگورجو

گوڙانو ڊيم ۾ اسان جون ٻنيون آهن انهن جا اسان کي پئسا ناهن مليا، ڪمپنيون اسان جا مزدور به نٿيون لڳائين: مارچ ۾ شامل متاثر

اسلام ڪوٽ(رپورٽ: سڪندر علي ٻجير) اسلام ڪوٽ ۾ ٿر سٽيزن فورم پاران موسمياتي آگاهي مارچ تفصيل موجب ٿر سٽيزن فورم پاران موسمياتي آگاهيءَ جي سلسلي ۾ ڏيپلي کان نڪتل مارچ اسلام ڪوٽ پهتو ٿر سٽيزن فورم پاران نڪتل "ٿر ڪلائميٽ مارچ" ڏيپلو مان ٽي ڏينهن اڳ نڪتو هو جيڪو موٽرسائيڪل ۽ گاڏين ۾ سفر طئي ڪري اسلام ڪوٽ پهتو اسلام ڪوٽ ۾ ٿر ڪلائميٽ مارچ کي خطاب ڪندي ٿر سٽيزن فورم جي چيئرمين اوپايو جوڻيجو، حاجي مهراڻپوٽو علي نواز مهراڻ پوٽو الهڏاد هنگورجو حافظ محمد جوڻيجو ساجن چارڻ قربان سميجو رميش ميگهواڙ نهال مهراڻپوٽو سبحان لنجو اعجاز ٻجير ۽ ٻين چيو ته ٿر جي ماحول کي حڪمرانن هٿ وٺي ڪمپني مافيا سان ملي تباهه ڪري رهيا آهن. ڪول پروجيڪٽن ۾ مقامي ماڻهن کان زمين وٺي، جر جو پاڻي خراب ڪري بي گهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪمپنيون عوام دشمن بڻجي ٿر جي فطري حسن کي بگاڙي ڇڏيو آهي هنن چيو ته ٿر ڪول پروجيڪٽن ۾ اڳئي مقامي ماڻهن کي اهم پوسٽن تي روزگار ناهي پر جيڪي ننڍا ملازم ڊمپر ڊرائيور آهن انهن جا جائز مطالبا نه ٿا تسليم ڪن ۽ انهن جو ڪاڏو پيٽو بند ڪري روزگار وارو حق به مقامي ماڻهن کان کسي رهيا آهن ۽ ڪمپنيون پنهنجن پيٽي ٺيڪيدار ڪمپنين کي ٻي لغام ڪري ڇڏيو آهي جيڪي ننڍن ملازمن سان روز جي بنياد تي زيادتيون ڪيون پيون وڃن. هنن چيو ته اسان آگاهي مهم لاءِ نڪتا آهيون ته ٿر کي مقامي چونڊيل نمائندن حڪمرانن سان گڏجي تباهي طرف وٺي وڃي رهيا آهن اسان صاف ماحول رکڻ لاءِ پاڻ کي متحد ڪري سڄاڳ ڪيون ته اسانجي فطرت ۽ ماحول صاف سٺرو بڻجي سگهي.مارچ ۾ شامل بلاڪ ون بلاڪ ٽو ۽ گوڙانو جي متاثرين ڳالهائيندي چيو ته گوڙانو ڊيم ۾ اسان جون ٻنيون آهن انهن جا اسان کي پئسا ناهن مليا،ڪمپني اسان جا مزدور نٿي لڳائي،گوڙانو ڊيم جو ڪمپني گوڙانو باغ نالو لکيو آهي پر اتي وڻ تباهه ٿي ويا آهن تباهي لڳي پئي آهي،مڇرن جو آزار آهي.گوڙانو ڊيم سبب 99 سيڪڙو ڪاڻ ڳوٺ جو نقصان ٿيو آهي.چونڊيل نمائندا ڪمپنين کان مال وٺي سٺا پيا آهن ٿرڪول ڪمپنيون اسان کي انسان نٿيون سمجهن.اسان بلاڪ ون جا متاثر آهيون اسان جا چونڊيل نمائندا رڳ نه ٿا ٻڌن.ڪمپنيون ظلم ڪري رهيون آهن.اوپن ڪوئلو اڇلائڻ سبب چمڙي جون بيماريون پکڙجي رهيون آهن.ٿر سڄاڳ ٿي چڪو آهي.اسين چاهيون ٿا ترقي ٿئي پر ٿر پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ۽ روزگار گهري ٿو.موسمي تبديلي سبب ٿر ۾ هر سال ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعن ۾ انساني جانيون ضايع ٿيڻ ٿيون،خدا جي طرفان ڪوئلي جهڙي نعمت عطا ڪئي آهي نعمت تي ڪارا نانگ ويهي رهي آهيا آهن.بلاڪ ون جون زيادتيون عام آهن.هتي اسان وٽ ايم اين اي ٽوڙي ايم پي اي عوام سان سچا ناهن هو ڪمپنين سان مليل آهن.هو مال کائي عوام سان دوکو ڪري رهيا آهن.هتان جو ڪو به نمائيندو عوام ڪڏهن ناهي مليو.ڪاٽن اسان جو ڳوٺ متاثر آهي انهن سان ڪمپني ظلم ڪيو آهي.جتي ضرورت آهي اتي ڪم ناهي ٿي رهيو پر جتي ڪم جي ضرورت ناهي اتي من پسند ڪم ٿي رهيا آهن.ٿرڪول تي ڪم شروع ٿيڻ سان تباهي ٿي آهي.ڪمپنيون ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي.ماحولياتي گدلاڻ وڌي آهي.بيماريون پکڙجي رهيون آهن.بلاڪ ون مان پورهيت مزدورن کي روزگار مان ڪڍيو ويو آهي.جڏهن ته مارچ ننگرپارڪر چاچرو کان ٿيندو 29 نومبر تي مٺي پهچندو

WELCOME
Thar's Sun and Wind
New Door for Future Energy
Organized by: Thar Citizen Forum Tharparkar
موسمياتي آگاهي مارچ

اسلام ڪوٽ: ٿر سٽيزن فورم پاران ٿر ڪلائميٽ مارچ ڪڍيو پيو وڃي

دادو لڳ هٿياربند نائين ڪلاس جي شاگرد کان اسڪول گيٽ تان موٽر سائيڪل ڦري فرار

دادو(ڊ ر) شاهه جهان پارڪ پرسان هٿياربند نائين ڪلاس جي شاگرد غلام علي ولد الهورايو ٿهيم کان اسڪول اچڻ وقت اسڪول جي گيٽ تان موٽر سائيڪل ڦري فرار ٿي ويا. نامعلوم هٿياربندن پي ايس پي پيپلز اسڪول دادو جي نوجوان شاگرد کان هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽرسائيڪل 2025 ماڊل ڦر ڪئي، متاثر شاگرد جو شاگردن سان اسڪول جي گيٽ تي احتجاجي مظاهرو ڪري اي سيڪشن پوليس خلاف سخت نعري بازي ڪئي. شاگرد چيو ته عام عوام محفوظ نه آهي اسان شاگرد ڪيئن محفوظ هونداسين فوري طور ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڦورن کي گرفتار ڪيو وڃي

ڳاڙهو ۾ عوامي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن ڪامريڊ زينل لاشاري وفات ڪري ويو

ڳاڙهو(ن ع) پريس ڪلب ڪيٽي بندر ايٽ ڳاڙهو جي سينيئر صحافي فيض سنڌي جو ننڍو ڀاءُ ۽ سنڌ جي قومپرست سياست جو متحرڪ ڪردار ڪامريڊ زينل لاشاري مختصر علالت بعد گذريل ڏينهن وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ڳاڙهو لڳ سندس آبائي ڳوٺ الهبخش لاشاري ۾ ادا ڪئي وئي جنهن بعد کيس سوين اکين سان شاهپور لڳ درگاهه ڀارن شاهه جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۽ تدفين ۾ علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن صحافين اديبن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم ڪامريڊ زينل لاشاري هڪ سياسي گهراڻي سان تعلق رکندو هو هو عوامي تحريڪ جي باني ميمبر ۽ هاري اڳواڻ ڪامريڊ الهبخش لاشاري جو آخري پٽ هو مرحوم پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي سموري ڄمار عوامي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن رهيو هو سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ، پاڻي جي ڪوٽ، ٻيٽن تي قبضي خلاف جدوجهد، لانگ مارچن ۽ سنڌ جي ٻين ٻرندڙ مسئلن تي ٿيندڙ احتجاجن ۽ جلسن ۾ هميشه اڳڀرو وارو ڪردار ادا ڪندو رهيو هوڏانهن مرحوم جي وفات تي سندس وڏي ڀاءُ سينيئر صحافي فيض سنڌي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جتي مختلف مڪتب فڪر جا ماڻهو ڏئي تي پهچي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪري رهيا آهن

رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ اڳوڻو ايس ايڇ او حسين بخش راڄڙ ملي عدالت ۾ پيش

ايڊيشنل سيشن ڪورٽ جو حيدرآباد عدالت پاران عبوري ضمانت برقرار رکڻ جو حڪم

پوليس جي سهولت ڪاري جي الزام ۾ گرفتار ٿيل پهلاج مينگهواڙ باقي ٽي اهلڪار اڃان فرار

ملي (ڊ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ ڊيپلو پوليس هٿان سڌيون گوليون هڻي قتل ڪيل بدين واسي نوجوان رمضان ڪوسو جي قتل ڪيس جو مک جوابدار ۽ ڊيپلو جو اڳوڻو ايس ايڇ او حسين بخش راڄڙ حيدرآباد جي عدالت مان حفاظتي ضمانت ڪرائڻ بعد ڪالهه ملي جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ پيش ٿيو ۽ عدالت سڱوري سندس پهرين ڊسمبر تائين عبوري ضمانت کي برقرار رکڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو. واضح رهي ته پوليس جي سهوليت ڪاري جي الزام هيٺ آيل هڪ جوابدار پهلاج مينگهواڙ کي پوليس گذريل ڏينهن ڳوٺ عالم سر مان گرفتار ڪيو آهي ۽ باقي ٽي پوليس اهلڪار اڃان

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي ڪارونجهر ڪيس منتقلي خلاف ريلي

ڪارونجهر ڪيس جي اپيل سپريم ڪورٽ مان آئيني عدالت منتقل ڪئي وئي آهي

ليز جا جيڪي مختلف نجي ڪمپنن کي ٺيڪا ڏنا ويا هئا انهن کي رد ڪيو وڃي:مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور پاران ڪارونجهر جو ڪيس آئيني عدالت منتقل ڪرڻ واري عمل خلاف سيشن ڪورٽ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر سيد جعفر علي شاهه محمد جمن سهتو طارق علي مهيسر غضنفر علي جتوئي سجاد سولنگي علي احمد ٿيبو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڪارونجهر سنڌ جي سڃاڻپ ۽ هڪ تاريخي ورثو آهي جنهن جي اپيل گذريل ڪيترو ئي عرصي کان سپريم ڪورٽ ۾ پينڊنگ ۾ پيل هئي جنهن کي حڪومت طرفان هاڻي آئيني عدالت منتقل ڪيو ويو آهي جنهن جي سخت مذمت ڪيون ٿا. حڪومت طرفان ڪارونجهر جي ليز جا جيڪي مختلف نجي ڪمپنن کي ٺيڪا ڏنا ويا هئا انهن کي رد ڪيو وڃي هنن چيو ته 27هين آئيني ترميم کي اڳ ئي سنڌ جو باشعور وڪيل رد ڪري چڪو آهي آئيني عدالتن ذريعي فيصلا ڪرائي

ڏگهڙي شيخ برادريءَ جو نوجوان جي گرفتاريءَ دوران بدنظمي، نوجوان بيهوش

اسان جي نوجوان کي پوليس بنا جواز حراست ۾ ورتو آهي: مظاهرين

مظاهرين جي احتجاج تي پوليس حراست ۾ ورتل نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو

ڏگهڙي (رپورٽ نصير احمد قريشي) ڏگهڙي ۾ شيخ برادريءَ طرفان برادريءَ جي نوجوان جي مبينا گرفتاريءَ خلاف ڏگهڙي پوليس جي غير قانوني عمل تي سخت احتجاج ڪيو ويو ۽ مرڪزي محمدي چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين ڏگهڙي ٿاڻي جو گهيرائو ڪيو جنهن بعد پوليس نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو اربع ڏينهن ڏگهڙي جي شيخ برادري پاران نوجوان جي مبينا گرفتاري خلاف مرڪزي محمدي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي مظاهرين پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي. تفصيل موجب ڏگهڙي جي وارڊ نمبر 3 جي شيخ برادري مرڪزي محمدي چوڪ تي پهچي احتجاج ڪندي مين روڊ بند ڪري ڇڏيو جنهن ڪري گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون. مظاهري ۾ شرڪت ڪندڙ سيٺ شيخ قاسم شيخ راشد شيخ ۽ ٻين الزام هنيو ته اسان جي نوجوان کي پوليس بنا جواز حراست ۾ ورتو آهي. احتجاج دوران پوليس ۽ مظاهرين ۾ تلخ ڪلامي پڻ ٿي جنهن ۾ لونگ جو پٽ راشد بيهوش ٿي پيو جنهن کي تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو بعد ۾ مظاهرين ڏگهڙي ٿاڻي جو گهيراءُ ڪيو جنهن کان پوءِ ايس ايڇ او آفتاب رند حراست ۾ ورتل نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو

ڏگهڙي: شيخ برادري طرفان برادري جي نوجوان جي مبينا گرفتاري خلاف ڏگهڙي پوليس خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملي لڳ زميني تڪرار تان حملي ۾ هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل

ملي (ڊ ر) گذريل رات زميني تڪرار تان ڳوٺ جهبيو ۾ ٻني تي سٺل شخص نالي نيٺو ولد لاڏو مينگهواڙ تي جوابدار بصرمل مينگهواڙ ڪهاڙي جا وار ڪري مرٽينگ ڪري وڌو جنهن کي زخمي حالت ۾ سول اسپتال ملي کان لال ٻتي حيدرآباد نيو ويو آهي

دادو: موبائيل مارڪيٽ جي اليڪشن کٽڻ تي سيد حامد علي شاهه کي گلن جا هار پارائي ريلي ڪڍي وئي

دادو(ڊ ر) موبائيل مارڪيٽ جي اليڪشن کٽڻ جي خوشيءَ ۾ دڪاندارن پاران موبائيل مارڪيٽ جي نئين منتخب ٿيل صدر سيد حامد علي شاهه کي دڪاندارن پاران منتخب ٿيڻ صدر کي گلن جا هار پارائي موبائيل مارڪيٽ کان دادو پريس ڪلب تائين دهل شرنائين سان ريلي ڪڍي وئي، دڪاندارن پاران پريس ڪلب گيٽ تي دهل ۽ شرنائين تي ناچ پڻ ڪيو. ان موقعي تي صدر موبائيل مارڪيٽ حامد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪندي چيو ته دڪاندارن مون تي اعتماد ڪندي مونکي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي

ڪڙيوگهنور پرسان روڊ حادثي ۾ زال ۽ مڙس سخت زخمي

سر نالي ويجهو سوزوڪي ۽ موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ گوپي چند ۽ امر وتي زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور پرسان مجاري لنڪ روڊ پنهور سر نالي ويجهو تيز رفتار سوزوڪي ۽ موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ انصاري شوگر ملز جا رهواسي موٽرسائيڪل سوار زال مڙس گوپي چند ولد سيتل ڀاڳڙي، شريمتي امر وتي زال گوپي چند ڀاڳڙي شديد زخمي ٿي پيا، جن کي مقامي ماڻهن پاران ڪڙيوگهنور پوليس کي اطلاع ڏيڻ بعد حادثي واري جاءِ تان ڪڍائي ڪڙيوگهنور سرڪاري اسپتال علاج لاءِ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن زخمين کي شروعاتي طبي امداد ڏيڻ بعد کين سول اسپتال بدين منتقل ڪيو ويو آهي جتي زخمين جي حالت خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي

ڪڙيوگهنور: روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل زال مڙس

پوليو کي حساس بيماري نه سمجهڻ وڏي غلطي آهي، واحد حل هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ آهي:ڊي سي

پوليو مهم جي حوالي سان ڊي سي محمد يوسف شيخ جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ٿي گذري، لاڳاپيل عملدارن جي شرڪت

مٽياريءَ ۾ 15 کان 19 ڊسمبر تائين ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ ويندا، مهم شروع ڪئي پئي وڃي

37 مقرر، 545 گشتي، داخلي ٽوڙي خارجي رستن تي 22 ٽيمون مقرر ڪيون ويون، نگرانيءَ لاءِ 21 ميڊيڪل آفيسر ۽ 124 ايريا انچارج به مقرر

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ضلعي ۾ 15 ڊسمبر کان 19 ڊسمبر 2025ع تائين "پوليو خلاف مهم" شروع ڪئي پئي وڃي، جنهن دوران ضلعي جي ٽنهي تعلقن جي ڪل 1 لک 82 هزار 850 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ ويندا، ان مقصد لاءِ 604 ٽيمون جوڙيون ويون آهن جن ۾ 37 مقرر ٽيمون، 545 گشتي ٽيمون ۽ ضلعي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي 22 ٽيمون شامل آهن. مهم جي موثر نگرانيءَ لاءِ 21 يوسي ميڊيڪل آفيسر ۽ 124 ايريا انچارج به مقرر ڪيا ويا آهن ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس جي لطيف هال ۾ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي، جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو اقراءَ جنت ، DHOمٽياري ڊاڪٽر اصف حسين شاهه اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبد الستار شيخ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر اسسٽنٽ ڪمشنر سعيد آباد عبد الشڪور سولنگي ايڊيشنل DHOمٽياري ڊاڪٽر نذير ملاح صحت کاتي جي عملدارن پي پي ايڇ آءِ ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل عملي، پوليس ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو ته پوليو کي حساس بيماري نه سمجهڻ وڏي غلطي آهي، پوليو هڪ اهڙي موذي بيماري آهي، جيڪا ٻار کي سڄي عمر لاءِ معذور بڻائي والدين جو محتاج بڻائي ڇڏي ٿي هن زور ڀريو ته پوليو کان بچاءَ جو واحد حل هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ آهي. تنهن ڪري والدين ۽ هر ذميوار شهري جو فرض آهي ته هو پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ته جيئن مهم کي سو سيڪڙو ڪامياب بڻائي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته پوليو مهم دوران ذميوارين ۾ ڪا به ڪوتاهي، غفلت يا غيرحاضري هرگز برداشت نه ڪئي ويندي، جيڪڏهن ڪو پوليو ورڪر پنهنجو ڪم صحيح نموني نه نڀائيندو ته ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي مٽياريءَ ۾ وڪيلن پاران عدالتي ڪاروائيءَ جو بائيڪاٽ

مٽياري (ڊ ر) مٽياريءَ ۾ وڪيلن ڪارونجهر جبل جي مبينا ڪٽائي ۽ زمينن جي استحصال خلاف مٽياري بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي عدالتن جي سمورين ڪاروائين جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو وڪيلن جو چوڻ هو ته ڪارونجهر سنڌ جي ثقافتي تاريخي ۽ روحاني ورثي جي علامت آهي جنهن کي نقصان پهچائڻ سنڌ جي سڃاڻپ تي سڌو حملو آهي. بار ايسوسيئيشن موجب ڪارونجهر جي تحفظ لاءِ سڄي سنڌ جي قانوني برادري ۽ شهري سماج کي گڏيل آواز اٿارڻ جي ضرورت آهي، چو ته هي جبل ۽ ان جي زمينون سنڌ جي تاريخ، ماحوليات ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل سان جڙيل آهن.

سنڌ حڪومت پاران جاري ڪيل هاري ڪارڊ ۽ مالي مدد بابت جاتيءَ ۾ آگاهي سيمينار

سنڌ حڪومت پاران هاري ڪارڊ جاري ڪرڻ جو مقصد هارين کي سڌي طرح سرڪاري سبسڊيون پهچائڻ آهي: ماهر

سبسڊيءَ سان نه فقط زرعي پيداوار وڌندي پر هارين جي معاشي صورتحال ۾ به بهتري ايندي

جاتي (رپورٽ: شڪيل رزاق لوهار) سنڌ حڪومت جي هاري ڪارڊ ۽ ڪڻڪ جي ٻج ۽ ڀاڻ جي مد ۾ مالي مدد پروگرام جي شعور بابت جاتي ۾ ايگريڪلچر کاتي پاران آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ هارين آبادگارن سماجي اڳواڻن ۽ ايگريڪلچر کاتي جي آفيسرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار دوران ماهرن هارين کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت پاران هاري ڪارڊ جاري ڪرڻ جو مقصد هارين کي سڌي طرح سرڪاري رعايتون ۽ سبسڊيون پهچائڻ آهي جنهن سان نه فقط زرعي پيداوار وڌندي پر هارين جي معاشي صورتحال ۾ به بهتري ايندي. اسسٽنٽ ڪمشنر جاتي رضوان عالم شيخ مختيارڪار جاتي اعجاز احمد ٻرڙو ايگريڪلچر آفيسر عبدالرئوف قريشي ٻڌايو ته هن پروگرام تحت ڪڻڪ جي پوک لاءِ رجسٽر ٿيل هارين کي معياري ٻج ۽ ڀاڻ جي خريداري تي مالي سهائتا فراهم ڪئي وڃي ٿي ان کان علاوه هارين کي نئين جديد ٽيڪنالاجي بابت پڻ تربيت ڏني ويندي ته جيئن پاڻي سميت وسيلن جو بهتر استعمال ڪري سگهجي مقررن هارين کي اپيل ڪئي ته هو جلد کان جلد پنهنجو ڊيٽا درست ڪرائن ته جيئن حڪومت طرفان ملندڙ سهولتن مان هر هاري مستفيد ٿي سگهي. سيمينار جي پڇاڙي ۾ سوال جواب جو سيشن پڻ رکيو ويو جنهن ۾ هارين پنهنجي مسئلن ۽ تجويزن بابت کلي ڳالهه ٻولهه ڪئي آخر ۾ هارين پاران سنڌ حڪومت ۽ ايگريڪلچر کاتي جي ڪاوشن کي ساراهيو ويو ۽ اهڙن آگاهي پروگرامز کي وقت جي ضرورت قرار ڏنو ويو. انهيءَ موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سجاول جي انفارميشن سيڪريٽري منظور الرحيم پليجو پ پ تعلقه صدر حاجي محمد قريشي، دلدار احمد سميجو پيپلز ڪلچر ونگ ضلعي سجاول جي انفارميشن سيڪريٽري عبدالغفور ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

جاتي: گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جاتي ۾ تعليم ۽ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي

حڪمران عوام کي خواب ڏيکاري رهيا آهن، پاڻ فائدو وٺي رهيا آهن: راشد محمود سومرو

سنڌ ۾ لکين ٻار اڄ به تعليم کان محروم آهن، صحت جا ادارا ڪرپشن جا گڙه بڻجي ويا آهن

تباهه حال آهن، پورهيت ۽ آبادگار پريشان آهن، منشيات جو ڪاروبار وڌي رهيو آهي ۽ حڪمران خاموش آهن

ملڪ کي ٺهندي 78 سال ٿي چڪا آهن، پر اڃا تائين مڪمل اسلامي قانون لاڳو نه ٿي سگهيو آهي

سجاول(ڊ ر) جمعيت علماءِ اسلام ضلع سجاول طرفان سجاول شهر ۾ سيرت النبي ﷺ جي عنوان سان وڏي عوامي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ جي يو آئي جي مرڪزي ۽ سنڌ جي اڳواڻن خطاب ڪيو. ڪانفرنس کي جي يو آءِ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان هڪ اسلامي ملڪ آهي اهي قانون جيڪي قرآن ۽ سنت جي خلاف آهن جمعيت علماءِ اسلام واضح طور رد ڪري ٿي . هن چيو ته حڪمران عوام کي خواب ڏيکاري رهيا آهن پاڻ فائدو وٺي رهيا آهن جڏهن ته عوام کي صرف لوليپاپ ملي رهيو آهي. سنڌ ۾ لکين ٻار اڄ به تعليم کان محروم آهن صحت جا ادارا ڪرپشن جا گڙه بڻجي ويا آهن روڊ تباهه حال آهن پورهيت ۽ آبادگار پريشان آهن منشيات جو ڪاروبار وڌي رهيو آهي ۽ حڪمران خاموش آهن هن سوال اٿاريو ته ڇا سنڌ ۾ سڀ سهولتون مڪمل ٿي ويون آهن جو حڪمران جشن ملهائي رهيا آهن؟ سنڌ جا ٻيٽ معدني وسيلا ۽ درياهه وڪرو ڪري رهيا آهن ترقياتي بجيٽ هڙپ ڪري رهيا آهن ۽ اسيمبلين جو ٽائيم ختم ٿي ويو آهي. مرڪزي ڊجيٽل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر انجنيئر ضياءُ الرحمن چيو ته ملڪ کي ٺهندي 78 سال ٿي چڪا آهن پر اڃا تائين مڪمل اسلامي قانون لاڳو نه ٿي سگهيو آهي، ايتري قدر جو ختمِ نبوت ﷺ جهڙن بنيادي قانونن سان به ڇيڙڇاڙ ڪئي پئي وڃي هن چيو ته اسلام آباد، ڪراچي حيدرآباد، سکر سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ مسجدن ۽ مدرسن کي نقصان پهچائڻ جون سازشون تيز ٿي رهيون آهن جيڪي ڪنهن به صورت قابل قبول نه آهن جي يو آءِ پنجاب جي سيڪريٽري جنرل حافظ نصير احمد احرار چيو ته اسيمبلي ۾ اهڙو قانون پاس ڪيو ويو آهي جنهن تحت صدر پاڪستان کي تاحيات ڪنهن به ڪرپشن ڪيس ۾ نامزد نٿو ڪري سگهجي مقررين چيو ته هاڻي حقيقي طاقت عوام وٽ آهي جيڪي پنهنجي حقن لاءِ ميدان ۾ اچي رهي آهي مشهور اسلامڪ اسڪالر ۽ جي يو آءِ جي رهنما مولانا عبدالواحد قريشي چيو ته ملڪ ۾ مسجدن ۽ مدرسن جي رجسٽريشن تي پابنديون لڳايون پيون وڃن جيڪي مذهبي آزادي جي خلاف آهن جلسي کي سنڌ جي صوبائي امير مولانا صالح الحداد، مولانا عبدالمالڪ ٽالپر مولانا سميع الحق سواتي مولانا اسماعيل قاسمي مولانا انور سومرو حاجي رفيق احمد سومرو مولانا محمد عيسيٰ سمون حافظ فضل الله فياض مولانا غلام حسين ميمڻ مولانا عبدالرزاق ڪٽي ۽ ٻين اڳواڻن به خطاب ڪيو. جلسو رات دير تائين جاري رهيو.

سجاول: راشد محمود سومرو ۽ ٻيا ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

راڌڻ ۾ پوليس عملدارن خلاف درخواست داخل ڪندڙن جي گهر تي چڙهائي، عورتن جو پاڪ ڪتاب کڻي ڌرڻو

راشد ۽ آصف ڪمانگر جي گهر تي چڙهائي ۽ ڪٽڻ خلاف مظاهرين ٿيبا روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ٽريفڪ معطل

عورتن تي بدترين تشدد سبب ٻه عورتون زخمي، پوليس گهرن مان 2 لک 70 هزار روڪ ۽ سونا زيور پڻ کڻي وئي آهي:مظاهرين

منشيات جو داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري آصف کي ظاهر ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل روڪ رقم ۽ سونا زيور واپس ڪرايا وڃن

راڌڻ (رپورٽ: ستار ميراڻي) راڌڻ ويجهو ميهڙ ۾ اي سيڪشن پوليس پاران ماروي ڪالوني ۾ عدالت ۾ پوليس عملدارن خلاف درخواست داخل ڪندڙ فريادي راشد ڪمانگر ۽ سندس ڀاءُ آصف ڪمانگر جي گهر تي چڙهائي ڪري ٻنهي ڀائرن راشد ڪمانگر ۽ آصف ڪمانگر کي ڪٽيي راشد ڪمانگر تي منشيات رکڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ ۽ سندس ڀاءُ آصف ڪمانگر کي گم ڪرڻ خلاف ميهڙ ۾ ڪمانگر برادري جي عورتن پاڪ ڪتاب کڻي صائمه ڪمانگر، مختيار بيگم ڪمانگر، صنم ڪمانگر، صدوران ڪمانگر، ارم ڪمانگر، روشنا ڪمانگر جي اڳواڻي ۾ ميهڙ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ٿيبا روڊ تي ڌرڻو هنيو هنن صحافين سان ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو آهي ته گذريل رات اسان جي گهر تي ايس ايڇ او اي سيڪشن طارق لاڪير ۽ ون فائيو انچارج امداد سهول جي اڳواڻي ۾ پوليس بنا جواز ۽ بنا سرچ وارنٽ جي گهر تي چڙهائي ڪري گهر ۾ گهڙي عدالت ۾ پوليس عملدارن خلاف تحفظ جي درخواست داخل ڪندڙ راشد ڪمانگر ۽ سندس ڀاءُ آصف ڪمانگر کي گرفتار ڪيو ، پوليس گهرن مان 2 لک 70هزار روڪ ، سوناڙيور ڦر ڪري بيو سامان به ڦر ڪري کڻي وئي، پوليس عورتن تي بدترين تشدد ڪري 2 عورتن صائمه ۽ فاطمه کي زخمي ڪري ڇڏيو پوليس اهلڪارن جا بٽ لڳڻ ڪري هڪ عورت جو ڏند ڀڄي پيو ميهڙ اي سيڪشن پوليس گرفتار راشد ڪمانگر خلاف 2100 سئو گرام چرس رکڻ جو مبينا ڪوڙو ڪيس داخل ڪري سندس گرفتاري ميهڙ جي راڌڻ روڊ وٽان ظاهر ڪئي آهي ، جڏهن ته پوليس آصف ڪمانگر کي گم ڪري ڇڏيو آهي ،احتجاج ڪندڙ عورتن چيو ته پوليس مٽي مائٽي جي تڪرار تان منشيات ڊيلرن جي چوڻ تي پوليس انتقامي ڪاروائي ڪندي ونگار وهي رهي آهي پوليس با اثر ۽ منشيات ڊيلرن جي ونگار وهي پئي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي قرآن پاڪ تي جانچ ڪري راشد ڪمانگر تي منشيات جو داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري آصف ڪمانگر کي ظاهر ڪري کين آزاد ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل روڪ رقم ۽ سونا زيور واپس ڏنا وڃن نه ته عدالت ۾ ڪيس داخل ڪبو.

راڌڻ : پوليس عملدارن خلاف عورتن جو پاڪ ڪتاب کڻي ڌرڻو

ڀارتي وزير جي تڪراري بيان خلاف استاد بخاري ڪاليج دادو طرفان ريلي

شاگردن ڀارتي وزير راج ناٿ سنگهه جي تڪراري بيان خلاف سخت نعري بازي ڪئي

سنڌ پاڪستان جو حصو آهي ۽ رهندو سنڌ پاڪستان جي دل آهي: اڳواڻ

دادو (رپورٽ: ولي محمد لنڊ) استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو جي طرفان هڪ ريليءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن استادن ڀرپور شرڪت ڪئي ريلي جي قيادت پروفيسر محمد عرفان سخت مذمتي نعرا لڳايا. ريلي جي شرڪت ڪندڙن زور ڏئي چيو ته سنڌ پاڪستان جي دل آهي، هميشه پاڪستان جو حصو رهيو آهي ۽ هميشه رهندو هن موقعي تي ڪاليج جا استاد ۽ شاگرد هڪ

ڏگهڙي ۾ بي بي سيده فاطمه زهرا سلام الله عليها جي شهادت جي سلسلي ۾ ٽي روزه مجلس ۽ ماتم داري جو پروگرام منعقد

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ بي بي سيده فاطمه زهرا سلام الله عليها جي شهادت جي سلسلي ۾ ساليانو قديمي ٽي روزه مجلس ۽ ماتم داري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو مجلس عزاءِ کي خطاب ڪندي علامه شجاعت عباس قمي بي بي سيده فاطمه الزهرا سلام الله عليها جي سيرت، فضيلتن ۽ سندن لازوال قربانين تي روشني وڌي علامه قمي چيو ته سيدهؑ جي زندگي سڄي دنيا جي عورتن لاءِ ايمان عفت ۽ صبر و استقامت جو بهترين مثال آهي هنن مسلمان عورتن کي حضرت فاطمه زهرا جي اسوهٔ حسنه (سٺي نموني) تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ ٻڌايو ته بي بي سيدهؑ جي شهادت حقيقت ۾ حق ۽ انصاف جي لاءِ ڏنل هڪ عظيم قرباني هئي ٽي روزه مجالس جو انعقاد مرڪزي امام بارگاهه باب العلم

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ خلاف بک هڙتال

ڪارونجهر تاريخي ورثو آهي، ڪنهن کي هڪڙو پٿر به کڻڻ نه ڏينداسين: اڳواڻ

ڪارونجهر کي ثقافتي ورثو قرار ڏئي گهمڻ لاءِ سياحتي مرڪز ناهيو وڃي

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف بک هڙتال خبر موجب سنڌ حڪومت طرفان ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف هاءِ ڪورٽ سنڌ جي فيصلي خلاف آئيني عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪرائڻ خلاف ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻ الهرکيو ڪوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين طرفان ننگرپارڪر ۾ بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي احتجاج ڪيو ويو صحافين سان ڳالهائيندي ڪارونجهر فورم جي اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته تاريخي ورثو ختم ڪيو وڃي. هنن چيو ته سمورو ڪارونجهر تاريخي ورثو آهي اسان ڪارونجهر جو هڪڙو پٿر به ڪنهن کي کڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت ڪارونجهر کي ثقافتي ورثو قرار ڏيئي ماڻهن جي گهمڻ لاءِ سياحتي مرڪز ناهي ته ڪمائي سگهي ٿي لازمي ناهي ته ڪارونجهر کي وڪرو ڪري ناڻو ڪمايو وڃي. اڳواڻن چيو ته مقامي سطح کان وٺي اعليٰ سطح تائين عوام ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف آهي. هنن چيو ته ڪارونجهر مقامي ماڻهن جي روزگار کان وٺي پيئڻ جي پاڻي جو واحد ذريعو آهي. هنن چيو ته ڪارونجهر جي ڪٽائي لاءِ آئيني عدالت مان جيستائين سنڌ حڪومت درخواست واپس نه وٺندي ايستائين اسان بک هڙتال جاري رکنداسين.

#SAVE KAROONJHAR

ننگرپارڪر: ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ خلاف بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

ميهڙ پوليس جون ڪارروايون، 2 ڪلو چرس هٿ، منشيات ڊيلر گرفتار

پوليس باءِ پاس لڳ ڪارروائي ڪري راشد علي ڪمانگر کي گرفتار ڪيو

جوابدار وٽان 2100 گرام چرس برآمد ڪيو ويو، ڪيس داخل

ميهڙ (ن ع) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون ميهڙ ۾ پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، اي-ڪيٽيگري جو منشيات ڊيلر گرفتار سندس وٽان 2 ڪلو کان وڌيڪ چرس برآمد ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس

جوابدار جي قبضي منجهان 2100 گرام چرس برآمد ڪئي وئي، ان ڏس ۾ جوابدار خلاف گناهه نمبر 422/2025 قلم 9 (1)3(c) ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽنس ايڪٽ موجب ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته جوابدار راشد

ميهڙ: پوليس پاران گرفتار ٿيل جوابدار

خيرپور چلڊرن اڪيڊمي پاران ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان رنگ برنگي تقريب

خيرپور (ڊ ر) خيرپور چلڊرن اڪيڊمي پاران ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان رنگ برنگي ثقافتي تقريب جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ جستم سنڌ جي مرڪزي سينئر وائس چيئرمين امجد خان مهيسر هيومن رائٽس رهنما ديپا ڪماري، سينئر صحافي خادم جوڻيجو شاهنواز ڪلهوڙو سليم رضا شيخ اشرف مغل مهمانن خاص طور تي شرڪت ڪئي هن موقعي تي اسڪول جي ايڊمنسٽريٽر عارف بابر جتوئي پرنسپل ميڊم ناديه بابر آيلن مهمانن کي سنڌي اجرڪ پيش ڪري خوش آمديد چيائين هن موقعي تي شاگردن ۽ شاگردياڻين ثقافتي لباس پائي تقريرون ٽيبلوز پيش ڪري والهاڻو رقص ڪيو هن موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت هزارن سال قديم آهي اسان کي سنڌي ٻولي ٽوپي اجرڪ ۽ روايتن تي فخر آهي هي سڀ اسان جي پهچان آهي سنڌ ثقافت ۽ معدني وسيلن سان مالا مال ۽ سرسبز خطو آهي انهن سنڌ ۾ غير مقامي ماڻهن جي اچڻ جي مذمت ڪندي ان کي سنڌ عوام سان وڏي ظلم ۽ زيادتي قرار ڏنو انهن چيو ته اسان سمورن کي گڏجي سنڌ جي ترقي، خوشحالي ۽ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ جهود ڪرڻ گهرجي تقريب ۾ علي شبير

حيدرآباد ۾ پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ طرفان مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي

200 کان وڌيڪ ڊينگي مليريا ۽ هيپاٽائيٽس جي مريضن جي چڪاس ڪري دوائون ڏنيون ويون

عوام جي خدمت پاڪستاني فوج سان گڏ فرض آهي: پي ڊي پي ايم چيئرمين

حيدرآباد(پ ر) جناح ڪالوني لطيف آباد نمبر 12، حيدرآباد ۾ پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ ۽ ضلعي هيلٿ آفيسر جي سهڪار سان هڪ ڏينهن جو مفت طبي ڪئمپ لڳايو ويو. ڪئمپ ۾ 200 کان وڌيڪ ڊينگي ۽ مليريا جي مريضن جو علاج ڪيو ويو. هيپاٽائيٽس جا مفت چيڪ اپ ٽيسٽ ڪيا ويا ۽ مريضن کي دوائون ڏنيون ويون. چيئرمين شڪيل احمد غوري ڪئمپ ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته پي ڊي پي ايم پنهنجي ملڪ جي سلامتي، دفاع، استحڪام ۽ ترقي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ پاڪستاني هٿياربند فوجن سان گڏ ٻيهڻ سان گڏ، عوام جي خدمتن کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي ۽ مهانگائي جي چڪي ۾ پسيل غريب ماڻهن لاءِ مختلف مفت طبي ڪئمپون منعقد ڪري ٿي. هن ڊي ايڇ او حيدرآباد ڊاڪٽر پير غلام حسين ۽ ڪئمپ جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر مشتاق پٽي جو مڪمل تعاون ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو. ڊاڪٽر مشتاق پٽي ڪئمپ جو دورو ڪيو. ڪئمپ ۾ آيل معزز مهمانن ۾ شڪيل کٽري، فاروق سنارل محمد غازي، راٺو نعان راٺو رمضان امتياز سولنگي شامل هئا. پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ جي وائيس چيئرمين محمد علي آزاد، ضلعي حيدرآباد جي صدر جاويد جمال، جنرل سيڪريٽري سهيل سومرو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري حسين قريشي، ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري هاشم صديقي، سٽي ڪوآرڊينيٽر اياز قريشي محمد شاهد اسلم معا علي محمد طارق غوري خير محمد سولنگي فيض محمد شاهه محمد عزير آرائين حسن قريشي ۽ ٻين ڪئمپ ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪئمپ جي آخر ۾ ڪئمپ انچارج سهيل سومرو هاشم صديقي محمد شاهد سپني مهمانن ۽ طبي عملي جو شڪريو ادا ڪيو

حيدرآباد: پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ طرفان مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي

ميهڙ بار ايسوسيئيشن جو عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ، احتجاج

27 آئيني ترميم آئين جي ڀڃڪڙي آهي جيڪو فيصلو قبول ناهي: مظاهرين

ترميم سان صوبن جي خودمختياري ۽ اختيارن کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش آهي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران 27 آئيني ترميم ،ڪراچي ۾ وڪيلن جي ڪنوينشن دوران وڪيلن کي ڪورٽ اندر نه ڇڏڻ ۽ پوليس گردي خلاف عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ، سمورين عدالتن

خلاف هلندڙ تحريڪ ۽ ڪراچي ۾ ڪنوينشن ڪندڙ وڪيلن کي ڪورٽ ۾ نه ڇڏڻ ۽ پوليس گردي وارن واقعن جي مذمت ڪيون ٿا، هنن چيو ته 27 آئيني ترميم سان صوبن جي خودمختياري ۽ صوبائي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻهولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 27 نومبر 2025ع

پاڪستان اندر بيروزگاريءَ ۾ اضافو!

پاڪستان ۾ گذريل پنجن سالن دوران مزدورن جي تعداد ۾ نمايان واڌارو ٿيو آهي، جڏهن ته زرعي ۽ ماهيگيري شعبن ۾ روزگار جي شرح ۾ نمايان گهٽتائي ڏٺي وئي آهي. گذريل پنجن سالن ۾ ملڪ ۾ بي روزگار ماڻهن جو تعداد 14 لک مان وڌي 45 لک کان 59 لک ٿي ويو آهي، جنهن ۾ 38 لک مرد ۽ 21 لک عورتون شامل آهن. مجموعي طور تي بي روزگاريءَ جي شرح 6.3 سيڪڙو کان وڌي 6.9 سيڪڙو ٿي وئي آهي، جتي مردن ۾ بي روزگاريءَ جي شرح 5.5 سيڪڙو کان 5.9 سيڪڙو ۽ عورتن ۾ 8.9 سيڪڙو کان 9.7 سيڪڙو ٿي وئي آهي. هي انگ اکر واضح ڪري ٿو ته معاشي سرگرمي ۾ مرد ۽ عورتن ٻنهي کي سخت چيلنجن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. ماهرن مطابق، بي روزگاريءَ ۾ واڌ جو سبب صرف اقتصادي بحران نه آهي پر قدرتي آفتون، آباديءَ ۾ تيز رفتار واڌ ۽ زرعي شعبن ۾ روزگار جا موقعا گهٽ ٿيڻ پڻ آهن. ليبر فورس ۾ واڌ، جيڪا 10 سالن کان وڌيڪ عمر وارن لاءِ آهي، گذريل پنجن سالن ۾ 7 ڪروڙ 18 لک کان وڌي 8 ڪروڙ 56 لک ٿي وئي آهي، ان مان هر سال سراسري 35 لک نوان ماڻهو ڪم لاءِ موجود ٿي رهيا آهن، جيڪي ملڪ جي معاشي استحڪام تي اضافي دٻاءُ وجهي رهيا آهن. رپورٽ موجب، گذريل پنجن سالن ۾ ماهوار سراسري اجرت به وڌي آهي، ملڪ ۾ عام مزدورن جي ماهانه پگهار 24,028 روپين کان وڌي 39,042 روپين تائين ٿي وئي آهي، مردن جي ماهانه اجرت 24,643 روپين کان 39,302 روپين تائين ۽ عورتن جي اجرت 20,117 روپين کان 37,337 روپين تائين وڌي آهي، اها واڌ شايد اقتصادي سرگرمين ۾ اضافي ۽ مهارت جي واڌ جو مظاهر آهي، پر اجا تائين اها معاشي عدم مساوات ۽ جنس جي بنياد تي اجرت جي فرق کي مڪمل طور ختم نه ٿي ڪري. ملڪ ۾ مختلف شعبن ۾ روزگار جي شرح ۾ به نمايان فرق ڏسڻ ۾ آيو آهي، زرعي ۽ ماهيگيري شعبن ۾ روزگار جي شرح 37.4 سيڪڙو کان گهٽجي 35.1 سيڪڙو ٿي وئي آهي، جڏهن ته مينوفيڪچرنگ جي شعبن ۾ 14.9 سيڪڙو کان گهٽجي 14.4 سيڪڙو ٿي وئي آهي. هي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته روايتي شعبن ۾ روزگار جا موقعا گهٽجي رهيا آهن جڏهن ته نون شعبن ۾ واڌ ٿي آهي. ٻئي طرف، ڪجهه شعبن ۾ روزگار ۾ اضافو پڻ ٿيو آهي، تعميراتي شعبن ۾ روزگار جي شرح 9.5 سيڪڙو کان وڌي 9.6 سيڪڙو ٿي، هول سيل ۽ ريٽيل ٽريڊ ۾ 14.4 سيڪڙو کان 15.5 سيڪڙو ٽرانسپورٽ، اسٽوريج ۽ مواصلات ۾ 6.2 سيڪڙو کان 6.4 سيڪڙو، سماجي خدمتن ۾ 16 سيڪڙو کان 17.4 سيڪڙو ۽ ٻين مختلف شعبن ۾ 1.5 سيڪڙو کان 1.6 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. هي انگ اکر ڏيکارين ٿا ته شهري ۽ جديد اقتصادي سرگرمين ۾ روزگار جا موقعا وڌي رهيا آهن جڏهن ته روايتي شعبن ۾ گهٽتائي جاري آهي. ماهرين جو چوڻ آهي ته بي روزگاريءَ ۾ واڌ جو هڪ وڏو سبب آباديءَ ۾ تيز رفتاريءَ سان واڌ آهي.

ليبر فورس سروي 2024-25 جي تقريب ۾ منصوبه بندي واري وفاقي وزير احسن اقبال جو چوڻ هو ته صوبن سان گڏ هڪ جامع منصوبابندي تيار ڪئي پئي وڃي، جيڪا مزدورن لاءِ روزگار جا وڌيڪ موقعا پيدا ڪري ۽ معاشي استحڪام کي وڌائي، ملڪ ۾ بي روزگاري ۽ مزدورن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ، ضرورت آهي ته زراعت ۽ ماهيگيري جهڙن روايتي شعبن ۾ جديد ٽيڪنالاجي، مهارتن جي تربيت ۽ وڌيڪ سيڙپڪاري ڪئي وڃي، اهو پڻ ضروري آهي ته نوجوانن لاءِ پيشه ورانه تربيت ۽ اسڪل ڊولپمينٽ پروگرامز کي وڌايو وڃي، جيئن اهي تعمير، ٽرانسپورٽ، هول سيل ۽ سماجي خدمتن جهڙن شعبن ۾ روزگار حاصل ڪري سگهن. ان سان گڏ، عورتن جي معاشي شموليت کي پڻ وڌائڻ لاءِ اجرت ۽ روزگار ۾ برابريءَ کي يقيني بڻائڻ جي ضرورت آهي.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

وَهَ تِڪَ، واھُڙَ تِڪَ، جِت نِينهن، تِڪَ نرالِي؛
جِن کي عِشقُ عَمِيقَ جو، خِلوَتَ خِيالِي؛
وارِئين سا، والِي! هِنَئَڙو جِن هَٽِ ڪيو.
(سُر سهڻي)

چين جو نئون اڀار قديم تهذيب کان جديديت تائين

صوفي رحمن علي

چيني تمدن دنيا جي قديم ترين ثقافتن مان هڪ آهي ۽ هيءَ هڪ اهڙو خطو آهي، جتي ثقافت جو تسلط آهي، جيڪو اوڀر ايشيا جي هڪ وڏي جاگرافيائي علائقي تي پکڙيل آهي. چين جي صوبن، شهرن ۽ ايتري قدر جو ڳوٺن جي وچ ۾ تمام مختلف روايتن ۾ ثقافت ادب، موسيقي، بصري آرٽس، مارشل آرٽس، ساڻ هڪ اهڙو فڪري گلستان آهن، جتي ٻڌمت، جين ڌرم ۽ ٻين فڪري ڌارائن جي خوشبوءِ به شامل آهي، ميسوپوٽيميا ۾ انساني تاريخ جي پهرين تهذيب جي اُسرڻ کان هڪ هزار سال پوءِ دنيا ۾ چيني تهذيب به وڏي تيزيءَ سان اسرڻ شروع ٿي، ۽ سٺن عظيم تهذيبن ۾ قديم چيني تهذيب به شمار ٿي. سياري جي شام جي ڪوهيڙي ۾ چين جي عظيم ديوار ڪنڌ وڌائي وقت جي واديءَ کي نهارڻ لڳي، صدين پراڻن ٽيراڪوٽا سپاهين جي مورتين تي سج جي پوئين پهر جي ڪرڻن جو پاڇو پيو، جڻ ته هو اڄ به سجاڳ نگهباني ڪندي، ڌرتيءَ، تهذيب ۽ حڪمت جي ان ئي سرزمين تان، جتي سن زو پنهنجو ڪتاب 'آرٽ آف وار' ويڙهه جو فن لکيو. جتي ڪنفيوشس فڪر جو بنياد رکيو. اڄ چين ٻيهر نئين شڪل اختيار ڪري رهيو آهي. ڌرتي، جيڪا اڳ ترخانن، منگولن جي يلغارن ۽ آفيم جي جنگين سان زخمي هئي، هاڻي صنعتي انقلاب، سائنس ۽ ڊجيٽل مضبوط معاشي قوت بڻجي اڀريو آهي. هينري ڪسنجر چيو ته چين نه صرف سجاڳ ٿي چڪو آهي، پر هاڻ هلڻ نه پر ڊوڙڻ شروع ڪيو آهي.

قديم وقت ۾، چين جي حڪمت عملي علم، صبر ۽ غير مرئي حرڪت ۾ لڪل هئي، سن زو چيو ته حقيقي جنگ اها آهي، جيڪا ڪڏهن به وڙهي ئي نه وڃي. اڄ چين جي عالمي ڊپلوميسيءَ ۾ ساڳي ماٺ، پر مضبوط قدم محسوس ٿي رهيو آهي. 3 سيپٽمبر 2025 ۾ ٻي عالمي جنگ ۾ جاپان جي چين جي مٿان تسلط جبر جي خاتمي جي ياد پريڊ ۾ لازوال فوجي طاقت جو اهڙو مظاهرو ڪيو، جنهن ۾ نه رڳو ٽيڪنيڪل سازو سامان، ڊرونز، هائپرسانڪ ميزائل، مصنوعي ذهانت سان ليس ايٽمي آبدوز ۽ اسٽيلٿ جيٽ پنجين نسل جا ويڙهاڪ جهاز مصنوعي ذهانت سان هلندڙ دفاعي نظام شامل هئا. پر ان جي پويان هزارين سال پراڻي حڪمت جو پاڇو به ظاهر هو. چين جديد فوجي ساز و سامان جي جيڪا نمائش پيش ڪئي، ان دنيا کي ياد ڏياريو ته ماضيءَ جا گهوڙا هاڻ ٽينڪن ۾ بدلجي ويا آهن. پر سوار اڄا به ساڳي تدبير سان سن زو جي ويڙهه جي فن حڪمتِ عمليءَ تي عمل ڪري رهيا آهن اڄ جو چين بندوقن بدران بٽنڪن ۽ ٽينڪن بدران ٽيڪنالاجيءَ سان دنيا کي شڪست ڏيڻ چاهي ٿو. بي آر آءِ، ڊيجيٽل يوآن، چائنا اسپيس پروگرام سڀ انهن حڪمتن جا نوان روپ آهن، جيڪي هزارين سال اڳ سن زو جي ڪتابن ۾ لکيل هيون. چين جو اڀار ڪو اوچتو يا حادثاتي نه آهي چين وڏي صبر، خاموش ترقي ۽ محتياط سفارتڪاريءَ جو نتيجو آهي.

شنگهائي جي بلند عمارتن کان وٺي گوبيءَ جي صحرائن تائين، چين جو سفر رڳو ٽيڪنالاجيءَ جو نه پر تهذيب جو به آهي. آمريڪي ٿنڪ ٽئنڪ جي پاليسي مطابق قطبي دنيا جي دعويٰ هاڻ به چين آهي ۽ يورپ، جيڪو ڪڏهن اڀار جا روٽ طئي ڪندو هو، اڄ اميدن جي چانئو ۾ نئين رستي جا نقشا ڏسي رهيو آهي، جيڪي ايشيا ۽ چين طرف آهي. طاقت جو سرچشمو هاڻي ايشيا آهي. سو، هيءَ ڪهاڻي صرف چين جي ناهي، بلڪ وقت جي آهي جتي هڪ تهذيب، سوشلسٽ انقلابي حڪمت عملي سان هزارين سالن کان پوءِ به، تاريخ جي سيني تي نئون باب لکي رهيو آهي.

چين جي نئين اڀار سان امريڪا ۽ اتحادين نيٽو سان اقتصادي ۽ ڊپلوميٽڪ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿيندي نظر اچي رهي آهي جڏهن طاقت جا پيمانا بدلجن ٿا، تڏهن اڪثر تاريخ رت سان رنگيل لکبي آهي. اڄ جي دنيا، جيڪا ظاهري طور عالمي ڳوٺ آهي، اندروني طور ٻيهر بلاڪن ۾ ورهائجڻ شروع ٿي چڪي آهي.

شري راج ناٿ سنگهه وزير دفاع مودي سرڪار جي نالي خط..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

محترم راج ناٿ سنگهه، وزير دفاع، نئين دهلي-ڀارت
اميد ته اوهان خيريت سان هوندا.

هي خط مان اوهان تائين پاڪستان جي وڏي ۽ معتبر اخبار 'روزانه جنگ' جي ذريعي احتجاج طور پهچائڻ ٿو چاهيان ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ رهندڙ وطن دوست سنڌي هندو برادري اوهان جي تازو ڏنل بيان تي نهايت سخت رنج، ڏک ۽ غصي جو اظهار ڪري رهي آهي. جڏهن اوهان نئين دهلي ۾ هڪ سنڌي هندن جي تقريب ۾ خطاب ڪري رهيا هئا، تڏهن اوهان اهڙا جملا ڳالهايا ۽ دعوائون ڪيون، جيڪي ڪنهن به ذميوار سرڪاري عهدي تي فائز ماڻهوءَ کان اميد نه ڪيون وينديون. نه صرف اهي غير مناسب آهن، پر انتهائي اشتعال انگيز ۽ حقيقت جي بلڪل ابتڙ آهن خاص ڪري هتي ڏکڻ ايشيا وارو خطو اڳ ئي سياسي ۽ سرحدي لحاظ کان حساس آهي. اهڙي ماحول ۾ اوهان جو سنڌ بابت اهو چوڻ ته مستقبل ۾ نقشي ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي ۽ سنڌ ٻيهر هندستان جو حصو بڻجي سگهي ٿو اِها رڳو غلط نه پر تمام سنجيده ۽ خطرناڪ دعويٰ آهي. اوهان جي ڳالهه حقيقتن سان ٽڪراءُ ۾ آهي ۽ عالمي قانون، گڏيل قومن جي ميثاق ۽ سفارتي اصولن جي به پڌري خلاف ورزي ۾ اچي ٿي. سرپرستِ اعليٰ پاڪستان هندو ڪائونسل جي حيثيت سان مون کي اِها ڳالهه صاف لفظن ۾ رڪارڊ تي آڻڻي آهي ته پاڪستان جي سنڌي هندو برادري اوهان جي انهيءَ بيان کي نه ته ڪو خطرو سمجهي ٿي ۽ نه ئي سياسي طور ڪا اهميت ٿي ڏئي، چو ته اسان کي پوري ڄاڻ آهي ته اهو بيان اوهان تقريب ۾ ويٺلن کان داد وٺڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ لاءِ جذبات ۾ اچي ڏنو جيڪو سمجهداري بدران جذباتي ۽ بي پرواهه جملو هو. پر افسوس جو اصل ڳالهه اها آهي ته اوهان پنهنجي اندروني سياست ۽ سياسي مفاد لاءِ پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي هندن کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسان کي پنهنجي ئي وطن وارن پاڪستانين جي نظر ۾ گهٽ ڏيکارڻ جي جسارت ڪئي. اهو عمل نه صرف غير اخلاقي آهي، پر سماجي، مذهبي ۽ قانوني طور به سخت مذمت لائق آهي. راج ناٿ صاحب! اهو تاريخي سچ آهي ته سنڌ پاڪستان جو هڪ آئيني، جاگرافيائي ۽ بيحد اهم حصو آهي. پاڪستان جون سرحدون بين الاقوامي سطح تي قبوليل ۽ تسليم ٿيل آهن. انهن کي نه نعري بازي بدلائي سگهي ٿي ۽ نه سياسي تقريرون. اوهان جهڙن غير ذميوار بيانن سان خطي ۾ بيچيني وڌي سگهي ٿي ۽ ڏکڻ ايشيا جهڙي اڳ ئي ٽڪراري ۽ حساس علائقي ۾ امن جي ڪوششن کي به نقصان پهچي سگهي ٿو. اٿين خاص طور هڪ ايٽمي ملڪ جي دفاع واري وزير کان ته وڌيڪ سنجيدگي، سمجهه ۽ ڳالهائڻ کان اڳ سوچڻ جي اميد هوندي آهي. اسين سنڌي به آهيون، هندو به آهيون، پر سڀ کان اڳ ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اسان پاڪستاني آهيون. اها ڳالهه جتيءَ طرح ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته پاڪستان اسان جي ڌرتي ماتا آهي. اسان ان کي ڪنهن مجبوري، ڊپ يا دٻاءُ هيٺ قبول نه ڪيو پر دل، جان ۽ عقيدت سان پنهنجو وطن مڃيو. اڄ اسان جي سڃاڻپ، سياست، ثقافت ۽ مستقبل جو هر پاسو هن ملڪ سان جڙيل آهي. ورهاڱي واري ڏکئي ۽ نازڪ لمحي ۾ جڏهن لکين ماڻهن کي هجرت ڪرڻي پئي، تڏهن سنڌ ۾ صدين کان رهندڙ ڪيترائي هندو خاندان پنهنجي ڌرتي نه ڇڏي ۽ فيصلو ڪيو ته آهي هتي ئي رهندا. اسان جا وڏا ٻڌائين ٿا ته انهن ۾ وانڪواڻي خاندان سان گڏ عمرڪوٽ جو راڻو خاندان، ننگرپارڪر جا راجپوت گهراڻا ۽ ٿرپارڪر جا ڀيل ۽ ميگهواڙ قبيلا سميت ڪيترائي خاندان شامل هئا. اوهان پنهنجي تقرير ۾ رڳو هڪ ايڊواڻي جو حوالو ڏنو جيڪي پنهنجي سنڌ ڌرتي کي ڇڏي هليا ويا، پر حقيقت اِها آهي ته سنڌ ۾ اڄ به ايڊواڻي برادري جا ڪيترائي وطن دوست ۽ سچا پاڪستاني آباد آهن. اسان کي فخر آهي ته سنڌي هندو برادريءَ قائداعظم محمد علي جناح رح جي 11 آگسٽ 1947ع واري تاريخي تقرير ۾ ڏنل اقليتن جي تحفظ ۽ برابر حقن جي اصولن تي اعتماد ڪيو ۽ انهيءَ ئي اعتماد سبب اسان پاڪستان کي پنهنجو وطن مڃيو اسان جي بزرگن ان ئي يقين ۽ اعتماد تي ڀروسو ڪندي نقل ڪرڻ يا ديس ڇڏڻ جو ارادو ختم ڪيو ۽ ملڪ اندر رهي پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ اڏاوت ۾ ڀرپور حصو ورتو. راج ناٿ صاحب، اِهو به ٻڌائڻ ضروري آهي ته تحريڪِ پاڪستان ۾ سنڌ جو ڪردار فيصلائتو ۽ بنيادي هو سنڌ ئي اهو پهريون صوبو هو جنهن باقاعدي قرارداد ذريعي پاڪستان جي قيام جي حمايت ڪئي. انگريزن خلاف آزادي جي جدوجهد ۾ رڳو مسلمان نه هئا. پر ڪيترائي هندو دانشور، سماجي ڪارڪن ۽ مقامي اڳواڻ پڻ صفِ اول ۾ شامل هئا. جن پاڪستان جي وحدت، خودمختياري ۽ سڃاڻپ لاءِ گڏيل آواز اٿاريو جڏهن قائداعظم محمد علي جناح رح پنهنجي مشهور 14 نقطن ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان الڳ ڪرڻ جو مطالبو رکيو، تڏهن سنڌ جي هندو اڳواڻن به ان تجويز جي پوري حمايت ڪئي. انهن ۾ ديوان بهادر گووند رام گوڪار، ديوان نارائڻ داس، سيٺ ناومي ڊي گهايا ۽ ٻيون ڪيترائي شخصيتون شامل هيون. جيڪي ان وقت سنڌ جي سياست ۽ سماجي زندگي ۾ اهم حيثيت رکنديون هيون. مخاطب محترم! هن خط جو مقصد اوهان کي اهو سمجهائڻ آهي ته سنڌ ڪا جذباتي خواب يا خيالي تصور نه آهي، سنڌ هڪ زنده حقيقت آهي 1947ع ۾ سنڌ واسين، مسلمان هجن يا هندو، واضح اعلان ڪيو ته اسان جو مستقبل پاڪستان سان وابسته آهي ۽ اڄ به اهو ئي جذبو ۽ عزم قائم آهي. مون سميت هزارين سنڌي هندن پاڪستان ۾ جنم ورتو، هتي جي هوا ۾ ساهه کنيو، هتي ئي تعليم، روزگار، ڪاروبار ۽ سماجي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ اڄ اسين ساڳئي ڌرتيءَ جا وفادار ۽ سچا شهري آهيون. پاڪستان جا سنڌي هندو شهري اڄ تعليم، دوائن (ميڊيڪل)، صحافت، واپار، زراعت، قانون، سياست ۽ سماجي خدمتن سميت تقريبن هر شعبي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سنڌ جا بهادر هندو نوجوان به پاڪ فوج، پوليس، رينجرز ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن ۾ مڪمل وفاداري سان پنهنجو قومي فرض نڀائي رهيا آهن. پاڪستان جي عدالتي تاريخ ۾ ايمانداريءَ جي علامت سمجهيو ويندڙ جسٽس راڻا ڀڳوان داس به سنڌ جي ئي راجپوت ڪٽنب سان تعلق رکندڙ هو گذريل ستر سالن کان اسان سنڌي هندن جي سڃاڻپ ڪڏهن به سرحد جي هُن پار ٿيندڙ ڪنهن مبينا سماجي گڏجاڻي، ڪنهن تقريب يا ڪنهن ٻاهرين ايجنڊا سان جڙيل نه آهي. اسان جي سڃاڻپ صرف پاڪستان آهي. اسان جو ناتو هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ سان آهي ۽ اسان جو حق ۽ وجود آئين پاڪستان سان ملي ٿو. اسان پاڪستان حڪومت کان به درخواست ٿا ڪريون ته اوهان جي هن بيان تي سفارتي سطح تي سنجيدگي سان نوٽيس وٺي قدم کنيو وڃي ۽ عالمي برادري کي پڻ هن بغير سبب ڏنل اشتعال انگيز بيان بابت آگاهه ڪيو وڃي. مان ٻيهر صاف لفظن ۾ چوان ٿو ته اوهان سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخي رشتن جو حوالو ڏئي جيڪو جذباتي داستان ناهڻ جي ڪوشش ڪئي، اهو سنڌ جي پاڪستاني هندن پاران مڪمل طور رد ڪيو ويو آهي. سنڌ جي هزارين سال پراڻي تهذيب هجڻ باوجود اڄ جي سنڌ جي سڃاڻپ، حيثيت ۽ سچائي فقط پاڪستان سان جڙيل آهي ۽ مان اوهان کي صاف خبردار ڪيان ٿو ته جيڪڏهن ماضي جي ڳالهين کي بنياد بڻائي اڄ قومي سرحدون بدلائڻ جون ڳالهيون ڪيون وينديون ته پوءِ موجوده ڀارت جا ڪيترائي علائقا به تاريخ جي بنياد تي متنازع ٿي سگهن ٿا. سرحد جي ٻنهي پاسي امن پسند ماڻهو جن ۾ مان پاڻ به شامل آهيان اها اميد رکن ٿا ته اوهان پنهنجي بيان تي نظرثاني ڪري اهو واپس وٺندؤ. اهڙي عمل سان ٻنهي ملڪن جي عوام ۾ نفرت نه پر ڀائيچاري، پرامن گڏ رهڻ ۽ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ جو جذبو وڌندو.

(اوهان جو خيرخواهه)

هڪ مردِ مجاهد جيڪو حق جي ڳالهه ڪرڻ تي شهيد ٿيو!

حافظ ظهور احمد ڀيڇوهو

الله سائين قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي ته: "جن ماڻهن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا، انهن جي لاءِ الله سائين محبت پيدا ڪري ڇڏيندو" (سوره مريم آيت نمبر 96)

بلڪل ائين ئي جڏهن به نومبر جو مهينو اچي ٿو ته الله سائينءَ جي طرفان محبت جي اهڙي هوا ٿي لڳي جو هر طرف کان علامه شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي ورسيءَ جي خوشبو اچي ٿي. سوشل ميڊيا هجي يا ٻيو ڪجهه هر شهر کان هر ڳوٺ کان هر ماڻهو ننڍو چاهي وڏو هن ڪنهن جي دل ۾ ۽ زبان تي علامه شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جو تذڪرو رهي ٿو ايتري قدر جو منهنجو قلم به لکڻ کان ناهي رڪجي سگهيو. اهو سڀ الله سائينءَ جي طرفان پنهنجي پياري ٻانهي سان محبت جو اظهار آهي. الله سائينءَ فرمايو آهي ته شهيد زنده آهن انهن کي مئل نه چئو. علامه شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو صاحب، جنهن کي صبح جو نماز پڙهندي مسجد ۾ شهيد ڪيو ويو. هو هڪ عام انسان نه هو پر هو هڪ مرد مجاهد، دلير، هميشه پنهنجي پياري سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ سان گڏوگڏ هڪ عالم، مفسر، مدبر ۽ بهترين دانشور انسان هو. هو نوجوانن لاءِ هڪ پسنديده شخصيت هو. الله سائين انهن ۾ اهڙيون ته صلاحيتون رکيون هيون جو انهن سان ملڻ کان پوءِ ۽ انهن جا بيان ٻڌڻ کان پوءِ هر نوجوان اهو چاهيندو هو ته جيڪر پاڻ کي به اهڙو ٿيڻ گهرجي. اهي قدرت جي طرفان ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ خاصيتون رکيون وينديون آهن. علامه شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته هو پاڻ هڪ علم جي لائبريري هو ۽ چيو ويو آهي ته بهترين انسان جي خوبي اها آهي ته اهو جنهن به جڳهه تي رهندو آهي ته سڀ کان پهريون اتان جي ماڻهن جي فائدي لاءِ سوچيندو آهي ۽ انهن کي نفعو پهچائيندو آهي. ائين ئي علامه شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو پنهنجي شهر لاڙڪاڻي جو همدرد، هڏ ڏوکي ۽ فائدو پهچائڻ وارا هو. علامه شهيد پنهنجي شهر لاڙڪاڻي ۾ هڪ بهترين يونيورسٽيءَ نما ادارو قائم ڪيائون، جنهن ۾ پنهنجي پوري سنڌ ۽ ٻين صوبن کان ايندڙ ٻارڙن کي سنڌي پرائمري تعليم سان گڏوگڏ اردو جي تعليم ۽ انگريزيءَ جي سبقن سان گڏوگڏ مڪمل ديني ۽ اسلامي تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ هي يونيورسٽي نما ادارو اندروني سنڌ جي سيني ادارن کان پهرئين نمبر تي رهيو. اهو ادارو جيڪو اڄ به سندن جي اولاد (علامه راشد محمود، مولانا ناصر محمود ۽ مولانا طاهر محمود سومرو) جي انٿڪ محنت سان پوري پاڪستان جي ٻارن کي تعليم ڏيڻ لاءِ جاري ۽ ساري آهي.

ڊاڪٽر سومرو جن جي اها به خواهش هئي ته لاڙڪاڻي شهر ۾ خالص نياڻين لاءِ به هڪ اهڙو ادارو قائم ڪجي، جنهن ۾ نياڻين کي دنيا جي تعليم سان گڏوگڏ مڪمل اسلامي تعليم ڏيڻ گهرجي ۽ ان اداري ۾ پڙهائڻ واريون به فيميل يعني عورتون هجن. ان خواهش جو اظهار پاڻ مون سان (ليکڪ سان) ۽ اسان جي الله رکيو جوليائي سان ڪيو هو ۽ مونکي چڱي طرح ياد آهي ته علامه شهيد ڊاڪٽر صاحب مون کي پاڻ سان گڏ پنهنجي مدرسي جي پٺيان واري جڳهه به ڏيکاري هئي ته منهنجي دل چوي ٿي ته هن جڳهه تي اهو ادارو قائم ڪجي، ۽ مونکي اشاري طور تي فرمايائون ته ان اداري جو انتظام توهان (ليکڪ) ۽ الله رکيو جوليائي ڪيو.

علامه سومرو جڏهن سينيٽر منتخب ٿيو هو ۽ سينيٽ ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي ڳالهه وڏي واڪي ايوان ۾ ڪيائون. ان تي سنڌ ۽ سنڌين جي دشمنن ۾ ٽرٿلو برپا ٿي ويو ۽ دشمنن جي طرفان ڪافي مرتبا علامه شهيد سومرو تي حملا ٿيندا رهيا، ايتري قدر جو هُن تي ٻاهرين ملڪن ۾ حملا ڪيا ويا. اهو سڀ هن جي ڪري ته هُو سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي ڳالهه ايوانن ۾ چو ڪري رهيو آهي. صرف ئي صرف سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ تي اسان جي پياري سنڌ جي هڪ مرد مجاهد، دلير عالم، مفسر، مدبر ۽ بهترين دانشور کي نماز پڙهندي الله جي گهر ۾ شهيد ڪيو ويو. الله سائين کان دعا آهي ته علامه شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو سان منهنجي هن محبت کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي. الله سائين علامه خالد محمود سومرو کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين ثم آمين!

ڪرپشن ۽ آءِ ايم ايف جون سفارشون!

مجيد اصغر

عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) اُن وقت پاڪستان کي اربين ڊالرن جا قرض جاري ڪيا هئا، جڏهن پاڪستان ڏيوالي جي ڪناري تي بيٺل هو ۽ عالمي برادريءَ ۾ ان جي معاشي ساک لوڏن ۾ هئي، پر آءِ ايم ايف لاءِ اهو به ڏسڻ ضروري هو ته ڇا پاڪستان اهڙي حالت ۾ واقعي قرض واپس ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو يا نه؟ هن مقصد لاءِ آءِ ايم ايف نه رڳو تڪليف ڏيندڙ شرطون لاڳو ڪيون پر ڏکي ڳالهين کان پوءِ ڪجهه اصول ۽ ضابطا طئي ڪيا. انهن تي عملدرآمد جي ضمانت ملڻ بعد ئي هن قرض جاري ڪيو. مخالفت ڪندڙ سياسي حلقا ۽ ڪيترائي اقتصادي ماهر حڪومت تي تنقيد ڪرڻ لڳا ته هن (حڪومت) ملڪ جو اقتصادي نظام آءِ ايم ايف جي هٿن ۾ گروي رکي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي ملڪ جا سڀ فيصلا آءِ ايم ايف جي ڊڪٽيشن تحت ٿي رهيا آهن. ڪنهن حد تائين اها ڳالهه غلط نه هئي پر جڏهن ڪو ملڪ اهڙي خطرناڪ موڙ تي اچي وڃي، جتي معاشي ڍانچو هيٺاهين وڃڻ لڳي ۽ ڪاروباري زندگي مفلوج ٿي وڃي ته اهڙن موقعن لاءِ ئي عالمي سطح تي آءِ ايم ايف جهڙا ادارا قائم ڪيا ويا آهن. جيڪي اهڙي مشڪل وقت ۾ اهڙا ملڪ جيڪي معاشي ور جمود جو شڪار هوندا آهن، تن کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ مدد فراهم ڪن ٿا. آءِ ايم ايف پڻ اهڙو ئي ادارو آهي، جيڪو قرض ڏئي ملڪ کي سنڀالي ٿو ۽ ساڳئي وقت حڪومت کي اهڙيون سفارشون به ڏئي ٿو جن تي عمل ڪري ملڪ کي ٻيهر پيرن تي بيهاري سگهجي ٿو ۽ آخرڪار قرض سميت واپس ورتو وڃي ٿو.

تازو آءِ ايم ايف پاڪستان جي اقتصادي صورتحال بابت هڪ انتهائي فڪر انگيز رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي. هن رپورٽ ۾ نه رڳو معاشي مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي پر لڳ ڀڳ سؤ سفارشون پڻ ڏنيون ويون آهن. جن تي عمل ڪري ملڪ پنهنجا معاشي بحران گهٽائي سگهي ٿو. آءِ ايم ايف مالي ڪرپشن جي بگڙيل صورتحال جي نشاندهي ڪندي 53 سؤ ارب رپين جي هڪ وڏي ڪرپشن اسڪينڊل کي به سامهون آندو آهي، جنهن تي جهڙوڪر مخالف ڌر کي حڪومت تي تنقيد ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هجي. پي ٽي آءِ جي اتحاد ۽ ٻين سياسي جماعتن مطالبو ڪيو آهي ته ان ڪرپشن اسڪينڊل جي مڪمل جاچ ڪئي وڃي ۽ ملوث ماڻهن جا نالا ظاهر ڪيا وڃن. جيڪي اڳ ۾ حڪومت کي آءِ ايم ايف جي ڪٺ پتلي چوندا هئا، اهي هاڻي ساڳئي آءِ ايم ايف جي رپورٽ کي سچ ثابت ڪري رهيا آهن ۽ چئي رهيا آهن ته 53 سؤ ارب رپيا آخر ڪيڏانهن ويا؟ ڪير کائي ويو؟ انهن جا خدشا جائز آهن ۽ حڪومت پڻ هن صورتحال تي سخت پريشان آهي.

آءِ ايم ايف چيو آهي ته انهن سفارشات تي سختيءَ سان عملدرآمد ڪيو وڃي ۽ قانوني قدم کنيا وڃن. اهم سفارش اها آهي ته حڪومت سمورن سرڪاري عملدارن کي پنهنجا اثاثا ظاهر ڪرڻ جو پابند بڻائي. حڪومت هن تجويز کي قبول به ڪري ورتو آهي. هڪ ٻي اهم سفارش ۾ آءِ ايم ايف نيب جي باري ۾ چيو آهي ته اهو ادارو سياسي دٻاءُ هيٺ آهي ۽ ڪرپشن روڪڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي چڪو آهي. ڪرپشن ۾ گهٽتائي نه ٿيڻ ڪري ملڪ جي اقتصادي واڌ جي صلاحيت 5.6 سيڪڙو تائين متاثر ٿي رهي آهي. رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته خراب طرزِ حڪمراني، قانون جي پيچ ڊاهه، مؤثر احتساب جي کوٽ، رياستي ادارن کي ڏنل مراعتون، ڪمزور ٽيڪس نظام، سيڪيورٽي ايڪسچينج ۽ سي سي پي جهڙن ادارن جي غير فعالي ۽ مٿان کان هيٺ تائين پکڙيل منظم ڪرپشن، اهي سڀ عنصر اقتصادي سڌارن کي ناڪام ڪري رهيا آهن. رپورٽ ۾ اهو به ڏنو ويو آهي ته قرضن جا ڪم انجام ڏيندڙ ڪيترائي ادارا هڪ جهڙا ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن سبب فيصلا سست ۽ بي ترتيب ٿي وڃن ٿا. پسنديده ڪمپنين کي فائدو ڏيڻ جو نظام سرڪار کي سخت نقصان پهچائي رهيو آهي. ٽيڪس اهلڪارن جا حد کان وڌيڪ اختيار نئين ڪرپشن پيدا ڪري رهيا آهن. آءِ ايم ايف سفارش ڪئي آهي ته رياست جي ملڪيت سڄي زمين هڪ مرڪزي ڊيٽا بيس ۾ درج ڪئي وڃي، عدالتي فيصلا جاري ڪرڻ ۾ دير جا سنگين نتيجا نڪرن ٿا، تنهن ڪري ججن جي مقرريءَ لاءِ معيار طئي ڪيا وڃن ۽ عدالتي نظام ۾ ايمانداريءَ کي فروغ ڏنو وڃي. ايف بي آر جي شفافيت وڌائي وڃي. آءِ ايم ايف جون اهڙيون ڪيتريون ئي سفارشون آهن، جيڪي پاڪستان جو عام ماڻهو به ضروري سمجهي ٿو.

هڪ رپورٽ مطابق پاڪستان ۾ بيروزگاريءَ جي شرح وڌي 7 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، جيڪا اڄ کان پنج سال پهرين 6.43 سيڪڙو هئي. ليبر سروي موجب 24 سالن تائين جا نوجوان سڀ کان وڌيڪ بيروزگار آهن. عورتون، هارين ۽ گهرن ۾ ڪم ڪندڙ ملازم به ساڳي حالت ۾ مبتلا آهن. هن سڄي تباهيءَ ۾ ڪرپشن جو وڏو هٿ آهي. هي صرف پاڪستان جو مسئلو ناهي، بلڪ ڪيترائي ٻيا ملڪ پڻ ساڳي مسئلي ۾ ڦاٿل آهن. شماريات ٻڌائي ٿي ته ڏکڻ سوڊان، صوماليه، وينزويلا، شام، يمن، ليبيا وغيره دنيا جا سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ ملڪ آهن. پاڪستان انهن کان بهتر ضرور آهي پر رڳو ڪجهه قدم اڳتي. ڪرپشن صرف رشوت جو نالو ناهي، اختيارن جو غلط استعمال به ڪرپشن آهي ۽ پاڪستان ۾ هن جو استعمال روز جي معمول بڻيل آهي. ٿاڻا، سرڪاري آفيسون ۽ سرڪاري اسپتالون جنهن سڀ کان وڏو مثال آهن، جتي قانون جي کُليل لتاڙ عام ڳالهه آهي. انهن حالتن ۾ ملڪ جي معيشت کي سنڀالڻ لاءِ آءِ ايم ايف جي تجويزن تي عمل ڪرڻ بلڪل وقت جي ضرورت آهي. ڀلائي ان ۾ آهي ته حڪومت انهن سفارشن کي تسليم ڪري ۽ خرابين جي سڌاري لاءِ فوري طور تي قدم کڻي.

ڳالهين جهڙي ڳالهه...

2010 جي ڏکڻ سنڌ تي اچڻ واري تباهيءَ واري ٻوڏ دوران، احمد جو ننڍڙو گهر جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جا سڀ خواب پريا هئا، پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو. ٻار جن جون اکيون اجا پنهنجي گهر مان ٽريون ئي نه هيون ته پنهنجي والد جي هٿ ۾ هٿ هڻندي پاڻيءَ ۾ ترندا رهيا. مٽيءَ جو گهر ڇت جا ٽڪرا ۽ ڪچو ڪاٺو سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو. پر احمد جي دل ۾ هڪ ئي خواهش هئي، پنهنجن ٻارن لاءِ ٻيهر گهر ناهڻ. پهرين ڏينهن تمام ڏکيا هئا. پاسي وارو ڳوٺ ۽ دوست به پنهنجو پاڻ بچائڻ ۾ مصروف هئا. پر احمد جي دل ۾ حوصلو اهڙو هو جنهن ڪيس هر صبح نئين محنت لاءِ اڀاريندو. هن ڪک گڏ ڪيا، قرض ورتو، اڌ رات تائين ڪم ڪيو ۽ پنهنجي ننڍڙي زمين تي ٻيهر گهر ناهي ورتو. سال 2015 ۾ جڏهن احمد جو گهر آخرڪار ٺهي ويو ته ڳوٺ وارا حيران ٿي ويا. هڪ غريب ماڻهو، جيڪو سڀ ڪجهه وڃائي چڪو هو، پنهنجي محنت ۽ عزم سان ٻيهر پنهنجو گهر ناهي ويٺو هو. پر زندگي ڪڏهن به انسان لاءِ آسان نه هوندي آهي. 2022 ۾، جڏهن ڳوٺ تي وري برساتن جو زور آيو احمد کي خبر به نه هئي ته اها برسات وري سندس زندگيءَ کي جيڙي ڇڏيندي. پاڻي وري سندس گهر تائين پهتو. ديوارون ٽٽيون، ڇت ڪري پئي ۽ سڀ ڪجهه ٻڏل پاڻيءَ ۾ لڙهڻ لڳو. احمد، جنهن پنهنجا هٿ ڪم ۽ محنت سان زخمي ڪيا هئا، اڪيلو بيٺو رهيو. پر هن جي دل ۾ مايوسي نه هئي. هن محسوس ڪيو ته گهر وڃائڻ سان انسان جو حوصلو نه وڃي ٿو. هن پيري ڳوٺ وارا صرف ڏسندا رهيا، پر احمد ڄاڻي چڪو هو ته هر تباهيءَ کان پوءِ ٻيهر سنڀالڻ جي طاقت هن جي اندر ۾ اڀري ٿي. هن پنهنجي ٻارن کي ٻڌايو، "گهڙو ڀڄو ته گهوريو، آسرو نه لاهيج". پر هاڻ هن کي انهن نعرن کان نفرت ٿي وئي هئي، جيڪي پنهنجي ٻالڪپڻ، جوانيءَ ۽ تباهيءَ کان اڳ هڻندو آيو هو. هاڻ هو انهيءَ انتظار ۾ آهي ته ڇا سنڌ صفن مان ڪو عام ماڻهو اقتدار جي حاصلات لاءِ اڳتي وڌندو، ڇا ڪو اهڙو ماڻهو حڪمران بڻجندو، جنهن کي غربت ۽ غريبيءَ جو ويجهڙائيءَ کان تجربو هجي اِها آس هَن کي زندگيءَ ڏانهن واپس

آزاد فلسطين سان مشروط بڻيل عالمي امن!

ڊاڪٽر فرقان حميد

ترڪيءَ جي صدر رجب طيب اردگان تازو ڏکڻ آفريڪا جي شهر جوهانسبرگ ۾ ٿيندڙ جي 20 سربراهي اجلاس جي اختتامي سيشن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي برادريءَ اڳيان فلسطين بابت پنهنجي اصولي، بيخوف ۽ غير متزلزل موقف جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي. اجلاس جنهن جو عنوان يڪجهتي، مساوات ۽ پائيداري رکيل هو ان ۾ صدر اردگان خاص طور تي وچ اوڀر ۾ جاري بحران، خاص ڪري غزه ۾ فلسطيني عوام تي ٿيندڙ ظلمن ۽ قتلِ عام جي مذمت تي زور ڏنو ويو آهي. هن واضح ڪيو ته دنيا ۾ پائيدار امن تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن هڪ آزاد فلسطيني رياست وجود ۾ اچي، جيڪا 1967ع واري سرحدن مطابق قائم هجي ۽ جنهن جو گاديءَ جو هنڌ القدس شهر هجي. صدر اردگان جو وڌيڪ چوڻ هو ته غزه ۾ حاصل ٿيندڙ جنگبنديءَ کي برقرار رکڻ ۽ ٻه رياستي حل کي عمل ۾ آڻڻ بنا امن جو ڪاٿو اڻ مڪمل رهندو ۽ جيستائين فلسطيني رياست قائم نه ٿي ٿئي، تيستائين دنيا حقيقي امن جي ضمانت ڏئي ئي نٿي سگهي.

اردگان غزه ۾ قتلِ عام کي وحشياڻي ڪارروائي قرار ڏيندي چيو ته ان جو ذميوار اسرائيل ۽ ان جو وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو آهن، جيڪي هزارين فلسطيني شهري، جن ۾ اڪثريت ٻارن ۽ عورتن جي هئي، بيدرديءَ سان قتل ڪيا. هن چيو ته عالمي قوتون جڏهن ڪجهه نه ڪري رهيون هيون، تڏهن ڏکڻ آفريڪا جرئت ڏيکاري ۽ عالمي عدالت انصاف ۾ اسرائيل خلاف ڪيس داخل ڪيو. جيڪو هڪ اصولي ۽ تاريخي قدم هو. صدر اردگان چيو ته ترڪي ڪنهن به عالمي دٻاءُ يا سياسي مفاد هيٺ فلسطين جي حمايت کان پوئتي نه هٽندو ۽ دنيا جي هر فورم تي فلسطين جي آزادي ۽ مظلوم فلسطيني عوام جي حقن لاءِ آواز بلند ڪندو رهندو. اردگان پنهنجي تقرير ۾ ڏکڻ آفريڪا جي مثال پڻ ڏني ته جيئن ڪڏهن منڊيلا جي اڳواڻيءَ ۾ سياح نسل نسلي امتياز خلاف جدوجهد ڪري دنيا اڳيان اصولي موقف پيدا رکيو هو ساڳي طرح اڄ فلسطين جو معاملو به اخلاقي ذميواري، انسانيت ۽ انصاف جو امتحان آهي. هن اهو به ٻڌايو ته غزه ۾ 70 هزار کان وڌيڪ انسان مارجي ويا آهن، جن مان وڏي تعداد ٻارن ۽ عورتن جي هئي ۽ جڏهن دنيا خاموش هئي تڏهن ڏکڻ آفريڪا انصاف جي راهه اختيار ڪئي ۽ ترڪي ان جي مڪمل حمايت ڪري ٿو.

سربراهي اجلاس دوران اردگان ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون پڻ ڪيون، جن ۾ ڪينيڊا جو وزيراعظم مارڪ ڪارني، ايٿوپيا جو وزيراعظم ابي احمد علي، انگولا جو صدر جواو لوورنڪو، آسٽريليا جو وزيراعظم انٿوني البانيز ۽ يورپي يونين ڪميشن جو صدر اورسيلا وان ڊر ليئن سان به اهم ڳالهيون ٿيون. اين ملاقاتن ۾ هن عالمي اڳواڻن کي باور ڪرايو ته وچ اوڀر ۽ دنيا ۾ امن فلسطين جي آزاديءَ سان ڳنڍيل آهي ۽ جيسيتائين فلسطيني رياست جو قيام يقيني بڻايو نه ويو ته جنگ، ڏک، افراتفري ۽ بيچينيءَ جو سلسلو جاري رهندو. اردگان وڌيڪ چيو ته غزه ۾ ترڪيءَ جي فوج موڪلڻ جو سوال انساني ضرورت، عالمي قانون ۽ مظلومن جي تحفظ سان مشروط هجڻ گهرجي. ترڪي غير ضروري فوجي تڪرار ۾ حصو نه وٺندو پر امن قائم ڪرڻ، انسانيت بچائڻ، جنگ بندي ڪرائڻ ۽ امداد پهچائڻ لاءِ هر ممڪن سفارتي، سياسي ۽ انساني قدم کڻندو. هن عالمي برادريءَ کي پڻ اپيل ڪئي ته غزه لاءِ گڏيل انساني امداد، ٻيهر تعمير، جنگبنديءَ جي تحفظ ۽ مستقل سياسي حل لاءِ گڏجي اڳتي وڌڻ ضروري آهي. اردگان اجلاس جي ميزبانيءَ تي ڏکڻ آفريڪا جي قيادت جي ساراهه ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن جا تعلقا گذريل 20 سالن ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن ۽ نائب صدر ماشاتيل جي ترڪيءَ جي دوري سان لاڳاپن ۾ وڌيڪ اعتماد ۽ واضح ترقي ٿي آهي، جيڪا مستقبل جي گڏيل همدردي، تعاون ۽ سفارتي سهڪار جو نئون باب آهي اردگان جو پيغام بلڪل صاف هو ته فلسطين جي آزادي بنا عالمي امن صرف هڪ تصور آهي، نه ئي حقيقت آهي. هڪ بااختيار ۽ آزاد فلسطيني رياست، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ القدس هجي ئي امن جو بنيادي شرط آهي. هن چيو ته ترڪي انساني حقن، انصاف ۽ اصولي موقف تان پوئتي نه هٽندو ۽ علمي سطح تي فلسطين لاءِ سڀ کان وڌيڪ مضبوط، بلند ۽ بي لوث آواز طور اڳيان رهندو. سندس موقف واضح ڪري ٿو ته انساني وقار تي سوديبازي نه ٿي ٿي سگهي ۽ آزاد فلسطين کان سواءِ امن ۽ استحڪام جو خواب اڌورو رهندو.

عبرت پوسٽ Ibrat Post

خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

انتشار کان انصاف تائين: پي ٽي آءِ جي سياسي سجاڳي!

2024ع جو سال پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهڙو دور ثابت ٿيو، جيڪو احتجاجن، پُرتشدد مظاهرن ۽ سياسي اڳواڻن خلاف انسداد دهشتگردي عدالتن ۾ ڪارروائين سان ياد ڪيو ويندو. پاڪستان تحريڪ انصاف جي قيادت، جيڪا تبديلي ۽ عوامي حمايت جو نعرو بلند ڪندي اقتدار ۾ آئي هئي، عملي طور ملڪ کي انتشار، معاشي نقصان، ۽ ادارن سان ٽڪراءَ کان سواءِ ڪجهه به نه ڏئي سگهي. راولپنڊي جي دهشتگردي عدالت پي ٽي آءِ جي باني عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان کي عارضي تحويل ۾ وٺڻ جو حڪم جاري ڪيو، جيڪو نه صرف قانون جي بالادستيءَ جو ثبوت هو پر سياسي منظرنامي تي پڻ گهرو اثر ڇڏيندڙ ثابت ٿيو. پي ٽي آءِ جي قيادت حد کان وڌيڪ اڳتي وڌي وئي، 25 نومبر جي رات مارچ اسلام آباد جي حدن گنڊاپور ۽ سوين ڪارڪنن خلاف دهشتگردي سميت سنگين ڪيس داخل ٿيا، جنهن ۾ چيو ويو ته احتجاج ڪندڙ سرڪاري ۽ خانگي ملڪيت کي نقصان پهچايو، شاهراهون بند ڪري عوام جي زندگي مفلوج ڪئي ۽ رياست جي ادارن تي حملو ڪيو. پي ٽي آءِ جي قيادت پاران اقتدار جي نعري هيٺ عوام کي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ، نعرا بازي ۽ احتجاجن کي سياسي طاقت جو ذريعو بڻائڻ سان ملڪ جي بنيادي نظام کي نقصان پهتو. انهن حالتن ۾ عدالتن جو ڪردار بيحد اهم بڻجي ويو. ڇاڪاڻ ته قانون جي گرفت ڪنهن جي به لاءِ رعايت نٿي ڪري. عليم خان جي عارضي تحويل کان وٺي عمر ايوب جي اشتهاري قرار ڏيڻ تائين هر قدم اهو سان محاذ آرائي، احتجاج کي هٿيار بڻائڻ، سرڪاري ۽ خانگي ملڪيت کي نقصان پهچائڻ ۽ قانون جي حڪمن کي نظرانداز ڪرڻ، اهي سڀ سرگرميون پاڪستان جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي صحت تي شديد اثر وجهي رهيون آهن عوام جي زندگي متاثر ٿي، ملڪ جي شهرت بين الاقوامي سطح تي گهٽجي وئي ۽ معاشرتي استحڪام متاثر ٿيو. پي ٽي آءِ جي سياسي منصوبن ۽ نعرا هڻڻ سان قوم کي ڪو به پائيدار فائدو نه مليو. جڏهن ته قيادت پنهنجو سياسي ۽ شخصي فائدو حاصل ڪرڻ ۾ مشغول رهي احتجاجن ۽ پرتشدد مظاهرن جو خراج هاڻي عدالتن جي حڪمن، ڪارروائين ۽ گرفتارين جي صورت ۾ ملي رهيو آهي. قانون جي گرفت ذريعي سگهجي ٿو. پر قوم جي استحڪام، معيشت، روزگار، ادارن جي مضبوط ڪرڻ ۽ عوام جي زندگيءَ جي تحفظ ڏيڻ جهڙيون ذميواريون صرف نعرا بازي ۽ احتجاج سان نه پوريون ٿي سگهن. عدالتن جي فيصلي، قانون جي بالادستي ۽ عوام جي حقن جو تحفظ اهو واضح ڪن ٿا ته ڪنهن به سياسي جماعت لاءِ ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام کان مٿي نه ٿي سگهجي. پي ٽي آءِ جي انتشار ۽ نااهليءَ جو سياسي حساب هاڻي ادا ٿيڻ لڳو آهي، احتجاجن ۽ پرتشدد مظاهرن جي نتيجن سان ۽ عدالتن جي قانوني گرفت ذريعي اهو پيغام موڪليو پيو وڃي ته قانون جي حڪمراني ڪنهن جي به لاءِ رعايت نٿي ڪري. ملڪ جي مستقبل لاءِ انصاف، قانون ۽ امن امان کي ترجيح ڏني ويندي. قوم لاءِ سبق اهو آهي ته سياسي نعرا ۽ جذباتي حمايت اقتدار جو متبادل نه ٿي سگهي ۽ رياست جو ڪم آهي ته قانون، امن ۽ ادارن جي استحڪام کي يقيني بڻائي، جتي ڪو به قانون کان مٿانهون نه هجي. پي ٽي آءِ قيادت پاران حاصل ڪيل

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2291 سال 2025

مسمات عاصمه ڌيءُ گل حسن جاريجو رهندڙ باغ واهه پي او هوسڙي حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: شهزاد علي جاريجو پٽ عبدالستار مسلم بالغ رهندڙ باغ واهه پي او هوسڙي حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي/ايم-II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 38 سال 2025

سعيد پٽ مرحوم غلام حيدر جمالي رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري تعلقو سڪرنڊ ...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات بيگم بيواهه غلام حيدر لغاري (2) مسمات سلميٰ (3) مسمات زهران (4) مسمات فرحانه (5) شمس الدين سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم غلام حيدر لغاري . (6) پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) ذڪريا (2) بلقيس (3) اقرا جي گارڊين جي مقرري لاءِ ۽ سنڌن زرعي زمين سروي نمبر 429(01-27).448(01-35).430(02-12).447 (02-03).410(01-35).409(02-03).408(01-39).407(01-26).379(03-06).380(03-10) ٽوٽل ايراضي 32-13 ايڪڙ واقع ديهه 18 سڪرنڊ تعلقو سڪرنڊ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 03-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج اينڊ جي/ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 316 سال 2025

مسمات شازيه گورچاڻي...پلينٽف...خلاف: ولي محمد ٻگهيو پٽ سليمان ٻگهيو مسلم بالغ ذات ٻگهيو رهندڙ علي ٽائون ميرپورخاص ضلعو ميرپورخاص. سيل نمبر: 0315-3168373...03003614066...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس آف مائنرلاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 29-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I ڪوٽڙي
فيملي سوٽ نمبر 86 سال 2025

ذوالفقار علي پٽ رضا محمد سهاڳ بالغ مسلم ذات سهاڳ رهندڙ سعيد آباد محلا ويجهو ياسر هوٽل ڄامشورو سيل نمبر: 0325-2439513...پلينٽف...خلاف: مسمات بيبي عرف فردوس زال ذوالفقار علي ذات ملاح رهندڙ مجيد ڪالوني تعلقو ۽ ضلعو دادو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ريسٽيٽيوشن آف ڪانجوگل رائيٽس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I ڪوٽڙي
فيملي سوٽ نمبر 92 سال 2025

مسمات عذرا ڌيءُ ميان بخش ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ چاڪر خان راڄڙ ڄامشورو سيل نمبر 0304-2428272...پلينٽف...خلاف: شهباز علي پٽ خير محمد بالغ مسلم ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ الهه ڏنو ساند مٽياري ضلعو مٽياري. سيل نمبر: 0324-2303916....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ پاسٽ مينٽيننس آف پلينٽفس امائونٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 29-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر 220 سال 2025

(1) حنا تبسم شيخ بيواهه مصطفيٰ حسين شيخ رهندڙ هائوس نمبر A-34 غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) عبدالرافع حسين شيخ پٽ مصطفيٰ حسين شيخ رهندڙ هائوس نمبر A-34 غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني حيدرآباد (2) شيخ اريبه ڌيءُ مصطفيٰ حسين شيخ رهندڙ هائوس نمبر A-34 غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني حيدرآباد (3) محمد شاهزيب حسين پٽ مصطفيٰ حسين شيخ (مائنر) رهندڙ هائوس نمبر A-34 غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني حيدرآباد (4) زاهد حسين شيخ (5) نسرين زاهد زال زاهد حسين شيخ ٻئي بالغ مسلم رهندڙ A-34 غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني حيدرآباد (6) مئنيجر يو بينڪ لميٽيڊ برانچ ٽاور مارڪيٽ حيدرآباد (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس/ سمورن واسطيدارن ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي مصطفيٰ حسين شيخ ولد زاهد حسين شيخ وفات جي تاريخ 10-06-2021 شناختي ڪارڊ نمبر 4130848756427 تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 29-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر 75 سال 2025

شريمتي Surhee زال مڪيش ڌيءُ مينڊرو بالغ هندو ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ شاهنواز خاصخيلي تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ...پلينٽف...خلاف: مڪيش پٽ پير بالغ هندو ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ چوڌري انعام الله آرائين تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف پاسٽ اينڊ فيوچرآف هر سيلف اينڊ مائنر مينٽيننس اينڊ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 27-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات سويرا ڌيءُ غلام محمد ذات لغاري رهندڙ گهر نمبر A/335 اٿڙ پاڙو ٽنڊوالهيار...پلينٽف...خلاف: امجد علي ولد سليمان ذات لغاري رهندڙ مسلم ڪالوني ٽنڊو سومرو روڊ ٽنڊوالهيار 03018391686....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 08-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-II ٽنڊو الهيار

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي مشتاق علي ولد لطف علي رهندڙ حسن خان لوڙهو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي (1) عبدالله ولد اوڀايو تاريخ 01-01-97، علي محمد تاريخ 01-01-86، بخشو خان تاريخ 01-01-92، ڌڄاڻي زال عبدالله تارخ 27-09-79، گهمڻ خان تاريخ 01-01-88 تي فوت ٿي ويا آهن جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 252، 192، 235 ديهه حسن خان ٽپو حسن خان لوڙهو تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي غلام حيدر ۽ الهجڙيو جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي .. فوتي جا ماءُ ۽ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي اڳ ۾ فوت ٿي ويل آهن (1) فوتي عبدالله ولد اوڀايو فوتي ڌڄاڻي زال عبدالله فوتي علي محمد ولد عبدالله جا وارث هر هڪ: (1) گهمڻ خان ولد عبدالله (2) بخشو (پٽ) (3) حوري (ڌيءُ)، فوتي گهمڻ ولد عبدالله جا وارث جنان ڌيءُ گهمڻ فوتي بخشو خان ولد عبدالله وارث: (1) ارشاد علي (پٽ) (2) غلام صغران (ڌيءُ) (3) فوتي غلام صغران ڌيءُ بخشو جا وارث: (1) غلام مصطفيٰ (پٽ) (2) منظر علي (پٽ) (3) زيب النساء (ڌيءُ) (4) عصمه (ڌيءُ) (5) عظمه (ڌيءُ) (6) علي بخش مڙس فوتي حور زال سليمان جا وارث: (1) زينب ڌيءُ فوتي زينب زال عبدالله جا وارث: احسان (ڌيءُ) فوتڻ احسان زال ولي محمد جا وارث: (1) سليمان خان پٽ (2) غلام حسين (پٽ) (3) غلام شبير (پٽ) (4) نظر محمد (پٽ) (5) تسليم (ڌيءُ) (6) نسرم (ڌيءُ) (7) ولي محمد فوتڻ جنان ڌيءُ گهمڻ جا وارث: (1) مشتاق علي (پٽ) (2) بانو (ڌيءُ) (3) پرائي (ڌيءُ)، (4) جيندو (ڌيءُ) جا وارث آهن جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا قاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي عمران علي زئونر ولد گل حسن رهندڙ ڳوٺ ٻهارل زئونر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي مسمات نسرين ولد اميد علي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي مزين/ پلاٽ/ سروي نمبر 45/1،2،3، 46/1،2 ايراضي حصي موجب ديهه موري رعيتي ٽپو اي- ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) رحمان علي (پٽ) (2) عمران علي (مڙس) (3) فلڪ (ڌيءُ) (4) زهره (ڌيءُ) (5) حاجاڻي (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا قاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي زاهد علي مگسي ولد گهرام خان مگسي رهندڙ ڳوٺ جام خان مگسي حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي گهرام خان مگسي ولد لعل بخش مگسي تاريخ 30-04-2001 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر 49، 47/1،2، 42/1،2 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه سبڪي جاگير ٽپو ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) زاهد علي (پٽ) (2) نصرت حسين (پٽ) (3) عاشق علي (پٽ) (4) منظور حسين (پٽ) (5) امداد حسين (پٽ) (6) نزاڪت حسين (پٽ) (7) شاهد علي (پٽ) (8) سخاوت حسين (9) مسمات شبانه (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا قاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد اسلم ولد حسين بخش ڪتياڻ ويٺل ڳوٺ صديق ڪتياڻ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سنڌس ڀيڻ نالي فاطمه ڌيءُ حسين بخش زال غلام قادر جيڪا تاريخ 15-08-2024 تي فوت ٿي ويئي آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه سبڪي جاگير ٽپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) محمد خان (ڀاءُ)، (2) محمد اسلم (ڀاءُ)، (3) بانل (ڀيڻ) (4) شهزادي (ڀيڻ)، (5) خانزادي (ڀيڻ)، (6) ڀاڳيري (ڀيڻ) (7) غلام قادر (مڙس). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) عبدالغفور ولد غلام حسين ڪتياڻ (2) ثاقب الدين ولد محمد حسين ڪتياڻ جن ڳوٺ صديق ڪتياڻ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري. مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي خدا بخش ولد نور محمد ڪتياڻ ويٺل ڳوٺ صديق ڪتياڻ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي نور محمد ولد حسين بخش جيڪو تاريخ 20-10-2016 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه سبڪي رعيتي ۽ سبڪي جاگير ٽپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) خدا بخش (پٽ) (2) رحيم بخش (پٽ) (3) مظهر علي (پٽ) (4) ميرزادي (ڌيءُ) (5) نسرين (ڌيءُ) (6) نسيم (ڌيءُ)، (7) مسمات حاڪم زادي (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) عبدالغفور ولد غلام حسين ڪتياڻ (2) ثاقب الدين ولد محمد حسين ڪتياڻ جن ڳوٺ صديق ڪتياڻ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري. مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد سليم ولد حاجي علي محمد خاصخيلي ويٺل ڳوٺ منو خاصخيلي تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سنڌس ڏاڏي نالي مسمات ساحلي ڌيءُ احمد زال امام بخش جيڪا تاريخ 12-02-2000 تي فوت ٿي ويئي آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه شاهپور ٽپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) رسول بخش (پٽ) (2) حاجي علي محمد (پٽ) (3) مولا بخش (پٽ) (4) محمد بخش (پٽ) (5) مسمات ڀاڳل (ڌيءُ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) غلام مصطفيٰ ولد گل محمد خاصخيلي (2) غلام حيدر ولد غلام حسين خاصخيلي جن ڳوٺ منو خاصخيلي ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري. مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

نالي جي درستگي

جيئن ته منهنجي پٽ نالي محمد بلال ولد محمد نصير جي برٿ سرٽيفڪيٽ ۾ غلطي سبب نالو بلال ولد محمد نصير لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري محمد بلال ولد محمد نصير لکيو ۽ پڙهيو ۽ رڪارڊن ۾ پڻ درستگي ڪئي وڃي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

محمد نصير ولد رشيد احمد
شناختي ڪارڊ نمبر: 41303-1522638-9

نالي جي درستگي

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات روزينه ڌيءُ احمد ميمڻ زال محمد رفيق پير ويٺل ڳوٺ ڪارياڻي پان سيد آباد تعلقو سيوهڻ شريف ضلعو ڄامشورو اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سنڌس نالي تي ديهه ڪبيراڻي ٽپو ڪبير تعلقو مٽياري ۾ زرعي زمين آهي. جيئن ته سنڌس نالو رڪارڊ آف رائيٽس ۾ غلطيءَ سبب حاجاڻي ڌيءُ احمد ميمڻ لکجي ويو آهي جيڪو درست ڪري مسمات روزينه رفيق ڌيءُ احمد ميمڻ زال محمد رفيق پير ڪري لکيو ۽ پڙهيو وڃي. اهڙي تصديق بن شاهدن نادر احمد ولد نياز احمد ۽ انور ميمڻ ولد قادر بخش ميمڻ جن اسان جي آفيس ۾ روبرو بيان ڏنو آهي ته نالي مسمات روزينه رفيق ڌيءُ احمد ميمڻ زال محمد رفيق پير کي اسان چڱي طرح سڃاڻون ٿا جنهن جو نالو درست آهي ۽ سنڌس نالو غلطي سبب روينيو رڪارڊ ۾ حاجاڻي ڌيءُ احمد ميمڻ لکجي ويو آهي غلط بياني جي صورت ۾ اسين ٻئي ڏوهه جا ڏوهاري رهنداسين. جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي مٿين نالي جي درستگي بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، نالو درست ڪري ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو ڀاءُ نالي سليمان ولد محمد سومار غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي، گهر مان چوري ڪرڻ، موبائيل ڪٽي گهروارن جون کپائي ڇڏڻ جهڙو خراب ڪم ڪري ٿو منهنجي ڀاءُ سليمان سان ڪوبه ڏيتي ليتي، بئنڪ پرائيوٽ، رشتو لون يا ڪنهن چوري ۾ ملوث هوندو انهيءَ جو ذميوار پاڻ رهندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي

شاهنواز ولد محمد سومار ذات پوڙائو شناختي ڪارڊ نمبر3-3102664-41301، رهندڙ: طلب المولى ڪالوني هالا ضلع مٽياري

عام اطلاع

آئون نالي اشفاق علي ولد غلام نبي ساريو جو عرض ٿو ڪريان ته اسان جي والد صاحب نالي غلام نبي ولد محمد صديق ساريو ديهه ڪاٽ لشڪر خان سنڌس سروي نمبر330، 66، 550/3، 550/2، 550/1 ۽ ٻيا آهن جيئن ته اسان جي والد صاحب کي انتقال ٿئي تقريبن 02 سال ٿيندا ته فوت ٿي ويو آهي ان جي لاءِ اهڙو فوتي ڪاتو بدل ڪري هيٺ ڊيڪاريل وارثن جي نالي منتقل ڪيو وڃي: هيٺ ڏنل وارثن جا نالا: (1) اشفاق علي ولد غلام نبي ساريو (2) صدام حسين ولد غلام نبي ساريو (3) مسرور حسين ولد غلام نبي ساريو (4) فيصل نبي ولد غلام نبي ساريو (5) حسنه خاتون زال غلام نبي ساريو

اشفاق علي ولد غلام نبي ساريو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عنايت الله ولد محمد يوسف چنا درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي محمد يوسف ولد محمد عثمان قاضي چناجيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقي بدين سروي نمبر 100 مان پلاٽ نمبر 88 ۽ 89 ايراضي 2000 هزار چورس فوٽ پلاٽ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي محمد يوسف ولد محمد عثمان قاضي چنا جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد سليم پٽ فوتي جو 2 عبدالغفار پٽ فوتي جو 3 عنايت الله پٽ فوتي جو 4 مسمات نورجهان ڌيءُ فوتي جي 5 مسمات عظمت ڌيءُ فوتي جي 6 مسمات زيب النسا ڌيءُ فوتي جي 7 مسمات حوا ڌيءُ فوتي جي 8 مسمات ياسمين ڌيءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ارشد ولد غلام محمد ذات شر بلوچ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي غلام محمد ولد سوالي شر تاريخ 2020-05-10 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 332 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر / سروي نمبر 14 to 16/11ءِ ٻيا مان گڏيل حصي موجب ايراضي 00-02 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ اولادي شر ديهه نمبر 332 ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1)محمد عثمان (2) گلزار (3) ارشد (4) روبينه زال غلام محمد هرخاص و عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرگڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سول ريويزن درخواست نمبر10 سال 2025

(1)نور محمد ولد سائين بخش (2) شوڪت علي ولد نور محمد (3) شوقين علي ولد نور محمد (4) امير علي ولد نور محمد (5) جام خان ولد سائين بخش ذات ڪيري رهندڙ ڳوٺ خداداد ڪيري تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ ...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) ڪزبانو زال نبي بخش رهندڙڳوٺ خداداد ڪيري تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ (2) مسمات زينب عرف زينو زال ڏٽي بخش (3) مسمات نذيران زال نصير خان ڪيري ٻئي رهندڙ مهراڻ ٽائون شهدادپور ضلعو سانگهڙ(4) مسمات حسنا ڌيءُ علي ڏنو ڪيري رهندڙ الله يار ٽائون شهدادپور (5) مسمات زاهده زال غلام شبير ڪيري رهندڙ ريلوي ڪالوني نزد حيدرآباد بس اسٽاپ هالا ضلعو مٽياري (6) مختيارڪار روينيو تعلقو هالا (7) اي سي تعلقو هالا (8) سب رجسترارهالا (9) ڊي سي مٽياري ....ريسپونڊنٽس

نالي مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سول ريويزن درخواست زيرقلم 115 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي آرڊر خلاف جيڪو تاريخ 12-03-2025 تي پاس ڪيو سينئر سول جج هالا ايف سي نمبر 127 سال 2024 ۾ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

مزمل گولين جو کاڄ بڻجي ويا، ايس ايڇ او بخشاپور ۽ ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ محمد مراد گهانگهرو جي خاص ٽيم ۾ شامل سڪندر علي پنهور جو 23 سالا نوجوان پٽ گل حسن پنهور ۽ پوٽو گلن کان نازڪ معصوم 8 سالا مزمل پنهور غوثپور جمال لنڪ روڊ تي هٿيارٻندن جي نشاني تي اچي ويا. نوجوان گل حسن پنهور موٽرسائيڪل تي نينگر کي ڪٺي اسڪول ڇڏڻ لاءِ نڪتو ته 2 موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ايس ايڇ او بخشاپور سڪندر پنهور جو نوجوان ڪيون نمبر پٽ گل حسن پنهور ۽ معصوم نينگر مزمل پنهور قتل ٿي ويا، اهڙي واقعي بعد وڏي انگ ۾ آس پاس جا ڳوٺاڻا پهچي ويا ۽ نينگر جا وارث پهچي نينگر ۽ نوجوان جو مڙهه گهر منتقل ڪيو جتي ٻنهي جا مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو٥ماحول سوڳوار بڻيل رهيو٥هوڏانهن ڊاڪٽرن جي ٽيم ڳوٺ عبدالحق پنهور ۾ پهچي نينگر مزمل ۽ نوجوان گل حسن پنهور جي مڙهه جي ضروري ڪارروائي ڪئي وئي نينگر ۽ نوجوان جي هٿيارٻندن هٿان شهيد ٿي وڃڻ واري خبر علائقي ۾ پوڻ بعد پوري ضلعي مان ماڻهو نينگر مزمل ۽ نوجوان گل حسن پنهور جي تڏي تي پهچڻ٥ مختلف سياسي سماجي مذهبي تنظيمن جا اڳواڻ شهري علائقي جا معززين وڏي انگ ۾ پوليس اهلڪار ۽ عملدار صحافي برادري نينگر مزمل ۽ نوجوان گل حسن پنهور جي تڏي تي پهتا

ڳوٺ عبدالحق پنهور ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ ايس ايس پي شڪارپور ۽ رينجرز جي ونگ ڪمانڊر سميت مختلف سياسي سماجي مذهبي تنظيمن جا اڳواڻ شهري علائقي جا معززين وڏي انگ ۾ پوليس اهلڪار ۽ عملدار صحافي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي٥جنازا نماز ادا ٿيڻ بعد نينگر ۽ نوجوان کي ڳوٺ عبدالحق پنهور ۾ ابائي قبرستان ۾ آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو٥

گولين جو کاڄ بڻجڻ بعد سوشل ميڊيا تي ڏوهارين جي اهڙي بزدل وارتي ماڻهن نديو ۽ شديد مزمت ڪئي سوشل ميڊيا تي ماڻهن ويچار وٺديا ته ايس ايڇ او بخشاپور سڪندر پنهور مسلسل ڏوهارين سان بهادري سان مقابلو ڪيو جنهن ڪري ان کي ضلعي ۾ امن و امان بحال ڪرائڻ خاطر وڏي قرباني ڏيڻي پوي ٿي ضلعي جي عوام پنهنجي بهادر پوليس عملدار سڪندر علي پنهور سان گڏ آهي

ٿان اهڙيو ڳالهيون گردش ۾ آهن ته ايس ايڇ او سڪندر پنهور جي نوجوان پٽ ۽ پوٽي کي ڀهلڪاڻي گينگ جي ڏوهارين قتل ڪيو آهي پر پوليس باظابطا طور واقعي ۾ ملوث ڪنهن به ڏوهاري گينگ جو نالو ظاهر ناهي ڪيو

ڪي شهيد ڪرڻ واري واقعي بعد ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري جو ڏوهارين جي ٽريسنگ ڪندي رهي ۽ پوري ضلعي اندر چيڪنگ سخت ڪئي وئي پوليس جو مختلف هنڌن تي ڪارروايون جاري رهيون ان دوران ڪنڌڪوٽ جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لوهي پل وٽ ون فاءِ انچارج خليل لغاري ۽ سنڌس ٽيم جو مبينا ڏوهارين سان مقابلو ٿي پيو ان دوران پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ سخت فارنگ جو سلسلو جاري رهيو ۽ مبينا ڏوهارين جون گوليون ختم ٿيڻ بعد هنن پنهنجو پاڻ کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو پوليس ۽ ڏوهارين جي ديوڊو مقابلي کي علاقي واسين ڏٺو ۽ پوليس جي بهادري کي ساراهيو پوليس 3 مبينا ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ذريعن مان ڄاڻ ملي ته هي 3 ڏوهاري غوثپور ۾ ايس ايڇ او بخشاپور سڪندر علي پهنور جي نوجوان پٽ ۽ پوٽي کي شهيد ڪرڻ بعد ڪنڌڪوٽ جي علاقي لوهي پل وٽ وڃي رهيا هئا جيڪي ڏوهاري ساٿين وٽ پناهه وٺڻ لاءِ وڃن پيا جن کي پوليس ٽريس ڪندي گرفتار ڪري ورتو پوليس ذريعن ڀهريان اهڙي خبر جي تصديق ڪئي جڏهن ته بعد ۾ پوليس ان معاملي تي ٻڌايو ته گرفتار ٿيندڙ ڏوهاري ايس ايڇ او سڪندر علي پهنور جي پٽ ۽ پوٽي جي قتل ۾ ملوث ناهن اهي 3 گرفتار ڏوهاري مختلف ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هئا.

بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو ان موقعي تي مقتول جي وارث عامر پنهور صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هو ڀائر مينهن جي واڙي ۾ سٽل هيا ته نامعلوم هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي هڪ ڀاءُ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو واقعي جي ڪاٿي به خبر ناهي پئجي سگهي پوليس جو چوڻ آهي ته جاچ ڪئي پئي وڃي جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو ويندو متاثر آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي ته نامعلوم هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي ٻن ڀائرن کي يرغمال بڻائي هڪ ڀاءُ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويندو

ته معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

ٻين چيو ته صحافي طفيل رند ۽ سنڌس ڀائٽي جي قتل کي 2 مهينا گذري ويا آهن اڃا تائين قاتل گرفتار ناهن ٿي سگهيا جيڪا پوليس جي نااهلي آهي جو چٽو ثبوت آهي هنن چيو ته اسان سان ظالمن وڏو ظلم ڪيو آهي اسان جو نوجوان صحافي طفيل رند ۽ سنڌس ڀائٽيڪي جي قتل ڪيو ويو هنن الزام هڻندي چيو آهي ته ميرپورماٿيلو پوليس قاتلن کان ڳري رشوت وٺي انهن کي گرفتار نٿي ڪري هنن ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بندي، استعمال ٿيل بارودي مواد ۽ واقعي واري هنڌان مليل شاهدين بابت اهم انڪشاف ڪيا ويا آهن بي ڊي يو رپورٽ موجب حملي ۾ 20 ڪلوگرام بارودي مواد استعمال ڪيو ويو جيڪو 3 آئيگهاٽ جيڪٽس ۾ لڳايو ويو هو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪٽس ۾ بارودي مواد کي وڏي تباهي پکيڙڻ لاءِ اڳيان ۽ پٺيان ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو رپورٽ موجب آئيگهاٽي جيڪٽس جي ٽڪڙن سان واضح ٿئي ٿو ته ڌماڪي جا اثر 30 ميٽرن تائين نقصان پهچائڻ جي صلاحيت رکندا هئا بي ڊي يو جو چوڻ آهي ته حملو مڪمل طور آئيگهاٽي نوعيت جو هو ۽ ريموٽ ڪنٽرول جو ڪو به نشان ناهي مليو بي ڊي يو ٽيم واقعي واري هنڌ ان اهم شاهدين گڏ ڪيون جن ۾ 8 دستي بمن جا ٽڪڙا، 2 ملي ميٽر سائز جي بال بيئرنگ، ٻه فوٽ ڊگها پرائما ڪارڊ ۽ ريچ سان ڪٽيل 2 فوٽ تار شامل آهي اهي سمورين شاهدين ليبارٽري تجزيي لاءِ جمع ڪرايون ويون آهن رپورٽ ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته آئيگهاٽي جيڪٽس انتهائي مهارت سان تيار ڪيون ويون جن جو مقصد وڌ کان وڌ جاني ۽ مالي نقصان پهچائڻ هو واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته سيڪيورٽي ادارا حملي جي ماسٽر مائينڊ ۽ سهولتڪارن تائين پهچڻ لاءِ سرگرم آهن

ايڊووڪيٽ سجاد جمالي مختصر عرصي ۾ نه صرف خود کي هڪ قابل محنتي ۽ اصولن تي هلندڙ وڪيل طور منوائي ڇڏيو آهي پر هن نوجوان وڪيلن لاءِ قانوني آگاهي رهنمائي ۽ پروفيشنل تربيت جي حوالي سان پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هن جي مثبت سوچ مددگار مزاج ۽ عدالتي ڪارروائين ۾ جرئت ڀري رويي سبب هو نوجوانن لاءِ هڪ مثال بڻجي چڪو آهي سينيئر وڪيلن چيو ته سجاد جمالي جهڙا نوجوان قانوني پيشو ۾ نئين سوچ جديد نقط نظر ۽ عدالتي سڌارن جي خواهش رکن ٿا جيڪي مستقبل ۾ حيدرآباد سميت سڄي سنڌ جي عدالتي نظام لاءِ اميد جو روشن سرچشمو آهن هن جي صلاحيتن خدمتن ۽ قانوني شعور کي ساراهيندي ڪيترن ئي ساٿين ڪيس مستقبل ۾ وڪيل برادريءَ جو اهم اڳواڻ بڻجڻ جون نيڪ تمنائون پڻ ڏنيون سوشل ميڊيا تي به سنڌس دوستن شاگرد وڪيلن ۽ ساٿين پاران هزارين مبارڪباديون ڏنيون ويون جتي ماڻهن سنڌس قانوني ڪردار سماجي وابستگي ۽ مددگار شخصيت کي خراج تحسين پيش ڪيو ايڊووڪيٽ سجاد جمالي پنهنجي جنم ڏينهن جي موقعي تي سڀني دوستن ساٿين ۽ سينئرن جو دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪندي چيو ته سنڌس زندگي جو مقصد انصاف لاءِ جدوجهد مظلومن جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ ۽ قانون جي بالادستي لاءِ پنهنجو حصو ڏيڻ آهي تقريب ۾ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ عشرت علي لوهان سينئر وڪيل ايڊووڪيٽ امداد انڙ لطف الله آرائين، سيد وسيم شاهه آغا عبدالنبي ظهيرالدين سهتو ذوالفقار ڪورائي ارشد حسين جمالي آفتاب حسين جمالي، شڪيل شيخ سميت حيدرآباد جا ڪيترائي وڪيل قانوني ماهر ۽ سماجي ڪارڪن وڏي تعداد ۾ موجود هئا تقريب پُرسڪون ماحول گڏجاڻي ۽ نوجوان وڪيلن جي حوصلا افزائي جو خوبصورت اظهار بڻجي وئي جتي ايڊووڪيٽ سجاد جمالي کي مستقبل لاءِ نيڪ تمنائون ڏنيون ويون ۽ ڪيس وڌيڪ ڪاميابين جي دعا پڻ ڪئي وئي

رحيم تحت افغان ٻار ناقص لباس ۾ موت جو منتظر آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق افغانستان ۾ سياري جي مند سبب ڪيترائي ڪٽنب شديد مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن اتي سياري ۾ ٻار ناقص ڪپڙن سان زندگي گذاري رهيا آهن افغانستان ۾ وڌيبيمائي تي غربت شهرين جي مصيبت کي وڌيڪ وڌائي رهي آهي افغان شهرين جو چوڻ آهي ته اسان شديد غذائي کوٽ جو شڪار آهيون ٻارن وٽ پائڻ لاءِ جوتا ۽ گرم جيڪيٽون نه آهن اسان پنهنجن ٻارن کي سخت سيءَ کان محفوظ نه ٿا رکي سگهون ميڊيا مطابق اها صورتحال افغانستان جي وسيع انساني بحران جو منظر پيش ڪري ٿي گڏيل قومن مطابق هن سال 20 مليلن افغان شهري شديد مشڪلاتن سبب انساني امداد جا محتاج آهن افغان شهرين کي تعليم روزگار ۽ بنيادي سهولتن کان محرومي طالبان جي بدعنوائي جو دليل آهي

عدالت جوابدار مختيار سومرو کي آزاد ڪرڻ جو 6 مهينن بعد حڪم ڏئي ڇڏيو لاڳاپيل ڪيس ۾ جوابدار جو وڪيل ايڊووڪيٽ سراج سيال هو عدالت ڪيس جي فيصلي ۾ چيو آهي ته پوليس پاران چرس ڪيس ۾ گرفتار ڪيل جوابدار خلاف ڪي به ثبوت پيش ناهن ڪيا ويا جوابدار مختيار سومرو تي ڪو به ڏوهه ثابت ناهي ٿيو ڪيس آزاد ڪيو وڃي پڄاري پوليس پاران 2 مئي 2025 دوران جوابدار مختيار سومرو کي هڪ ڪلو چرس رکڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو هو لاڳاپيل ڪيس جي پيروي ايڊووڪيٽ سراج سيال ڪئي عدالت ۾ جوابدار ڌر جي وارثن پاران وڪيل سراج سيال کي پيسن ۽ گلن جا هار پارايا ويا تنهن دوران عدالت ۾ خوشي جو سماءُ ڇانئجي ويو

پاڪستان جو اٽوٽ حصو آهي ۽ هميشہ رهندو سنڌ دل ۽ پاڪستان جسم آهي دل ڪڏهن به جسم کان ڌار نٿي ٿي سگهي هنن چيو ته هندو ڪميونٽي پاڪستان سان دل جان سان محبت ڪري ٿي اسان ڀارت جي دفاع واري وزير جي اهڙي بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ان موقعي تي ڀارت جي وزير خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

ڪائونسل ڪوراواهه ۾ ٺڪي جو به ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو ويو جنهن سبب شهر کنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي،شهر جا گٽر نالا ٽٽل ڊرينيج سسٽم ناڪاره، شهر گندگي جي ور چڙهيل آهي رهواسي عذاب ۾ ورتل آهن،هنن الزام هڻندي چيو ته يوسي ڪوراواهه جي ٻارهن لک ماهوار بجيٽ هئڻ باوجود چيئرمين شهر جا ڪم ڪرائڻ بدران پنهنجي ذاتي بنگلن تي خرچ ڪري رهيو آهي،هنن مطالبو ڪيو ته چيئرمين جي مبينا ڪرپشن جي شفاف جاچ ڪرائي شهر جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

نعريبازي ڪئي ان موقعي تي آل هندو پنچائيت جي چيئرمين بابو سُنئي ل آڊواڻي صدر دريانو مل لشمن داس ڊاڪٽر شيام ڪمار چمن لال ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڀارتي وزير دفاع جو پاڪستان ۽ سنڌ بابت اشتعال انگيز بيان ناقابل برداشت، انتهائي انتهاپسندانه ۽ خطي جي امن لاءِ ڪليل خطرو آهي سنڌن چوڻ هو ته سنڌ ڌرتي صديون کان امن، محبت، صوفي ازم ۽ رواداريءَ جو گهوارو رهي آهي جنهن کي ڪنهن صورت ۾ نفرت جي سياست ۽ جنگي جنون سان يرغمال نٿو بڻائي سگهجي مقررين چيو ته پاڪستان ۾ رهندڙ هندو برادري ملڪ جي وفادار آهي آئين پاڪستان اسان کي برابريءَ جا حق ڏئي ٿو اسين پاڪستان ۽ سنڌ ڌرتي جا وفادار سپاهي آهيون مقررين عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته هو ڀارتي انتها پسند قيادت جي جنگي بيانن ۽ خطي کي عدم استحڪام ڏانهن ڌڪي وڃڻ واري پاليسي جو نوٽيس وٺي.

ڪورٽ سگهوري ۾ نڪاح ڪيو هو جنهن ڪانپوءِ ڪيس پنهنجي گهر مير پاڙي ۾ وٺي پنهنجي والدين سان گڏ رهايو جنهن تي منهنجي گهر واري جي ماءُ نالي سنيته عرف فزا خاصخيلي پاران ڪيترين ئي اغوا جون ڪوڙيون ايف آءِ آرون درج ڪرايون جيڪي عدالت سگهوري پاران ڪوڙيون قرار ڏئي ختم ڪري ڇڏيون آئون پنهنجي گهرواري سان گڏ پنهنجي گهر ۾ رهندو هئس پر هن جو ۽ هن جي ماءُ جو رويو منهنجي مائٽن سان صحيح نه رهيو جنهن باوجود به مون 7 مهينا ساڻس گڏ گذاريا جنهن ڪانپوءِ هن منهنجي گهر اندر پاڻ کي مارڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي ۽ اسان وچ ۾ مختلف نوعيتن جا تڪرار هلندا رهيا جنهن کان پوءِ مون سنڌس ماءُ سان گڏ رهڻ لاءِ آئون ڇڏي آيس پر هو هڪ رات به پنهنجي مائٽن سان گڏ نه رهي ۽ هو واپسي اچي اسان کي وڌيڪ اچي پريشان ڪرڻ لڳي ۽ سنڌس والده طرفان اسان کي مختلف طريقن سان تنگ ڪيو ٿي ويو جنهن تي مون ڪورٽ سگهوري سان رجوع ڪري طلاق نامون اماڻي ڏنو ۽ هو منهنجي گهر مان 18 تولا سون ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي وئي آهي ۽ منهنجي والد عبدالحفيظ ميمڻ ۽ منهنجي ڀاءُ سبطين علي ميمڻ مٿان ڪوڙا الزام مڙهيندي سٽي ٿاڻي تي ايف آئي آر درج ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اسانجا علائقي ۽ محلي واسي شاهد آهن ته اسان جي فيملي شريف خاندان سان تعلق رکي ٿي اسان ڪڏهن به ڪنهن کي پريشان يا تنگ نه ڪيو آهي هن اعلي عدليه ، ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان سميت وس وارن کان گهر ڪئي آهي ته اهڙي ايف آئي آر کي ڪوڙو قرار ڏئي اسان سان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

چيو ته بورڊ جي پاليسي موجب موجوده دور ۾ ڪتاب ۽ قلم شايد ڪنهن ڪم جا ناهن جنهن وٽ پئسو آهي مارڪون ۽ گريڊ انهن کي ملندا ۽ پاس به اهي ٿي ٿيندا هنن چيو ته افسوس ان ڳالهه جو آهي ته نوابشاهه حڪمران جو ضلعو سڏيو وڃي ٿو جيڪو مبينه طور ڪرپشن جو مرڪز آهي جنهن سان هزارين شاگرد متاثر ٿيا آهن مظاهري کي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سڪرنڊ جي شاگردن شهيد بينظير آباد بورڊ جي زيادتين خلاف امجد ، علي حسن ، نريش ، محراب ، راڪيش ، سعيد انڙ ۽ علي حسن ڪيريو الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين مسڪين پورهيت والدين جو اولاد آهيون ڪتان آڻيون پئسو جو بورڊ جي ڪرپٽ آفيسرن کي ڏيون هوڏانهن سڪرنڊ جي ساجهه وندن جو چوڻ آهي ته چيئرمين بورڊ پاران انڪوائري جو دلاسو ڏئي بيهر ڪاپيون چيڪ ڪرڻ واري ڳالهه کي به دڪانداري کولڻ سمجهون ٿا ته جيئن شاگرد اچن پئسو ڏين ۽ پاس ۽ گريڊ حاصل ڪن هنن اهڙو الزام لڳايو ته اهڙا شاگرد به پاس ڪيا ويا آهن جيڪي نه ڪڏهن اسڪول ڪاليج آيا آهن نڪو ڪين ڪجهه اچي ٿو هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن شهيد بينظير ڀٽو بورڊ پنهنجا بوگس نتيجا واپس نه ورتا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو :

۾ بائيو ٽيڪنالاجي زرعي جدت ۽ لائيو اسٽاڪ جي شعبي ۾ ٻن طرفي ۽ ٽن طرفي تعاون جون تجويزون زير بحث آيون ۽ انهن تي اتفاق پڻ ڪيو ويو وڏي وزير کي ترقي لاءِ تيار صوبو قرار ڏيندي چيو ته ان جون هڪ ڪروڙ 40 لک ايڪڙ زرخيز سرسبز ۽ وڌندڙ صنعتي زونن صوبو لاءِ وڏي صلاحيت رکندا آهن اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير ٽرانسپورٽ شرجيل ميمڻ کهرو صوبائي وزير ضياءَ الحسن لنجار صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ محمد علي ملڪاڻي وزيراعليٰ جو سيڪريٽري رحيم شيخ سيڪريٽري فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ ڪاظم جتوئي سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي چيني وفد جي اڳواڻي هو يوي جاڻو ڪري رهيا هئا جڏهن ته لوياڻگ ماڊرن بائيو ٽيڪنالاجي جا اعليٰ عملدار وانگ شانيس وانگ چوانگي، بائي شيپ يار شِن لي ۽ انگ شنگ وي پڻ موجود هئا وڏي وزير وفد جو استقبال ڪندي پاڪستان ۽ چين جي گهري دوستي ۽ اسٽريٽجڪ ڀائيواري کي اجاگر ڪيو ترقي لاءِ تيار صوبو: وڏي وزير مراد علي شاهه سنڌ جي صنعتي جديديت، بائيو ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ زرعي ويليو چين جي فروغ جي پنهنجي ويژن کي بيان ڪيو هن چيو ته سنڌ اڄ هڪ ترقي لاءِ تيار صوبو آهي جنهن جي پليراڻي ۾ مضبوط ادارا سازگار پاليسيون ۽ انفرااسٽرڪچر ۾ وڏي اڳڀرائي موجود آهي هن چيني ڪمپنين کي بائيو ٽيڪنالاجي، دواسازي، اسمارٽ زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ جي جدت واري شعبن ۾ وڏي قدر جي سيڙپڪاري جا موقعا ڳولڻ جي دعوت ڏني بائيو ٽيڪنالاجي ۽ زرعي تعاون: اجلاس ۾ مختلف ممڪن شعبن ۾ تعاون بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي جن ۾ ڪراچي يا حيدرآباد ۾ بائيو ٽيڪنالاجي ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ ليبارٽريون قائم ڪرڻ دوائن وارا ٻوٽا، ناميياتي ڀاڻ، بائيو ايگريڪلچر ۽ ويٽرنري هيلٿ ۾ گڏيل منصوبا، موسمياتي تبديليءَ سان هم آهنگ، وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ فصلن جي ٽيڪنالاجي جي منتقلي اسمارٽ فارمنگ سسٽم ۽ جديد ٻج تحقيق جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ بائيو فرٽيلائزر پيدا ڪندڙ يونٽس جو قيام شامل هئا. وڏي وزير چيو ته سنڌ جون هڪ ڪروڙ 40 لک ايڪڙ سرسبز زمينون ۽ ترقي ڪندڙ صنعتي زون وڏين پيماني تي چيني سيڙپڪاري لاءِ مثالي ماحول مهيا ڪن ٿا. واپاري شراڪتداري ۽ انويسٽمينٽ فورم جي تجويز: چائنا—آفريڪا اينڊ ايشيا اڪنامڪ ٽريڊ پروموشن تنظيم کي سنڌ جي ٽيڪسٽائيل چموڙي، سي فوڊ، چانور ۽ ٻين زرعي شين جي برآمدات کي وڌائڻ لاءِ رابطن جي تجويز ڏني وئي ان کان علاوه سنڌ جي ڪاروباري ماڻهن کي آفريڪا ۽ چين جي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ ۽ ڪراچي ۾ ٽن طرفي سنڌ—چين—آفريڪا انويسٽمينٽ فورم جي انعقاد جي سفارش پڻ ڪئي وئي وڏي وزير سيڙپڪاري لاءِ تيار صنعتي زونز جو ذڪر ڪندي وفد کي ڌابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون خيرپور ايس اي زيڊ ۽ نوري آباد صنعتي علائقي جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏني هن يقين ڏياريو ته سنڌ جي ٽئين ون ونڊو انويسٽمينٽ ڊيسڪ تحت سيڙپڪارن کي تيز رفتار سهولت، زمين جي فراهمي ريگيوليٽري منظوريون ۽ وفاقي ۽ صوبائي ايس اي زيڊ قانونن تحت موجود سهولتون مهيا ڪيون وينديون لائيو اسٽاڪ ۽ ساهي پروري جو تعاون: اجلاس جو وڏو حصو لائيو اسٽاڪ بائيو ٽيڪنالاجي، ويڪسين جي تياري، بيمارين جي جاچ ۽ ٽريس ايبيلٽي سسٽمز بابت بحث تي مشتمل هو وفد کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان جو لائيو اسٽاڪ شعبو قومي جي ڊي پي ۾ 14.97 سيڪڙو حصو رکي ٿو 237 مليلن لائيو اسٽاڪ هيڊز موجود آهن ۽ 72 مليلن ٽن کير پيدا ٿئي ٿو جنهن ۾ سنڌ جو حصو 23—27 سيڪڙو آهي جن شعبن کي تعاون لاءِ اهم قرار ڏنو ويو انهن ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت لائيو اسٽاڪ ٽيڪنگ ۽ ٽريس ايبيلٽي سسٽمز سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيميل هيلٿ سان گڏجي ويڪسين پيدا ڪرڻ ۽ بلڪ پيڪيجنگ، بيمارين جي سڃاڻپ جا جديد نظام، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ سنڌ لائيو اسٽاڪ رجسٽريشن اينڊ ٽريڊنگ اٿارٽي کي فعال ڪرڻ شامل آهن اهو به طئي ٿيو ته سنڌ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي جي سربراهي ۾ هڪ ٽاسڪ گروپ قائم ڪندو جيڪو پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ لائيو اسٽاڪ تعاون سان لاڳاپيل مفاهمتي يادداشتن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائيندو وڏي وزير ۽ چيني وفد لوياڻگ ماڊرن بائيو لاجي ۽ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيميل هيلٿ سان ايم او يوز ۽ گڏيل منصوبن (جي ويز) تي صحيحون ڪرڻ تي اتفاق ڪيو اهو پڻ طئي ٿيو ته ويڪسين ٺاهڻ واري شراڪتداري سان لاڳاپيل آپريشنل لاجسٽڪ ۽ مالي معاملن کي حل ڪيو ويندو لائيو اسٽاڪ ٽيڪنگ ۽ ٽريس ايبيلٽي لاءِ ٽئين مرحلي جي سيڙپڪارن سان مشاورت شروع ڪئي ويندي ۽ عملدرآمد لائق منصوبن کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ ايندڙ هفتي فالو اپ ورڪنگ گروپ جو اجلاس ٿيندو.

چيئرمين اظهر ڏاتوري، وائيس چيئرمين نقيب الرحمان ڪيڙو جونئير وائيس چيئرمين مس شيرين پلي جنرل سيڪريٽري عبدالستار ڪوسو خزانچي قرت العين، سميت امداد علي ڪيڙو وقار حسين شاهه ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا ميمبر چونڊيا ويا، گڏجاڻي ۾ نئين مينيجمينٽ ڪميٽي جي ميمبرن کي ٻه سال 2026 کان 2029 تائين لاءِ منتخب ڪيو ويو ۽ ڪين مختلف اسائنمينٽون ڏنيون ويون جن علي حسن ڏاتوري کي پروگرام انچارج / فوڪل پرسن مينيجمينٽ ڪميٽي، فياض علي ميمڻ کي فنانس ۽ اڪائونٽ مينيجمينٽ، ذيشان انور شاهه کي فيلڊ ايمرجنسي / ريسپانس اسيسمينٽ، سجاد احمد کي يوٿ ايڪشن گروپ / يوٿ موبلائزن حسن جعفري کي انچارج انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن، شاهزينه صديقي کي ٽرينر ۽ موبلائزن ڊاڪٽر ڪنول کي به ٽرينر ۽ موبلائزن لياقت علي چاچڙ کي ڪميونٽي موبلائزر مقرر ڪيو ويو.

پنهنجن ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرايو جڏهن ته ٻي طرف مختيارڪار ٽنڊوباگو پنگريو شوگرمل پرسان ترڪ فارم تي بي ايڇ يو آءِ اسپتال جو پڻ وزٽ ڪيو ۽ زيون ٿيل عمارت جو معائنو ڪيو

جو جائزو ورتو ويو گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ موذي مرض آهي جيڪو ٻارن کي سڄي عمر لاءِ معذور ڪري ٿو پوليو اعصاب تي حملو ڪري ٻار جي هٿن ۽ پيرن کي ڪمزور يا بيڪار بڻائي ڇڏيندو آهي جيڪڏهن وقت سر بچاءُ نه ڪيو وڃي ته پوليو مستقل معذوري جو سبب بڻجي سگهي ٿو پوليو نه رڳو ٻار پر پوري گهرجي زندگي کي متاثر ڪري ڇڏي ٿو پوليو کان بچاءُ جو واحد حل پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا آهن هن پي پي ايڇ آئي جي ڊسٽرڪٽ مينيجر بدين بي رضيه اڄڻ کي چيو ته پي پي ايڇ آئي جو گهربل اسٽاف پوليو مهم ۾ شامل هوندو جيڪو انڪار ڪندو ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو هي مهم ڪنهن به فرد واحد جو ذاتي ڪم نه آهي هي قومي مهم آهي جيڪو سپورٽ ڪندو ضلعي انتظاميه ان سان گڏ آهي هن چيو ته پوليو کان بچاءُ واري قومي مهم ۾ سمورا ادارا هڪ پيج تي آهن ڪنهن به اداري يا فرد واحد جي سستي کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پوليو مهم دوران پيدائش کان 5 سالن تائين جي 3 لک 91 هزار 7 سو 22 ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيئاريا ويندا هن چيو ته 46 يو سي ايم اوز 303 ايريا انچارج، 1258 موبائل ٽيمون 67 فڪس سائيٽ، 50 ٽرانسٽ پوائنٽ ٽيمون ۽ 84 اي پي آئي سينٽر شامل آهن گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دليت، اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي ثوبان احمد، اسسٽنٽ ڪمشنر شهيد فاضل راهو محمد عاطف شفيق، انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

پاران گئس جي سهولت فراهم ڪرڻ جي اپيل تفصيل موجب 2005ع ۾ رائيس ريسرچ سينٽر جي اڳوڻي ڊائريڪٽر زاهد صديقي دور ۾ زرعي فارم ڪالوني لاءِ رقم جاري ڪرائي ڪالوني اندر بنيادي سهوليت ڏئي گئس جو ڪم شروع ڪرايو پائيپ لائين وڇائڻ وارو ڪم مڪمل ٿيڻ باوجود ڪالوني جي رهواسين کي گئس جي سهولت نه ملي سگهي جنهن کان پوءِ هن جديد دور ۾ به ڪالوني اندر عورتون ڇيڻن ۽ ڪاٺين تي ڪاڌو پچائڻ تي مجبور بڻيل آهن گئس پائيپ لائين وڇائڻ جي گهوٻين بابت درخواستون نيب، اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين عملدارن کي ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون آهن ۽ ڪيترائي ڀيرا چونڊيل نمائندن آڏو به احتجاج ڪيا ويا پر 20 سال گذرڻ باوجود ڪنهن به نوٽيس نه ورتو ان موقعي تي هتان جي سياسي سماجي سڄاڻ ڌرين اياز علي سومرو باغ علي سومرو مجيب علي گاڏاهي رياض علي ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي ٻڌايو ته 20 ورهيه اڳ ايشيا کنڊ جي ٻئين نمبر تي چانورن جي تحقيقاتي ادارو رائيس ريسرچ سينٽر ڏوڪري جي اڳوڻي ڊائريڪٽر زاهد صديقي جي دور ۾ منظور ٿيل گئس جي فراهمي لاءِ ڪالوني اندر گئس پائيپ لائين وڇائڻ باوجود هن مهل تائين ڪالوني اندر گئس جي فراهمي بند هئڻ سبب هتان جا ماڻهو ڇيڻن ۽ ڪاٺين تي رڌ پچاءُ ڪرڻ تي مجبور آهن هتان جي رهواسين جو چوڻ آهي ته اڳوڻي ڊائريڪٽر زاهد صديقي جي دور ۾ ڪالوني جي رهواسين لاءِ سهولت فراهم ڪرڻ جي گئس اسڪيم منظور ڪرائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو پر جنهن مان اسان کي ڪو فائدو نه ملي سگهيو آهي اسان وري به ساڳين سورن ۾ آهيون هنن نيب، اينٽي ڪرپشن گئس انتظاميه ۽ ٻين وس وارن عملدارن کان مطالبو ڪيو ته 20 ورهيه اڳ فارم ڪالوني اندر گئس پائيپ لائين وڇائڻ جي گهوٻين جي جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ ڪالوني اندر گئس فراهم ڪري وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

خلاف ڪيس داخل ڪري تحفظ ڏنو وڃي ۽ انصاف ڪيو وڃي

سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر صفدر علي عباسي اڳوڻي ايم پي اي معظم علي عباسي ۽ بئريسٽر ڪاظم علي عباسي پنهنجي گڏيل بيان ۾ ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اڄ لاڙڪاڻو سميت سڄي سنڌ عملي طور تي لاوارث بڻجي چڪي آهي جتي شهرين جي زندگيون کليل گٽرن گندي پاڻي ۽ ناقص انتظاميا سبب روزانو خطري ۾ پيل آهن اڳواڻن موجب افسوس جو مقام اهو آهي ته لاڙڪاڻي لاءِ هر سال اربين رپين جا بجيٽ ٿين ٿا، پر ان باوجود شهر جا سوين گٽر ڍڪ جي کليل پيل آهن جنهن سبب نه رڳو بدبوءِ ۽ بيماريون وڌي رهيون آهن پر قيمتي انساني جانين جو ضايع ٿيڻ به معمول بڻجي ويو آهي اٺ سالن جي معصوم ٻارڙي جو لاش چار ڪلاڪن تائين گندي پاڻي ۾ پيل رهيس پر ڪو به ذميوار يا سرڪاري عملدار بروقت نه پهتس جيڪو انتظاميا جي نااهلي ۽ غفلت جو وڏو مثال آهي هن واقعي سبب سڄو علائقو سوڳوار رهيو ۽ هر اک آشڪبار هئي اڳواڻن چيو ته اهڙا دل ڏاريندڙ واقعا رڳو لاڙڪاڻي تائين محدود ناهن پر سنڌ جي ڪيترن ئي ٻين شهرن ۾ به کليل گٽرن جي ڪري ماڻهو هر روز حادثن کي منهن ڏئي رهيا آهن پر انتظاميا اڃا تائين پنهنجي ذميوارين کان پري آهي سنڌن مطالبو هو ر مالي مدد ڪئي وڃي ته جيئن ڪين ڪجهه سهارو ملي سگهي اهي پڻ سوال ڪيو ويو ته آخرڪار متاثر خاندان کي انصاف ڪڏهن ۽ ڪير ڏيندو؟ چيو ته انصاف ۾ دير به ظلم جي برابر آهي

مقرر

ڪڪراڻي ابڙو سردار ذوالفقار خان سيلرو ، صابر مير جيسر ابڙو شڪيل خان وڏيو ،علي گل ڪڪراڻي ابڙو جاني خان ابڙو ڌرين جي مشيرن طور شرڪت ڪئي ڌرين هڪ ٻئي براداريءَ سان تعلق رکڻ جي ڪري مشيرن گڏيل طور ڪردار ادا ڪيس دوست محمد ڪڪراڻي ابڙو جي ڌر جا 3، قتل ۽ ٻين نياڻين سميت 20، ماڻهو ، زخمي ٿيڻ جا عبدالحميد ڪڪراڻي ابڙو جي ڌر مٿان ثابت ٿيڻ تي 1، ڪروڙ 14، لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو قتلن ۾ عبدالستار ڪڪراڻي مولوي هٿڻ جي ڪري 5، لک خون وڌيڪ 30، لک رپيا ، ۽ عبدالباسط تنيڙو بارهڻ جي ڪري 10، لک وڌيڪ جنهن جا 35، لک رپيا ڏنڊ رکيو ويو ،سهيل جا 25 لک، 2، معصوم نياڻيون زخمي ڪرڻ جا 6، لک رپيا ، ۽ 18، ٻيا ماڻهو زخمي ڪرڻ جا 15، لک 50 هزار رپيا ،ٽوٽل 1، ڪروڙ ،14، لک رپيا عبدالحميد ڌر مٿان ڏنڊ مقرر ڪيو ويو ٻي ڌر عبدالحميد جا 3، قتل ۽ 12 زخمي ثابت ٿيڻ تي دوست محمد ڪڪراڻي جي ڌر مٿان 1ڪروڙ 6، لک 50 هزار رپيا ڏنڊ رکيو ويو قتل ۾ اشفاق ڪڪراڻي کي گهرائي مارڻ جا 5، لک وڌيڪ خون ٻهاءَ 30، لک رپيا ،عبداللطيف جا 25، لک رپيا ،محمد بچل جا 25، لک رپيا ، جهيڙي ۾ اڳراٽي ڪرڻ جا 5 لک رپيا ،ڪيس ۾ عورتن جا نالا ڏيڻ جا 5 لک رپيا ، ۽ 12 ماڻهو زخمين جا 16 لک 50 هزار رپيا ڏنڊ رکيو ويو ، دوست محمد ڪڪراڻي ڌر مٿان عبدالحميد ڪڪراڻي جي ڌر جا 1 ڪروڙ 6 لک 50 هزار رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو ڌرين ڪير ڪنڊ ٿي ويا علائقي ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي ،

اڄڻ ڪمشنر جو شاندار استقبال ڪيو ۽ يونيورسٽي جي علمي ترقي، ڍانچي جي واڌاري، ۽ صحت جي شعبي ۾ ڪميونٽي لاءِ ٿيندڙ سڌارن بابت آگاهي ڏني.ڪمشنر نئين اسپتال بلاڪ ۾ مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ علاج جون سهولتون خدمتن جو معيار ۽ دوائن جي موجودگي بابت پڇا ڳاڇا ڪئي.ان موقعي تي ڳالهائيندي ڪمشنر فياض حسين عباسي چيو ته لمس هڪ اهم ادارو آهي جيڪو علائقي ۾ معياري طبي تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي. نئون اسپتال بلاڪ ۽ جديد آن لائن امتحاني نظام شفافيت، ميرٽ ۽ بهتر عوامي خدمت جي واعدي جو ثبوت آهن.هن يونيورسٽي انتظاميا جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ صحت ۽ طبي تعليم جي مضبوط نظام لاءِ هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي.

مجلسن کي ناليوارن ديني عالم علامه ڏٺي بخش جعفري، مولانا قربان پٽ شاهي مولانا مشتاق مهدوي، علامه سيد عمران ڪاظمي علامه ولي محمد چانڊيو علامه اسد رضا حسيني، مولانا محمد باقر چانڊيو خطاب ڪيو مجلسن کي خطاب ڪندي ديني عالمن چيو ته بي بي فاطمه الزهراؑ جي پاڪ زندگي انسانيت لاءِ هڪ مڪمل درسي ڪتاب آهي، جنهن ۾ قرباني، استقامت، صبر ۽ حق پسنديءَ جا بي مثال سبق موجود آهن.هنن چيو ته بي بي فاطمهؑ پنهنجي زندگيءَ ۾ نه رڳو حق لاءِ آواز اٿاريو پر ظلم ۽ ناانصافيءَ خلاف عملي جدوجهد ڪندي رهندي رهي، بي بي فاطمهؑ جو ڪردار عورتن لاءِ به هڪ روشن مثال آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان کي گهرجي ته بي بي فاطمهؑ جي فڪر کي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ جو حصو بڻايون، انصاف، ايمانداري ۽ حق جي حمايت کي عام ڪريون ڇو ته بي بي فاطمهؑ جو پيغام انسانيت جي بقا، امن ۽ اخوت جي فروغ سان ڳنڍيل آهي. ايام فاطميهؑ جي سلسلي ۾ نه صرف ڪنڊيارو شهر ۾ پرپاسي جي علائقن سان به سوين عزادار شرڪت ڪئي جڏهن ته مختلف مذهبي انجمنون نوحه خواني ۽ ماتمداري ۾ ڀرپور حصو ورتو

شهباز خان دراني به شريڪ ٿيو جڏهن ته اڳوڻو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين آغا مسيع الدين خان دراني ۽ اميدوار آغا شهباز خان دراني سان گڏجي وزير آباد ٻهڻا جتي اڳوڻي ايم اين اي الحاج غوث بخش مهر سان ملاقات ڪئي چونڊا بابت صلاح مشورو ڪيا ويا ٻي پاسي پ پ جي نامزد اميدوار آغا شهباز خان دراني جي چونڊ مهم جو آغا ڪيو ويو آهي، الحاج غوث بخش خان مهر مير عابد خان پيو ۽ ايم اين اي محمد شجريان خان مهر سان گڏجي ڳوٺ جامڙا ۽ ڳوٺ قادر بخش ڪوسو ۾ منعقد ڪارنر گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيا جتي پ پ جي نامزد اميدوار کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ چيو ويو ان موقعي تي عوام پاران ووٽ ڏيڻ جي خاطري ڪرائي وئي جڏهن ته خطاب دوران اڳواڻن چيو ته 14 ڊسمبر اميدوار جو فتح جو ڏينهن هوندو هوڏانهن جي يو آءِ جي نامزد اميدوار سيد رشد الله شاهه امروٽي چونڊ مهم جو آغاز شروع ڪري ڇڏيو آهي اميدوار طرفان ڳوٺ قاسم ڪلهوڙو ،پيرو ڳوٺ،اسحاق ديرو علي جي واند ۽ ٻين ڳوٺن ۾ منعقد ڪارنر گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته اميدوار طرفان خطاب دوران هن چيو ته 14 ڊسمبر اسان جي ڪاميابي جو ڏينهن هوندو

ڪئي آهي احتجاج ڪندڙ شاگردن محمد يونس سنجراڻي پريم ڪمار غلام حيدر جمالي عابد ابوپوٽو درشن ڪمار ۽ ٻين سوين شاگردن پاران نواب شاهه بورڊ تي الزام هڻندي چيو ته نواب شاهه بورڊ شهدادپور جي ۾ درجن کان وڌيڪ پرائيويٽ اسڪولن جي اڳواڻن ۽ شاگردن کان ڪروڙن جي ڪرپشن ڪري مبينه رشوت وٺي ڪين اي ون گريڊ ۽ اي گريڊ ڏئي مارڪون ڪيايون آهن ۽ سرڪاري اسڪولن جي شاگردن کي غريب سمجهي سنڌن حق کاڌا پيا وڃن ۽ سرڪاري اسڪول جي شاگردن کي پئسا نه ڏيڻ سبب پوئتي ڪيا ويا آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي مظاهرين چيو ته اعلي اختيارين هن معاملي جو نوٽيس وٺن ۽ اسان جون ڪاپيون ري چيڪ ٿين ته سڀ خبر پئجي ويندي احتجاج ڪندڙ چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن گورنمنٽ اسان سان انصاف نٿي ڪري ته اسان احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين

ويا جڏهن ته ان واقعي جي اين سي بڻجي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاج ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي محمد يوسف مهر ڏاڍيندي چيو ته چا ڏائيم ڪو وڏو ناهي ڄ بچي ٿو ڪري آسائي سان فرار ٿي ويا جڏهن ته چونڪها ڳوٺ وٽ پوليس پڪٽ به لڳل آهي پر جنهن ڏائيم ٿو ٿئي رهي هئي ته پوليس موجود نه هئي گريب ماڻهن جو جيئڻ جنجهال ٿي ويو آهي ۽ هتان جا ماڻهون سج لهڻ کان گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن اسين ۾ زور اعلا اختيارين کي اپيل ڪري رهيا آهيون ته اسان جي جان ۽ مال کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ڏوهارين خلاف ٽڪڙا ڪئي اپاءَ ورتا وڃن؛

جي نشاندهي ٿي آهي. اهڙي طرح صوبي ۾ ڊينگي جا ڪل داخل مريض 82 تائين پهچي ويا آهن. رپورٽ موجب ڪراچي ڊويزن جي سرڪاري اسپتالن ۾ ڊينگي جا 21 نوان مريض داخل ٿيا. جڏهن ته حيدرآباد جي سرڪاري اسپتالن ۾ 11 نون مريضن جي تصديق ڪئي وئي آهي. صوبي جي سرڪاري اسپتالن مان 64 مريض صحت ياب ٿي پنهنجن گهرن روانا ٿيا. جڏهن ته خانگي اسپتالن مان 46 مريضن کي صحتيابي بعد ڊسچارج ڪيو ويو. صحت کاتي موجب گذريل چوويهه ڪلاڪن دوران سرڪاري ۽ خانگي ليبارٽرين ۾ گڏيل طور 3472 ماڻهن جا ڊينگي جا ٽيسٽ ڪيا ويا، جن مان 245 ٽيسٽ هاڪاري آيا. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪراچي جي ليبارٽرين ۾ سڀ کان وڌيڪ 104 مثبت ڪيس سامهون آيا. جڏهن ته حيدرآباد جي ليبارٽرين ۾ 141 ڪيسز جي تصديق ٿي.صحت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل ٻڌايو ته صوبي ۾ ڊينگي سبب ڪنهن به قسم جي فوتگي رپورٽ نه ٿي آهي.

ٽي ڄڻا زخمي 32

موٽرسائيڪل هلائيندڙ ڳوٺ برادي ساريه جو رهواسي عاشق ساريو ۽ ساڻس گڏ ويٺل عزيز برڪت سائيل سخت زخمي ٿي پيا، جن کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر باڊهه آندو ويو جتي فوري طبي امداد ڏيڻ بعد ٽنهي زخمين کي لاڙڪاڻي نيو ويو جڏهن ته حادثي جي زخمي نوجوان پورهيت برڪت سائيل جي طبيعت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي

قتل ڪري ڇڏيو 32

ڪري ڇڏيو ان موقعي تي مقتول جي وارثن ٻڌايو ته جاڳيراڻي برادري جي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري حضوربخش مغيري کي قتل ڪيو آهي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ان حوالي سان وليد ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته شروعاتي جاچ موجب فائرنگ ڪندڙ هٿيارٻند ويگو گاڏي تي سوار هئا، جن پڪو واسي ڪار سوار حضور بخش مغيري مٿان فائرنگ ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا، جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال پهچايو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي، واقعي جي مختلف زخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي جلد حقيقتون سامهون اچي وينديون ٻئي پاسي پوسٽ مارٽم بعد مقتول جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

80 لک ڊالرن جي اضافي قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي

مقامي زميندار ڊاهڻ ته ٿو ڏي هنن چيو ته اسين غريب آهيون بااثر هريورين اسان کي تنگ ڪري رهيو آهي ٻچا ڪٺي ڪيڏانهن لڏي وڃون اسان سان ٿيل ظلم جو چونڊيل نمائيندا نوٽيس وٺن اسان کي گهر ڊاهڻ لا ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

شهيد بينظير آباد بورڊ جي جاري ڪيل نتيجن کي قبولڻ کان انڪار ڪندي رزلٽ بيهر ري چيڪ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج ڪندڙ شاگردن عمران نول سيد عامر شاهه عدنان ڪلهوڙو خالد عالماڻي شاهزيب ميمڻ عبدالڪريم شاهه ۽ ٻيا هئا هنن چيو ته شهيد بينظيرآباد جي بورڊ انتظاميا بااثرن اثر رسوخ رکندڙن ۽ وڏيرن جي اولاد کي رشوت وٺي مارڪون ڏنيون آهن اسان غريب جن محنت ڪئي انهن کي زيرو مارڪون ڏنيون ويون آهن جيڪا سراسر زيادتي ناانصافي ظلم آهي هنن بورڊ جي چيئرمين، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سڪريٽري تعليم سردار شاهه کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ته ڏنل مارڪن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وڃي ۽ اسان جي رزلٽ ري چيڪ ڪرائي وڃي ٻي صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو

چيو آهي ته ميهڙ شهر جي واپاري امرلعل ولد اندر لعل کي واپار جي لاءِ سان ڪٽي ڏني هئي جنهن جي ان وقت رقم 440500 هئي هن مون کي چيو ته ڪٽي جو جيڪو ريٽ هلندو مان توهان کي ان جي حساب سان منافعو ڏيندس مگر 2 سال گذري ويا آهن ته هن مون کي نه منافعو ڏنو ۽ نه ئي وري سيڙپ ڪيل رقم ٿي ڏي ٿو هن چيو ته امر لعل وڏو فراڊي ماڻهو آهي هن ڪافي ماڻهن سان فراڊ ڪري انهن جا پئسا کاڌا ويو آهي هن ايس ايس پي دادو ، ڊي ايس پي ميهڙ سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته فراڊ ڪندڙ امر لعل خلاف قانوني ڪارروائي ڪري منهنجا پئسا واپس ڪرائي مون سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪندس

سنڌس ٿيڻ تي مائٽن ڳولا شروع ڪئي پر ڪٿي به سنڌس پتو نه پيو آخر ۾ شڪ جي بنياد تي زميندار طرفان پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ٺاهيل تلاءُ ۾ ڳولا ڪئي ته سنڌس لاش هٿ آيو نينگر جا مائٽ يو سي بيگن جروار جا رهواسي آهن اهي تعزيت لاءِ مائٽن وٽ آيل هئا

گورنمنٽ نيو علي ڳوڙهه بوائز ڊگري ڪاليج جي شاگردن جي وڏي انگ ڪلاسز جو بائيڪاٽ ڪري پريس ڪلب آڏو نوابشاهه بورڊ جي انتظاميا خلاف احتجاجي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ايم اي جناح روڊ تي ٽريفڪ معطل ٿي وئي شاگرد اڳواڻن شاهه محمد جوڻيجو علي جاڙ چنو ، فرهاد جدگال ، هارون آرائين ، حماد جوڻيجو سمير بجورو ۽ ٻين ڏانهيندي الزام مڙهيو ته نوابشاهه بورڊ جي انتظاميا مبينا طور پئسن عيوض ڪاليج جي شاگردن جي رزلٽ ۾ هيرا ڦيري ڪئي آهي ريگيولر ۽ هوشيار شاگردن کي سي گريڊ يا وري فيل ڪيو ويو آهي جڏهن ته غير حاضر رهندڙ بااثر شاگردن ۽ خانگي اسڪولن جي شاگردن کي مبينا ڏيتي ليتي جي بنياد تي اي ون گريڊ ڏنا ويا آهن بورڊ انتظاميا اسان جو مستقبل تباهه ڪيو آهي جيڪو اسين ٿيڻ نه ڏينداسين هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن اسان سان انصاف نه ٿيو ته قومي شاهراهه بلاڪ ڪنداسين

سلسلي ۾ جيل جو دورو ڪيو آهي ته جيئن قيدين جا جائز مسئلا معلوم ڪري انهن جو ازالو ڪري سگهجي، هن چيو ته جيل ۾ صفائي سٿرائي سميت کاڌ خوراڪ جو معيار اطمينان جوڳو آهي جڏهن ته قيدين جي جائز مسئلن کي حل ڪرڻ بابت جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن قانون موجب قيدين کي سهولتون فراهم ڪرڻ جيل انتظاميه جي ذميواري آهي

ڀاتين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي گهر مان ڪروڙين رپين جو ڌاڙو هنيو هو جنهن جو ڪيس ڪيبراڻي ٿاڻي تي عبدالعليم نوح پوٽو جي فرياد تي ست نامعلوم ماڻهن تي داخل ڪيو ويو هو

جي اڳواڻي ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين هريش ڪمار ڏناڻي ڪئي جڏهن ته ريلي ٽائون ڪميٽي آفيس کان شهيد بينظير چوڪ تائين ڪڍي وئي

علائقن ۾ ڇاپا هنيا ويا، جتي چار غيرقانوني دوڪان ۽ ڪيترائي گدام سيل ڪيا ويا، جڏهن ته ڪجهه مالڪ دوڪان ڇڏي فرار ٿي ويا.

ڪنڌائي تعلقه اسپتال اوباڙو پهچايا مارجي ويلن جي سڃاڻپ پنجاب جي شهرجهنگ جا رهواسي پرويز بلوچ ۽ علي رضا مهدي طور ٻڌائي پئي وڃي

گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول گيٽ ٻاهران شاگردن جو بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ سيڪنڊري ايجوڪيشن شهيد بينظير آباد جي يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جي نتيجن ۾ هزارين شاگردن کي گهٽ مارڪون ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

۾ اسڪولي شاگردن پاران قومي لباس اوڍي شرڪت ڪئي وئي استادن عبدالمجيد عباسي محبوب عباسي رجب سولنگي جو چوڻ هو ته ڪين ثقافت صديون پراڻي آهي سنڌي ٽوپي اجرڪ سنڌي ماڻهو جو شان آهي ثقافت قومن جي سڃاڻپ هوندي آهي، ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهايو ويندو ايڪتا تقريب دوران شاگرد قومي لباس اوڍي جهومي رهيا هئا مختلف ٽيبلو پيش ڪيا ويا گهوٽ ڪنوار جو علامتي ٽيبلو به پيش ڪيو ويو

نوابشاهه نوٽس وٺي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائي شاگرد روڊن تي نڪرڻ تي مجبور ٿيندا.ڊرڻ جي شاگردن سان انصاف ڪيو وڃي ۽ملوث عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

اسڪول ۾ فرنيچر ۽ بلڊنگ ناهي جنهن سبب سياري جي سخت سردي ۾ ٻارڙا توڙي معصوم نياڻيون ڪيڙي جي ڪينٽ ۾ هيٺ پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن جنهن سبب تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي

ڪنڌڪوٽ لڳ ايس ايڇ او بخشاپور جو پٽ ۽ معصوم پوٽو هٿيارٻندن هٿان قتل، علائقي ۾ سوڳ

معصوم 8 ورهين جي مزمل کي اسڪول ڇڏڻ ويندڙ 23 سالن جي گل حسن کي هٿيارٻندن گولين جو نشانو بڻايو

واقعي بعد وڏي انگ ۾ آس پاس جا ڳوٺاڻا پهچي ويا ۽ نينگر جا وارث پهچي نينگر ۽ نوجوان جو مڙهه گهر منتقل ڪيو

ڊاڪٽرن جي ٽيم ڳوٺ عبدالحق ڀنڀرو ۾ پهچي نينگر مزمل ۽ نوجوان گل حسن ڀنڀرو جي مڙهه جو پوسٽ مارٽم ڪيو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: نظير سومرو) ڪنڌڪوٽ غوثپور ۾ غوثپور جمال لنڪ روڊ تي صبح جو ڳوٺ عبدالحق ڀنڀرو کان معصوم ٻار کي اسڪول طرف ڇڏڻ لاءِ نوجوان 23 سالا گل حسن ۽ نينگر 8 سالا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: هٿيارٻند جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل پيءُ ۽ پٽ جي حياتي جي تصوير

جنازي نماز ۾ ايس ايس پي، رينجرز ڪمانڊر ۽ مختلف سياسي، سماجي اڳواڻن جي شرڪت

ڪنڌڪوٽ: ٻنهي ڄڻن جي جنازا نماز

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ايس ايڇ او بخشاپور سڪندر ڀنڀرو مسلسل ڌوهارين سان بهادري سان مقابلو ڪيو،سوشل ميڊيا تي بحث

ڪنڌڪوٽ:نينگر ۽ نوجوان ڌوهارين هٿان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٻهلڪاڻي گينگ جي ڌوهارين قتل ڪيا آهن، علائقي ۾ چوٻول

ڪنڌڪوٽ:مختلف ذريعن ۽ مختلف هنڌن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

واقعي بعد پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪارروايون، مقابلي بعد 3 جوابدار گرفتار

لوهي پل وٽ مقابلي دوران ڌوهارين گوليون ختم ٿيڻ تي پنهنجو پاڻ کي پوليس حوالي ڪيو

پوليس پاران ڌوهارين کي ايس ايڇ او سڪندر جي پٽ جي قتل ۾ ظاهر ڪرڻ بعد ڦوي وئي

ڪنڌڪوٽ:ڌوهارين پاران ايس ايڇ او بخشاپور سڪندر علي ڀنڀرو جي نوجوان پٽ ۽ پوٽي مٿان ڪهري ظلم ڪندي هنن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلي ۾ شهيد صحافي طفيل رند ۽ پائٽي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

وارثن جو ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ٻي ڏينهن به ڌرڻو قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو جي شهيد صحافي طفيل رند ۽ سنڌس پائٽي رينا عرف چانڊني جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن پاران ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن نادر حيدراڻي عبدالرشيد،غلام مصطفيٰ،اعجاز حيدراڻي ۽

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: صحافي مشتاق لغاري جو ڀاءُ معشوق لغاري ٽرين ٽڪر لڳڻ سبب فوت، ٻئي طرف حياتي جي تصوير

ايف سي هيڊ ڪوارٽر پشاور تي آپگهاتي حملي ۾ 20 ڪلو بارود استعمال ٿيڻ جو انڪشاف

ايف سي هيڊ ڪوارٽر پشاور تي حملي بابت بم ڊسپوزل يونٽ جي شروعاتي رپورٽ سامهون اچي وئي

حملي ۾ 20 ڪلوگرام بارودي مواد استعمال ڪيو ويو جيڪو 3 آپگهات جيڪٽس ۾ لڳايو ويو هو: بي ڊي يو

گڏ ڪيل شاهدين ۾ ۾ 8 دستي بمن جا ٽڪرا، 2 ملي ميٽر سائز جي بال بيئرنگ، ۾ فوٽ ڊگها پراڻا ڪارڊ ۽ وچ مان ڪٽيل 2 فوٽ تار شامل

پشاور (آءِ پي پي) فيڊرل ڪانسٽيبلري (ايف سي) هيڊ ڪوارٽر پشاور تي ٿيل دهشتگرد حملي بابت بم ڊسپوزل يونٽ (بي ڊي يو) جي شروعاتي رپورٽ سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ حملي جي منصوبه

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ۾ نوجوان وڪيل سجاد جمالي جي جنم ڏينهن جي تقريب

سينيئر وڪيلن ۽ سماجي شخصيتن پاران خراج تحسين پيش، سجاد جمالي نوجوانن لاءِ رول ماڊل قرار

قانوني آگاهي، پروفيشنل تربيت ۽ عدالتي جرئت سبب منفرد سڃاڻپ حاصل ڪئي: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي قانوني حلقن سان لاڳاپيل نوجوان سرگرم ۽ سماجي شعور رکندڙ وڪيل ايڊووڪيٽ سجاد جمالي جي جنم ڏينهن تي بار ايسوسيئيشن حيدرآباد سينيئر وڪيلن ۽ شهر جي ناميارين سماجي شخصيتن پاران شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪيس پيروي واداين پيش ڪيون ويون تقريب دوران بار ايسوسيئيشن جي ميمبرن چيو ته

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪورنگي ۾ ڪائونسلر ۽ سنڌس ڀائرن خلاف عورت جو احتجاج، انصاف جي گهر

ڪورنگي (ن ع) ڪورنگي جي رهواسي غريب عورت سلما ملاح ڪورنگي جي ڪائونسلر گل محمد ملاح ۽ سنڌس ڀائرن تي الزام هنيو آهي ته ڪيس ۽ سنڌس پٽ کي هنن مان خطرو آهي ۽ هنن سنڌس پٽ سمير

افغان طالبان حڪومت جي نااهلي سبب افغان عوام غربت، بک ۽ بدحالي سبب شديد بحران جو شڪار

سخت سيءَ ۾ ظالم ۽ نالائق افغان طالبان رجيم تحت افغان ٻار ناقص لباس ۾ موت جو ڪاج بڻجڻ لڳا

هن سال 20 ملين افغان شهري شديد مشڪلاتن سبب انساني امداد جا محتاج آهن: گڏيل قومن جي رپورٽ

اسلام آباد (آءِ پي پي) افغان طالبان حڪومت جي نااهلي سبب افغان عوام غربت، بک ۽ بدحالي سبب شديد انساني بحران جو شڪار آهي تفصيلن مطابق سخت سيءَ ۾ ظالم ۽ نالائق افغان طالبان

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد عدالت چرس رکڻ جو ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي جوابدار کي بري ڪري ڇڏيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي عدالت چرس رکڻ جي الزام هيٺ 6 مهينن کان گرفتار جوابدار مختيار سومرو کي ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي ڪيس مان بري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جج عطا حسين ميتلو جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: شاگرد شهيدبينظيرآباد بورڊ جي نائين ۽ يارهين جماعت جي رزلٽ ۾ گهٽ مارڪون ڏيڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪندي

سڪرنڊ ۾ شاگردن جو بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

هائير سيڪنڊري اسڪول پنهل خان چانڊيو جي شاگردن احتجاج ڪيو

جيڪڏهن بورڊ پنهنجا بوگس نتيجا واپس نه ورتا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

سڪرنڊ (ن ع) شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليمي مستقبل کي داءَ تي لڳائي من پسند ۽ سياسي اثر رکندڙ شاگردن کي پاس ڪرڻ تي سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين شهيد بينظير آباد بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ خلاف قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول پنهل خان چانڊيو ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو شاگردياڻين ڪتاب ۽ قلم بند ڪري احتجاج ڪندي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان مير پاڙي جي رهواسين جو پنهنجي اڳوڻي زال خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊومحمدخان(ڊ ر) ٽنڊومحمدخان جي مير پاڙي جي رهواسي محمدفرمان ميمڻ پريس ڪلب ٽنڊومحمدخان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 7 مهينا اڳ مون نالي تطهير فاطمه خاصخيلي سان حيدرآباد جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ بائيو ٽيڪنالاجي ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ ليبارٽريون قائم ڪرڻ جو فيصلو

وڏي وزير سان چائنا آفريقا اينڊ ايشيا اڪنامڪ ٽريڊ ڪارپوريشن ۽ لوبانگ ماڊرن بائيولاجي جي نمائندن ملاقات ڪئي

صوبي جي ترقي لاءِ مضبوط ادارا، سازگار پاليسيون ۽ انفراسٽرڪچر ۾ وڏي اڳڀرائي موجود آهي: مراد علي شاهه

وفد کي ڍاڀيجي اڪنامڪ زون، خيرپور ايس اي زيڊ ۽ نوري آباد صنعتي علائقي جي دوري جي دعوت ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چائنا آفريقا اينڊ ايشيا اڪنامڪ ٽريڊ ڪارپوريشن جي وفد ۽ لوبانگ ماڊرن بائيو لاجي جي نمائندن سان هڪ اهم اجلاس جي ميزباني ڪئي جنهن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: ڳوٺ وينهون ڏڙو واسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد ۾ سماجي تنظيم سير هيومن فائونڊيشن جي گڏجاڻي، عهديدار چونڊيا ويا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ سماجي تنظيم سير هيومن فائونڊيشن جي سالياني گڏجاڻي قاسم آباد ۾منعقد ٿي جنهن ۾ گڏيل راءِ سان سال 2026_کان 2029 تائين ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا عهديدارن جي چونڊ ڪئي وئي جنهن ۾

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ٻارڙا اٺ جي سواري جو مزو ماڻي رهيا آهن

ٽنڊوباگو ۾ مختيارڪار جا پرائمري اسڪولن جا دورا

لال محمد ٻجير اسڪولن جا دورا ڪري استادن جي حاضري چيڪ ڪئي

هن دور ۾ تعليم انتهائي اهم آهي پنهنجن ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرايو:لال محمد ٻجير

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو جو مختيارڪار لال محمد ٻجير پرائمري اسڪول فقير محمد شريف چانڊيو ۽ وسند چانڊيو جو معائنو ڪيو ۽ استادن جي حاضري چيڪ ڪئي ۽ ايس ايم سي فنڊ بابت معلومات ورتي هن شاگردن کان سوال جواب ڪيا هن چيو ته هن دور ۾ تعليم انتهائي اهم آهي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پوليو خطرناڪ مرض آهي جيڪو ٻارڙن کي سڄي عمر لاءِ معذور ڪري ڇڏي سي

پوليو اعصاب تي حملو ڪري ٻار جي هٿن ۽ پيرن کي ڪمزور يا بيڪار بڻائي ڇڏيندو آهي

جيڪڏهن وقت سر بچاءُ نه ڪيو وڃي ته پوليو مستقل معذوري جو سبب بڻجي سگهي ٿو

بدين (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ ڊسٽرڪٽ پوليو ايريڊيڪيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ 15 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامات

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ ڪڪراڻي ۽ ابڙا برادريءَ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو 2 ڪروڙ 21,لک رپيا ڏنڊ مقرر

6 قتل ۽ 32 زخمين جو فيصلو چيف سردار ذوالفقار علي خان ڪماريو ابڙو جي سرپنچي ۾ ٿي گذريو

عبدالحميد ڪڪراڻي ابڙو جي ڌر مٿان 3 قتل، 20 زخمي ثابت ٿيڻ تي 1, ڪروڙ 14, لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو

دوست محمد ڌر جا 3, قتل ۽ 12 زخمي ثابت ٿيڻ تي 1ڪروڙ 6, لک 50 هزار رپيا ڏنڊ بعد ڌرين کي ڪير ڪنڊ ڪيو ويو

شڪارپور(رپورٽ رحيم بخش جمالي) ڪڪراڻي ابڙا برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار 6, قتل ۽ 32 زخمين جو فيصلو چيف سردار ذوالفقار علي خان ڪماريو ابڙو جي سرپنچي ۾ ڪماريو هائوس ترائي۾ ٿي گذريو ڌرين ڪير ڪنڊ ڪيو ڌرين مٿان مجموعي طور 2, ڪروڙ 21,لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو فيصلي ۾ سردار معظم علي خان عباسي، سردار زاده نجف علي خان ڪماريو ابڙو، ڊاڪٽر محمد سليم خان ابڙو، وڏيرو غلام مصطفيٰ خان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد جو لمس يونيورسٽي جو دورو، امتحاني مرڪز جو معائنو

فياض حسين عباسي جي دوري دوران وائيس چانسلر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ آگاهي ڏني

لمس اهم ادارو آهي جيڪو معياري طبي تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪري ٿو:فياض حسين عباسي

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر فياض حسين عباسي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ڄامشوري جو دورو ڪيو جتي هن نئين تعمير ٿيل اسپتال بلاڪ ۽ سينٽرل امتحاني مرڪز جو معائنو ڪيو جيڪو هاڻ سڀني شعبن جي شاگردن لاءِ آن لائن امتحان وٺي رهيو آهي.دوري دوران وائس چانسلر ڊاڪٽر اڪرام الدين

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ حضرت بي بي فاطمه الزهراؑ جي ايام جي سلسلي ۾ مذهبي پروگرامن ۽ مجلسن جو سلسلو جاري

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ويجهو ڳوٺ ملڻ ڏيرو ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل ٽنڊوآدم جي جنرل سيڪريٽري غوث بخش ڏيرو ۽ ذوار گلزار علي ڏيرو جي نگراني ۾ ايام فاطميه عشري جي مجلسن وڏي عقيدت ۽ احترام سان جاري آهي مجلسن ۾ حمير علي خان فرحان علي ۽ ٻيا ذڪر اهل بيتؑ نوحه خواني ڪئي جڏهن ته

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

Greenstar Social Marketing
DOCTOR DESK

ڪراچي: سرينه ڳوٺ ۾ لڳايل مفت طبي ڪئمپ ۾ مريضن جون معائنو ڪيو پيو وڃي

ڪراچي: وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ شاگردن پاران ملهايل ثقافتي پروگرام جو ڏيک

دوڙ پرسان موٽرسائيڪل ۽ رڪشا ڦٽي ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

مهراڻ هاءِ وي تي حادثي ۾ نوجوان ساجد سولنگي سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

دوڙ(ن ع) دوڙ مهراڻ هائي تي گذريل ڏينهن موٽر سائيڪل رڪشافتو گاڏي سان تيز رفتار سبب ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي۾ نوجوان ساجد سولنگي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت نوابشاهه اسپتال داخل ڪيو ويو جيڪو زخمن جا سور نه سهڻ سبب نواب شاهه اسپتال ۾ فوت ٿي ويو جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

لاڙڪاڻي پرسان مينهن جي واڙي تي ننڊ ستل نوجوان گولين هڻي قتل

ڳوٺ ڏامراهه ۾ ننڊ ستل نوجوان علي رضا ڀنڀرو کي هٿيارٻندن قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي مقتول جو لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ ڏامراهه ۾ مينهن جي واڙي تي ننڊ ستل نوجوان ڳوالو علي رضا ڀنڀرو کي نامعلوم هٿيارٻندن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو موقعي تان جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب اهڙو اطلاع حد جي پوليس اسٽيشن تي علائقي واسين ڏنو پوليس ڏامراهه ٿاڻي جي واقعي واري هنڌ پهچي لاش ايمبولنس ۾ کڻي لاڙڪاڻو چانڊڪا اسپتال پوسٽ مارٽم

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ پراسرار نموني گولي لڳڻ سبب پرڻيل نوجوان ناري زخمي

ڳوٺ جوهر رند واسي وحيده زال نواب رند کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور لڳ راڻومل ويجهو ڳوٺ جوهر رند ۾ پراسرار نموني گولي لڳڻ سبب پرڻيل نوجوان ناري وحيده زال نواب رند زخمي ٿي پئي جنهن کي سمس اسپتال شهدادپور آندو ويو جتان نازڪ حالت هئڻ ڪري حيدرآباد ريفر ڪري منتقل ڪيو ويو نوجوان ناري جص وارثن موجب ته هٿيار صاف ڪندي ڪيس گولي لڳي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ميراڻي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪندي، ٻئي طرف جهيڙي جا زخمي اسپتال ۾ داخل آهن

ٽنڊوباگو ۾ هندو پنچائت جو ڀارتي دفاع واري وزير خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌ پاڪستان جو اٽوٽ حصو آهي ۽ هميشه رهندو: مظاهرين

هندو ڪميونٽي پاڪستان سان دل جان سان محبت ڪري ٿي

ٽنڊوباگو(ٽ ر) ڀارت جي دفاع واري وزير راج ناٿ پاران سنڌ کي ڀارت ۾ شامل ڪرڻ واري اعلان تي ٽنڊوباگو ۾ هندو پنچائت جي سڏ تي هندو ڪميونٽي جي ماڻهن جي وڏي تعداد جيوت رام وڪيل ڪامريڊ اشو لوهاڻو راجو مهراج ۽ جيوت ڪمار لوهاڻو جي اڳواڻي ۾ ڪرناري مندر کان ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته سنڌ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه ۾ ايس ٽي پي جي يوسي چيئرمين خلاف ٻئي ڏينهن به بک هڙتال

15سالن کان يونين ڪائونسل ڪورواهه ۾ ٽڪي جو به ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو ويو:مظاهرين

شهر جا گٽر نالا ٽٽل، ڊرينيج سسٽم ناڪاره، شهر گندگي جي ور چڙهيل آهي

ڪورواهه(ن ع) ڪورواهه شهر جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ يوسي چيئرمين جي مبينا ڪرپشن خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي يونٽ ڪورواهه پاران ابوبڪر ڪچي، مصطفيٰ ڪنڀار اڪبر ڪور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ڪورواهه سامهون ڪن ڏينهن لاءِ علامتي بک هڙتالي ڪئمپ اڄ ٻئي ڏينهن ۾ جاري رهي، ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته گذريل پندرهن سالن کان يونين

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ آل هندو پنچائت جو ڀارتي وزير دفاع خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين پاڪستاني جهنڊا کڻي ڀارت خلاف سخت نعريبازي ڪئي

ڀارتي وزير دفاع جو پاڪستان ۽ سنڌ بابت اشتعال انگيز بيان ناقابل برداشت آهن:مظاهرين

ٺٽو (ڊ ر) ڀارتي وزير دفاع جي اشتعال انگيز بيان خلاف ٺٽو ۾ آل هندو پنچائيت ضلع ٺٽو پاران مڪلي ماتا شنگهه ڀواني مندر کان مين بخاري رڪشا چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ هندو برادري جي مردن بزرگن ۽ نوجوانن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پاڪستاني جهنڊا کڻي ڀارت جي توسيع پسندي ۽ جنگي جنون خلاف

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نوري آباد: صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي مرحوم صحافي عزيز پالاري جي پٽ سان تعزيت ڪندي

ڏوڪري زرعي فارم ڪالوني ۾20 سالن اڳ پائيپ لائن وڇائڻ باوجود گيس نه ملي

اڳوڻي رائيس ريسرچ سينٽر جي ڊائريڪٽر زاهد صديقي ڪالوني لاءِ گئس منظور ڪرائي

پائيپ لائين وڇائڻ بعد 20 سال گذرڻ باوجود گئس اجا تائين چالو نه ٿي سگهي، رهواسي پريشان

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري شهر جي قديمي زرعي فارم ڪالوني جي رهواسين کي گئس جي سهولت نه ملي 2005ع ۾ اڳوڻي رائيس ريسرچ سينٽر جي ڊائريڪٽر زاهد صديقي دوران ڪالوني لاءِ گئس منظور ڪرايل پائيپ لائين به وڇائي وئي، 20 سال گذرڻ باوجود گئس اجا تائين چالو نه ٿي سگهي، ڪالوني اندر ڇيتن ۽ ڪاٺين تي رڌ پچاءُ ٿيڻ لڳي ڪالوني جي رهواسين

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ پوروهيت جي تذليل ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل نه ٿيو

پوروهيت ظفر حسين جي مبينا ڪارنهن الزام هيٺ مجنون ۽ مٺو ڪوڙي تذليل ڪئي وئي

جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

ڪوٽڙي (ن ع) ريلوي ڪالوني ڪوٽڙي جي رهواسي پوروهيت ظفر حسين کي مبينا ڪارنهن الزام هيٺ مجنون ۽ مٺو ڪوڙي تذليل ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٿي نه سگهيو آهي ۽ پوروهيت چيو آهي ته هو سعيدا زال سڌير ڪانڊرو کي بينڪ جي قسط جا پيسا ڏيڻ ويو ته سنڌس مڙس سميت ڇٽن ڄڻن مٿس تشدد ڪيو ۽ تذليل ڪئي هن مطالبو ڪيو ته جوابدارن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ کليل گٽر ۾ ڪري پيل معصوم ٻارڙي جو لاش هٿ، شهرين ۾ تاءُ پکڙيل

کليل گٽر ۾ ڪري پيل اٺ سالن جي بختاور عمراڻي ٻارڙي لاش ڇهن ڪلاڪن بعد هٿ آيو

سڄي سنڌ ۾ شهرين جون زندگيون کليل گٽرن، گندي پاڻي ۽ ناقص انتظاميا سبب خطري ۾ آهن: سجاڳ ڌريون

لاڙڪاڻو (رپورٽ: عبدالوحيد ابڙو) ميئر جي پنهنجي علائقي پرسان اوبي ايف ڪالوني جي مين گيٽ اڳيان کليل گٽر ۾ ڪري پيل اٺ سالن جي معصوم ٻارڙي بختاور عمراڻي جو لاش هٿ اچي وڃڻ واقعي بعد شهر ۾ غم غصي ۽ بيچيني جي لهر پکڙجي وئي آهي جڏهن ته سياسي ۽ سماجي اڳواڻن طرفان سخت ردعمل پڻ سامهون اچي رهيو آهي جي ڊي اي جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: شاگرد مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

پي ايس 9 ڳڙهي ياسين تي اميدوارن کي نشان الاٽ ٿيڻ کان پوءِ چونڊ مهم جو آغاز

پ پ جي نامزد اميدوار آغا شهباز خان دراني پاران مختلف ڳوٺن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون

جي يو آءِ جي اميدوار سيد رشد الله شاهه امروٽي پنهنجي اليڪشن مهم شروع ڪري ڏني

ڳڙهي ياسين /شڪارپور(نمائندن وڪان) شڪارپور جي پي ايس 9 ڳڙهي ياسين تي 14 ڊسمبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊ جي سلسلي ۾ اميدوارن کي نشان الاٽ ٿيڻ کان پوءِ چونڊ مهم جو آغا شروع ڪري ڏنو آهي ان سلسلي ۾ پيا هائوس تي پ پ ضلع شڪارپور جي صدر اڳوڻي وفاقي وزير مير عابد حسين ڀيو جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ پ پ جي نامزد اميدوار آغا

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

شهدادپور بوائز ڊگري ڪاليج جي شاگردن جو بورڊ انتظاميا خلاف احتجاجي ڌرڻو

شاگردن يونس سنجراڻي، پريم ڪمار ۽ ريلي ڪڍي بورڊ انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي

بورڊ انتظاميا ٻاهرن کان رشوت وٺي اي ون ۽ اي گريڊ ڏني مارڪون ڪٽايون آهن: مظاهرين

شهدادپور (ن ع) شهدادپور بوائز ڊگري ڪاليج شهدادپورڪان سوين شاگردن ريلي ڪڍي پريس ڪلب شهدادپور اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو شهيد بينظير آباد ايٽ نواب شاهه بورڊ خلاف سخت نعري بازي ڪئي نواب شاهه بورڊ پاران يارهين ٻارهين ۽ نائين ڪلاس جي غريب مسڪين پورهيتن جي سرڪاري اسڪولن ڪاليج ۾ پڙهندڙن شاگردن سان ناانصافي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ هٿيارٻند ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦري ويا، احتجاج

پنوعاقل(ن ع) محمد اسحاق ميراڻي سنڌ بئنڪ مان جڳهه جا آيل قسط وٺي ڳوٺ طرف وڃي رهيو هو ته سنڌس کي هٿيارٻندن اڍائي لک روپيه روڪ رقم ۽ سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي سرڪاري ۽ خانگي اسپتالن ۾ ڊينگي جا وڌيڪ 81 نوان مريض داخل

سرڪاري اسپتالن ۾ ڊينگي جا 42 نوان مريض ۽ خانگي اسپتالن ۾ وڌيڪ 39 مريضن کي آندو ويو

گذريل چوويهه ڪلاڪن دوران سرڪاري ۽ خانگي ليبارٽرين ۾ 3472 ماڻهن جا ڊينگي ٽيسٽ ڪيا ويا

ڪراچي ۾ سڀ کان وڌيڪ 104 حيدرآباد جي ليبارٽرين ۾ 141 ڪيسز جي تصديق ٿي: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل صوبي ۾ ڊينگي جي صورتحال بابت روزاني رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. جاري ڪيل رپورٽ موجب پوري سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ ڊينگي جا 42 نوان مريض داخل ٿيا، جڏهن ته خانگي اسپتالن ۾ وڌيڪ 39 مريضن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

باڊهه لڳ موٽرسائيڪل جو ٿريشر تي ڪم ڪندڙ پورهيت کي ٽڪر، واٽهڙو سميت ٽي ڄڻا زخمي

باڊهه (ن ع) باڊهه لڳ موٽرسائيڪل جو روڊ پرسان ٿريشر تي ڪم ڪندڙ پورهيت کي ٽڪر لڳڻ سبب ۽ موٽرسائيڪل سوار ۽ راهه ويندڙ سخت زخمي جي پياري محلي جو رهواسي نوجوان برڪت سانيل روڊ پرسان زمين تي وهندڙ ٿريشر تي مزدوري ڪري رهيو هو ته اوچتو موٽرسائيڪل جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

باڊهه: روڊ حادثي جي زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

حيدرآباد: بدين جو رهواسي الله رکيو باڦر خلاف احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ ڪار سوار نوجوان کي هٿيارٻندن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

زميني تڪرار تان هٿيارٻندن پڪو جي رهواسي حضور بخش مغيري تي فائرنگ ڪئي

ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ چانڊڪا اسپتال آندو ويو جتي هن دم ڏئي حوالي ڪيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي حد سٿهن نمبر ناڪي واري علائقي ۾ زميني تڪرار تان هٿيارٻندن فائرنگ ڪري پڪو جي رهواسي ڪار سوار 39 سالن جي همراهه حضور بخش مغيري کي سرٽينگ ڪري ڇڏيو اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪٽائي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

بلوچستان واٽر ريسورسز ڊولپمينٽ سيڪٽر پروجيڪٽ لاءِ 4 ڪروڙ 80 لک ڊالر اضافي قرض منظور

اضافي قرض جي سهولت کان اڳ بجيٽ جي کوٽ سبب دير جو شڪار ٿيل اهم منصوبن جي حصن کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ملندي

رئائن ۾ ۾ جيوري انفلٽريشن گيلري سب پروجيڪٽ، سيري ٽوٽي ڊيم جي ڪمانڊ ايريا جي ترقي ۽ واٽر شيڊ مينيجمينٽ جون سرگرميون شامل

بار بار آيل ڏڪار ڏڪار، پاڻي جي نظام جي ڪمزور صلاحيت ۽ موسمياتي خطرن ماڻهن جي زندگين کي شديد خطرن جي ور چاڙهي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) بلوچستان واٽر ريسورسز ڊولپمينٽ سيڪٽر پروجيڪٽ لاءِ 4 ڪروڙ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ ڳوٺاڻي جو واپاري خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي ڳوٺ مريد لاکير جي ڳوٺاڻي احمد نواز لاکير ڪٽي جي واپار ۾ فراڊ ڪندڙ واپاري امر لعل خلاف آزاد پريس ڪلب ميهڙ ۾ احتجاج ڪندي ڏانهيندي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ ڳوٺاڻن جو سرڪاري گهرن جي تعمير نه ڪرڻ ڏيندڙ بااثر خلاف احتجاج

ڳوٺ وينهون ڏڙو واسين هرجي ڀيل، ارجن، گورڪارام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سرڪاري گهر مليا آهن بااثر اڏڻ نٿو ڏئي، نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: مظاهرين

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڳوٺ وينهون ڏڙو جي رهواسين هرجي ڀيل ارجن ڀيل گورڪارام راسنگ سومار ڏونگر ريشمون چيتن عورتن اسوڪو ڪيڪون پرجو راڌا ۽ ٻين احتجاج ڪندي ۽ ڏانهيندي چيو ته اسان کي ورهين کان نسل در نسل قديمي ڳوٺ وينهون ڏڙو ۾ رهندا پيا اچون هنٽير بوڊ متاثرن لاءِ آيل گهرن جي اسڪيم مان چار سئو اڻهان گهر آيا جيڪي هتي جو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

شهيد بينظيرآباد تعليمي بورڊ جي نتيجن تي مورو جا شاگرد سراپا احتجاج

شاگردن عمران نول، سيد عامر شاهه، عدنان ڪلهوڙو، خالد عالماڻي ۽ احتجاج ڪيو

انتظاميا بااثرن، اثر رسوخ رکندڙن ۽ وڏيرن جي اولاد کي رشوت وٺي مارڪون ڏنيون آهن: مظاهرين

مورو (ن ع) شهيد بينظيرآباد تعليمي بورڊ جي نتيجن تي مورو جا شاگرد سراپا احتجاج بڻجي نڪري آيا سخت نعري بازي ڪئي وئي شهيد بينظير تعليمي بورڊ جي سالياني نائين ۽ يارهين ڪلاس جي امتحان جي نتيجن خلاف گورنمينٽ مهراڻ ڊگري ڪاليج بوائز مورو جي شاگردن ريلي جي صورت ۾ مورو پريس ڪلب اڳيان پهچي احتجاج ڪندي نعري بازي ڪئي شاگردن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: پراسرار گم ٿيل ڳوٺ محمد مراد گهوٽڪي جو رهواسي محمد عثمان

مسڻ ويجهو مهمان ٿي آيل 10 ورهين جو نينگر پاڻي تلاءُ ۾ ٻڏي فوت

مسڻ وڏي (ن ع) مسڻ ويجهو مهمان ٿي آيل 10 ورهين جو نينگر عبدالله پٽ اختيار خاصخيلي پاڻي جي تلاءُ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو خبر موجب مسڻ ويجهو ڳوٺ غلام حيدر شاهه ۾ سنڌس مائٽن سان گڏ تعزيت لاءِ آيل نينگر اوچتو گم ٿي ويو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: محمد آچر ڪوسو جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوآدم ڪاليج جي شاگردن جو تعليمي بورڊ جي انتظاميا خلاف ڪلاسن جو بائيڪاٽ، ڌرڻو

شاگرد شاهه محمد جونيجو، علي جان چنو، فرهاد جدگال، هارون آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي

ريگيولر ۽ هوشيار شاگردن کي سي گريڊ ۽ غير حاضر رهندڙ بااثر شاگردن کي ڊيٽي ليٽي بعد اي ون گريڊ ڏنا ويا آهن: مظاهرين

بورڊ انتظاميا مستقبل تباهه ڪيو آهي جيڪو اسين ٿيڻ نه ڏينداسين انصاف نه ٿيو ته قومي شاهراهه بلاڪ ڪنداسين

ٽنڊوآدم(ن ع) ٽنڊوآدم ۾ ڪاليج جي شاگردن جو نوابشاهه تعليمي بورڊ جي انتظاميا خلاف ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڌرڻو بورڊ انتظاميا تي رشوت وٺي رزلٽ خراب ڪرڻ جا الزام رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو ڪيو

جيل جي اسپتال، مختلف وارڊن، باورچيخاني، مسجد ۽ اسڪول ۾ صفائي جو جائزو ورتو

قيدين جي جائز مسئلن کي حل ڪرڻ بابت جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايتون جاري ڪيون آهن: فضل محمد شيخ

گهوٽڪي(ن ع) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ کي ساڻ ڪري ڊسٽرڪٽ جيل گهوٽڪي پهچي جيل جي مختلف وارڊن، اسڪول، اسپتال، باورچيخاني جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ۽ قيدين کان مسئلا معلوم ڪيا ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته محتسب اعليٰ سنڌ جو مقصد ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي ان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪيبراٽي پوليس ڪارروائي، ڌاڙي ۾ ملوث هڪ روپوش جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪيبر (ن ع) ڪجهه مهينا اڳ ڪيبراٽي ٿاڻي جي حد ڳوٺ فقير نوح هوٿياڻي ۾ زميندار عبدالعليم نوح پوڪو جي گهر ۾ نامعلوم ماڻهون ڪاهي پيا هٿيا جن گهر

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٽاٺوبولاخان ٽائون ڪميٽي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر طرفان ڀارتي دفاعي وزير جي سنڌ بابت اشتعال انگيز بيان خلاف مظاهرو

ٽاٺوبولاخان (ن ع) ٽائون ڪميٽي ٽاٺوبولاخان ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽاٺوبولاخان جي طرفان انڊيا جي دفاعي وزير پاران سنڌ بابت ڏنل ٺڪراءَ ۽ اشتعال انگيز بيان خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

چاهر صاحب: يارهين ۽ نائين ڪلاس جي شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

SINDH POLICE

ڪيبر: منشيات سميت گرفتار ٿيل جوابدار پوليس حراست ۾ بيٺل آهي

پنوعاقل ۾ غيرقانوني ايل پي جي دڪانن خلاف ڪارروائي، هڪ ڄڻو گرفتار

اي سي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 4 دڪان سيل ڪري هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪرايو

خطرناڪ ايل پي جي سرگرميون ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيون وينديون: عروة الوثقيٰ

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ ڪيترن مهينن کان غيرقانوني ايل پي جي جا دڪان ۽ گدام بنا لائسنس ۽ بنا حفاظتي معيار جي هليا پيا وڃن جيڪي شهر جي رهواسين لاءِ وڏو خطرو بڻيل هئا عوامي شڪايتن ۽ وڌندڙ خدشن کي نظر ۾ رکندي اسسٽنٽ ڪمشنر عروة الوثقيٰ غيرقانوني ڪاروبار خلاف وڏي پيماني تي ڪارروائي شروع ڪئي ڪارروائي دوران شهر جي مختلف

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو لڳ لاهور جي سي سي ڊي پوليس پاران ڌوهارين سان مقابلي ۾ ٻن ڄڻن کي مارڻ جي دعويٰ

سنڌ پنجاب سرحدي دنگ وٽ ماڇڪو لڳ مقابلي دوران شهر جهنگ واسي پرويز بلوچ ۽ علي رضا مهدي مارجي ويا

پوليس مارجي ويلن جا لاش رانوتي جي حد ۾ ڦٽا ڪيا ويا اطلاع تي رانوتي پوليس لاش ڪٺائي تعلقه اسپتال پهچايا ويا

واقعي جو ڪيس سي سي ڊي لاهور جي سب انسپيڪٽر شبير حسين اعوان جي مدعيت ۾ داخل ڪيو آهي

اوباوڙو (رپورٽ غلام قمبر بوهڙ) اوباوڙو لڳ سنڌ پنجاب سرحدي دنگ وٽ ماڇڪو لڳ رانوتي ٿاڻي جي حد نورشاهه واري علائقي ۾ لاهور جي سي سي ڊي پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو فائرنگ گولين لڳڻ سبب ٻه ڌوهاري مارجي ويا اطلاع تي رانوتي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مارجي ويل ٻنهي ڄڻن جا لاش

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ شاگردن جو شهيد بينظير آباد بورڊ انتظاميا خلاف احتجاج

شاگردن اميت ڪمار، راشد علي ورياهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بورڊ انتظاميا پئسن عيوض مارڪون ڏئي اسان جي حقن تي ڌاڙو هنيو آهي: مظاهرين

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ۾ ڊگري ڪاليج جي شاگردن اميت ڪمار راشد علي ورياهه ۽ ٻين پاران شهيد بي نظير آباد بورڊ انتظاميا خلاف احتجاج ڪيو ۽ الزام هڻندي چيو ته اسان کي گهٽ مارڪون ڏنيون ويون جن پئسا ڏنا تن کي وڌيڪ مارڪون ڏنيون ويون اسان جا پيپر چيڪ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو چاهر صاحب

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو ۾ عبرت گروپ جي سڏ تي ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي

نيو سامٽيا پرائمري اسڪول ۾ شاگردن قومي لباس اوڍي شرڪت ڪئي

شاگردن ۽ استادن پاران 7 ڊسمبر ثقافتي ڏينهن کي ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان

ڪمال ديرو (ن ع) عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي سڏ تي ڪمال ديرو پرسان پرائمري اسڪول نيو سامٽيا ۾ ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي تقريب دوران ٻارڙن قومي گيتن تي رقص ڪيو 7 ڊسمبر ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو ڪمال ديرو پرسان پرائمري اسڪول نيو سامٽيا ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

دوڙ هائير سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن پاران نوابشاهه تعليمي بورڊ جي چيئرمين خلاف احتجاجي مظاهرو

دوڙ (ن ع) دوڙ هائير سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن پاران نوابشاهه تعليمي بورڊ جي چيئرمين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي پريس ڪلب دوڙ اڳيان ڌرڻو هڻي مطالبو ڪيو ته چيئرمين بورڊ مارڪون پئسن تي وڪرو ڪري اسان غريب شاگردن سان نا انصافي ڪئي آهي ڊي سي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي محمد ڪبير ويجهو پرائمري اسڪول ملهار رند ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن ع) ڪوٽڙي محمد ڪبير ويجهو گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ملهار رند ايٽ قلندر آباد تعلقو محرابپور سيمز ڪوڊ 416050198 يوسي ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ واقع آهي هن اسڪول ۾ 198 شاگردن لاءِ فقط هڪ استاد مقرر آهي جڏهن ته اسڪول ۾ وڌيڪ پنج استادن جي ضرورت آهي

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

راجنات سنگھ

ٽاٺو بولا خان: ڀارتي وزير خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.